
اٽـپـوري خـواهـش
گل محمد سومرو
پيڪاڪ

اٽـپـوري خـواهـش

گل محمد سومرو

پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي

ڊجيٽل ايڊيشن

2022ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

ڪتاب نمبر 180

ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري ۽ ليکڪ وٽ محفوظ آهن. پبلشر ۽ ليکڪ جي

اٽپوري خواهش

ليکڪ: **گل محمد سومرو**

چاپوپهريون: 2020ع

تعداد: 1000 ڪاپيون

لي آئوٽ: سيد آفاق شاهہ

ٽائيٽل: محمد علي شاهہ

قيمت: 300 رُپيا

چپيندڙ: **ايڇ اينڊ آر پرنٽرس، ڪراچي، سنڌ**

چپائيندڙ: **پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي سنڌ**

peacockpublishers@gmail.com

ڪتاب ملڻ جو هنڌ

پيڪاڪ ڪتاب گهر

ڪراچي: 404 رفيق سينٽر، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي_ سنڌ

فون نمبر: 2570527_0341،

peacockbookhouse@gmail.com

حيدرآباد: دڪان نمبر 07 ويجهو ڪلو پکوڙائي، عبرت پريس واري گهٽي،

حيدر چوڪ رابطي لاءِ: دلشاد گوپانگ فون: 3018400_0304

لاڙڪاڻو: ويجهو لياقت ميڊيڪل اسٽور لاهوري محلا لاڙڪاڻو

فهرست

- اداري پاران قمر آفتاب ابڙو 6
- کھاڻين وسيلي سماج ۾ ڊاڪٽر شير مهراڻي 8
  بهتري آڻيندڙ کھاڻيڪار
- پنهنجي پاران گل محمد سومرو 12

01	لائيف ٽائيم ايوارڊ	16
02	ساک جو صدمو	34
03	آسائشن جو انتُ	49
04	ثقافتي ارڏايون	75
05	صبر جو سوادُ	91
06	اٽپوري خواهش	106
07	جذبن جو جادو	123
08	نصيحت	137
09	خودڪشي	143

سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت ڪتاب گھر پاران شاعر ۽ ڪھاڻيڪار گل محمد سومري جي لکيل 9 ڪھاڻين تي ٻڌل مجموعو **"اٽـپـوري خـواهـش"** اوھان اڳيان حاضر آھي.

گل محمد سومري جي ڪھاڻين جا اڪثر موضوع درد ۽ الميـن جـي واقعن تي مشتمل آھن. سندس ڪھاڻين ۾ سماجي، سياسي ۽ معاشي مسئلا، نفسياتي رويا، رشتن جا رويا ۽ سماجي اٽـبـرابـري وارا رويـا عيان آھن. ڪھاڻيون پڙھندي ڪڏھن ڪڏھن اکيون اشڪبار ٿي وڃـن ٿيون. سندس هيءَ ڪاوش سماج جي سڌاري ڏانھن ھڪ وڪ آھي.

هي ڪتاب 2020ع ۾ پيڪاڪ پبلشرز، ڪراچيءَ پاران ڇپايـو ويـو. ٿورائتا آھيون پيڪاڪ پبلشرز ۽ گل محمد سومري جا جن هي ڪـتـاب سنڌ سلامت ڪتاب گھر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

محمد سليمان وساڻ

مينيجنگ ايڈيٽر (اعزازي)

سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام

sulemanwassan@gmail.com

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

اداري پاران

زير نظر ڪتاب "اڻپوري خواهش" ڪهاڻين تي ٻڌل هڪ ڪتاب آهي، جنهن ۾ نامياري ليکڪ گل محمد سومري جون 9 عدد نڪور ڪهاڻيون شامل آهن، انهن ڪهاڻين ۾ اسان جي سماج ۾ موجود سماجي ۽ معاشي مسئلن، نفسياتي رَوين، پنهنجن جي طرفان اختيار ڪيل ورتاءَ جي ڪٿا شامل آهي. ان کانسواءِ انهن ڪهاڻين ۾ سماج ۾ موجود دردن، ڏکن پيڙائن جي عڪاسي پڻ ڪئي وئي آهي. تنهن هوندي بہ هر ڪهاڻي پنهنجي رنگ ۽ ڍنگ ۾ منفرد ۽ نرالي آهي ۽ خاص طور ڪهاڻين ۾ تجسس جو عنصر آخر تائين پڙهندڙ جي ذهن ۾ رهي ٿو.

هن ڪتاب ۾ شامل گل محمد سومري جي ڪهاڻين جو هڪ سرسري جائزو ونڻون تہ اسان کي ڏسڻ ۾ ايندو تہ ڪهاڻي "لائيف ٽائيم ايوارڈ" ۾ هڪ محنتي، هونهار ڇوڪريءَ جي زندگيءَ جو احوال پيش ڪيل آهي، جنهن سان سندس والدين تمام گهڻي محبت ڪن ٿا پر هُو بيماري جي ڪري پنهنجن مائٽن کان وڇڙي وڃي ٿي ۽ والدين جا ارمان اڌورا رهجي وڃن ٿا. ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻي "ساک جو صدمو" ۾ دوستي ۽ رشتن ناتن ۾ اعتبار کي لڳل اڌوهي جو ذڪر ڪيل آهي. تہ ڪيئن هڪ گهاٽو دوست پنهنجي ٻئي دوست کي دوکو ڏئي ٿو ۽ هڪ ماءُ ڏارئي ماڻهو لاءِ پنهنجي پياري ڏيءُ کي ڇڏي هلي ٿي وڃي، هن ڪهاڻي جي پڇاڻي بہ تمام گهڻي المياتي انداز ۾ ٿئي ٿي. ليکڪ جنهن انداز ۾ ڪهاڻي کي ڪلائميڪس تائين پڇايو آهي، ان مان سندس فن جي گهرائي ظاهر ٿئي ٿي. اهڙي طرح وري ڪهاڻي "آسائش جو انت" ۾ اهو ڏيکاريل آهي تہ ڪيئن هڪ محنتي ۽ ايماندار ماڻهو زماني جي چمڪ دمڪ، نماءُ، ڏيک ويک کان متاثر ٿئي ٿو ۽ سادگي ۽ ايمانداري

جي راهه وساري غلط رستو اختيار ڪري ٿو. جنهن ڪري هن کي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پون ٿا. هن کهاڻي ۾ به پڙهندڙن لاءِ هڪ سبق موجود آهي. ائين وري کهاڻي "صبر جو سواد" ۾ اڄوڪي دور ۾ رت جي رشتن کي لڳل باهه جو مؤثر نموني اپٽار ڪيل آهي ته ڪهڙي طرح اڄ اسان جي سماج اجتماعيت کي وساري انفراديت جو دڳ ورتو آهي ۽ رشتن جو پرم تٽڻ لڳو آهي.

اهڙي طرح ڪتاب ۾ شامل ٻين کهاڻين "ثقافتي ارڏايون"، "اٽپوري خواهش"، "جذبن جو جادو"، "نصيحت"، "خودڪشي" ۾ انساني زندگي ۾ موجود مختلف روين رجحانن جي تصوير پڙهندڙن اڳيان رکي وئي آهي، جنهن تصوير ۾ پڙهندڙ زماني جي حالتن کي آساني سان ڏسي سگهن ٿا.

ليکڪ ۽ اديب سماج جا سونهان هوندا آهن. اهڙي طرح گل محمد سومري به هنن کهاڻين ذريعي سماج جي هڪ ننڍڙي جهلڪ پيش ڪئي آهي، جنهن ۾ مختلف رويا ۽ معاملا ڏيکاريا ويا آهن. ظاهر آهي ته انهن جا ڪي سبب به هوندا ۽ جيستائين اهي سبب موجود هوندا ته اهي رويا به جنم ونڊندا رهندا، ان ڪري اڄ جي دور ۾ انهن سببن تي به غور ڪرڻ ۽ انهن کي ختم ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته سماج سنئين دڳ تي هلڻ شروع ڪري.

قمر آفتاب ابڙو
پيڪاڪ پبلشرس

ڪهاڻين وسيلي سماج ۾ بهتري آڻيندڙ ڪهاڻيڪار...

ڪهاڻي ڪنهن واقعي يا حادثي جو تخيلاتي اظهار آهي، جيڪو ڪهاڻيڪار پنهنجي تصور جي بنياد تي ڪندو آهي. هو ڪهاڻيءَ جي لاءِ الڳ دنيا جوڙيندو آهي. هڪ اهڙي دنيا جنهن ۾ هو پنهنجي مرضيءَ سان ڪردار تخليق ڪري ٿو. تاج بلوچ لکيو آهي ته تخليقي عمل، اصل ۾ فرد جي اندر کان ٻاهر، سفر جو نالو آهي. قلمڪار انساني فطرت جي بيتابين ۽ تضادن جي ادراڪ کانپوءِ ئي قبولڻ جوڳو ٻڌجي ٿو. ۽ لکيل حرف کي وقار بخشي ٿو. سول سوسائٽيءَ ۾ سچاپڄڻ ۽ خاص رتبي تي پهچڻ لاءِ جاکوڙي ٿو. هن جي سچاٽپ ۽ اعليٰ پَدُ اصل ۾ ان جي سماج جي لاهين چاڙهين جو عڪاس هجي ٿو." اها حقيقت آهي ته ڪهاڻيڪار جڏهن مختلف واقعن کي احساساتي سطحن تي ڪٽي انهن جو چيد پيش ڪري ٿو ته نه صرف ڪهاڻيون اهم ٿي پون ٿيون پر انهن جو سماج سان به هڪ تعلق جڙي پوي ٿو. ڪامياب ادب آهي ئي اهو، جيڪو سماج سان جُڙيل ۽ جڙيل هجي.

زير نظر ڪتاب "اٽپوري خواهش" اسان جي جاکوڙي ۽ ڪاهوڙي دوست گل محمد سومري جي نون ڪهاڻين تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ ٽائٽل ڪهاڻي اٽپوري خواهش سميت لائيف ٽائيم ايوارڊ، ساک جو صدمو، آسائش جو انت، ثقافتي ارڏايون، صبر جو سواد، جذبن جو جادو، نصيحت ۽ خودڪشي، ڪهاڻيون شامل آهن. گل محمد سومرو صاحب تعليم واري شعبي سان واڳيل آهي، ان ڪري سندس گهڻين ڪهاڻين جا پلاٽ به تعليم جي شعبي سان وابسته آهن. هي ڪهاڻيون ڪهاڻيون

گهڻ الميہ وڌيڪ آهن، جن ۾ سماجي حوالي سان تعليم جي ميدان سان واڳيل گهڻيون شيون ڏنل آهن. هنن کاڻين ۾ شاگردن جي نفسيات بہ ڏنل آهي تہ والدين ۽ تعليمي ادارن کي بہ مختلف حوالن سان بحث هيٺ آندو ويو آهي.

لائيف ٽائيم ايوارڊ هڪ اهڙي هونهار شاگرديائي جي کاڻي آهي، جيڪا تمام گهڻي محنت ڪري ٿي، ڏينهن رات هڪ ڪري پڙهي ٿي ۽ سندس لاءِ گولڊ ميڈل جو بہ اعلان ٿئي ٿو. پر هوءَ بيماري سبب فوت ٿي وڃي ٿي. توڙي جو ليڪڪ نياڻي جي بيماري جو سبب ناهي ڄاڻايو پر پوءِ بہ پڙهندڙ سمجهي وڃي ٿو تہ نياڻي تمام گهڻي محنت ڪرڻ سبب ۽ مسلسل اوجاڳا ڪرڻ سبب بيمار ٿي آخر فوت ٿي وڃي ٿي. اهو ميڈل يا ايوارڊ کهڙي کم جو جيڪو کنهن جي زندگي ئي کسي وٺي. حقيقت ۾ هن کاڻيءَ ۾ هڪ پيغام خاص طور والدين لاءِ آهي، جيڪي پنهنجي اولاد سان تمام گهڻيون اميدون وابسته ڪري کين ڏينهن رات محنت جو درس ڏين ٿا. محنت سڀ ڳالهہ آهي، پر ٻار جي صحت کان وڌيڪ نہ هجڻ گهرجي. والدين کي گهرجي تہ هو ٻار جي تعليم ۽ ان جي رزلٽ سان گڏ انهن جي صحت جو بہ خيال ڪن. اسان وٽ ڪيترائي مثال آهن، جن ۾ ٻارن تمام گهڻي محنت ڪئي، صحت جو خيال نہ ڪيو ۽ نتيجي طور هو پنهنجي زندگيءَ جو ڏيئو ئي وسائي ويهي رهيا. عرف ڪريم رندڙاوا جو مثال بہ اسان جي سامهون آهي، جيڪا ننڍي عمر ۾ ئي تمام گهڻي محنت ڪري وڏي ڪاميابي ماڻي زندگيءَ جي بازي هارائي وئي. اها ڪاميابي حقيقت ۾ ڪاميابي نہ بلڪ ناڪامي آهي. اهڙو ئي هڪ ٻيو مثال گل محمد سومري صاحب جي هڪ ٻي کاڻي خودڪشي ۾ بہ اهڙو ميسيج ڏنو آهي، جنهن ۾ والدين پنهنجي نياڻي تي تمام گهڻي سختي ڪن ٿا ۽ ڪيس وڏو رزلٽ آڻڻ لاءِ دٻاءُ وجهن ٿا. آخر جڏهن هوءَ گهربل نتيجو نٿي آڻي سگهي تہ هيءُ خط لکي خودڪشي ڪري ڇڏي ٿي:

"آءُ سمجهان ٿي تہ آءٌ جيڪو قدم کڻي رهي آهيان، ان سان اوهان کي تڪليف ضرور ايندي ۽ آءٌ بہ پنهنجي آخرت کاري پئي ڪيان. پر ڇا ڪيان منهنجي ڪو ٻڌڻ وارو ئي ڪو نہ هو. آءٌ مسلسل سوچي

سوچي تنگ اچي وئي هئس. بابا جڏهن کنهن سان پيار ڪجي تہ ڪيس سوچڻ ۾ مرضيءَ مطابق دائري اندر زندگي گذارڻ جي بہ آزادي ڏيڻ گهرجي. بيشڪ اولاد جي تربيت ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ تربيت کان سواءِ اولاد اڌوري آهي ۽ اولاد جي بهتر تربيت والدين کان وڌ ڪو ٻيو نہ ٿو ڪري سگهي. پر پيار ۾ اولاد کي پنهنجي خواهشن جي آڙ ۾ غلام بنائي نہ رکجي، پنهنجي خواهشن جي ڄار ۾ قيدي بنائي نہ رکڻ گهرجي. اهو پيار نہ بلڪ اولاد کي ذهني مريض بنائي رکڻ جي هڪ ڪوشش آهي، جيڪا اوهان کي زندگيءَ جي ڪنهن بہ موڙ تي سمجهہ ۾ نہ آئي. آڻ اوهان جي خواهشن جو احترام ڪندي پنهنجي خواهشن جو هر موڙ تي ڳلو ڏبائيندي رهيس، جيترو ٿي سگهيو. مون هڪ فرمانبردار نياڻي ٿيڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي. بابا سائين امتحانن ۾ محنت ڪرڻ جيترو منهنجي وسَ ۾ هو مون وسان نہ گهٽايو. پر رزلٽ منهنجي وس جي ڳالهہ نہ هئي. جنهن ڪري آڻ اوهان جو ٽاگيٽ پورو ڪري نہ سگهيس، مونکي خبر آهي اوهان منهنجي ان رزلٽ تي مونکان ناراض ٿيندا، ان کان اڳ جو اوهان مونکان ناراض ٿيو. آڻ پنهنجو انتُ ٿي آٽيان. نہ هوندس ۽ نہ ئي اوهان جي نافرماني ڪري اوهان جي بار بار دل ڏکوئيندس. ٿي سگهي تہ اوهان منهنجي هيءَ نافرماني معاف ڪندا."

هيءُ هڪ اهڙو خط آهي، جنهن ۾ درد جون ستون ۽ سِٽون آهن. خاص طور ڪهاڻين جو هيءُ ڪتاب سيني والدين کي پڙهڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ هن ۾ سماجي حوالي سان والدين جي نفسيات ۽ ٻارن جي نفسيات تي تمام گهڻو مواد موجود آهي. هيءُ ڪتاب ڪاميابين ۽ ناڪامين جو داستان آهي. هڪ پاسي اهڙيون ڪهاڻيون آهن، جن ۾ ٻارڻ تي ناحق سختي ڪرڻ جا خراب نتيجا ڏيکاريل آهن. يا ڪي اهڙيون ڪهاڻيون آهن، جن ۾ سماجي حوالي سان ڪلاس جو فرق سامهون اچي ٿو. اٽپوري خواهش اهڙي ئي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ڪهاڻيءَ جا مکيہ ڪردار خانداني طور هڪ ٻي کان گهڻو پري ٻيئل آهن، ۽ جڏهن هو ڪورٽ مئريج ڪن ٿا تہ ڇوڪريءَ جو پيءُ جيڪو پوليس آفيسر آهي اهو ڇوڪري جو "انڪائونٽر" ڪري ڇڏي ٿو جنهن

جي خبر پوڻ تي ڇوڪري بہ خودڪشي ڪري ڇڏي ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ بہ سخت طبيعت والدين لاءِ هڪ ميسيج آهي تہ جيڪڏهن ٻيجا سختي رکي وئي تہ اولاد کي بہ غلط قدم کڻي سگهي ٿو. هن ئي ڪتاب ۾ ٻئي پاسي "صبر جو سواد" هڪ اهڙي نوجوان جي ڪهاڻي آهي، جنهن جا سڳا رشتا ساڻس نفرت ڪن ٿا ۽ هو پنهنجي پيءَ جي گذاري ويڙ ڪان پوءِ درزڪي ڏنڊي ۾ پنهنجي استاد سان رهي ٿو. جيڪو ڪيس پڙهائي ٿو ۽ هو محنت ڪري سي ايس ايس جو امتحان پاس ڪري ٿو ۽ پنهنجي استاد جو سهارو بڻجي ٿو. هيءَ هڪ ڪاميابين جي ڪهاڻي آهي.

مطلب تہ هن ڪتاب ۾ شامل سيني ڪهاڻين ۾ ڪو نہ ڪو سبق موجود آهي. هڪ اهڙو سبق جنهن تي عمل ڪري اسان پنهنجين زندگين کي بهتر بڻائي سگهون ٿا.

هي ڪهاڻيون پڙهندي ڪيترن ئي هنڌن تي اڪين جون پنبڻيون ڦنيون آهن. خاص طور تي ويساهہ گهاتيءَ تي ٻڌل ڪهاڻي ساک جو صدمو ۽ "خودڪشي" ۾ ليڪڪ درد کي وڏي ڪاريگريءَ سان پيش ڪيو آهي. هو سماج مان ڪردار کڻي انهن جو سور بيان ڪري ٿو. جيڪو سور سماجي ڪٽارسس طرف وڏي ٿو. آرٽ جو سماجي ڪارج بہ اهوئي آهي تہ ان وسيلي سماج ۾ سڌارا آڻجن. گل محمد سومري صاحب جون ڪهاڻيون سنئون سڌو اسان جي سماج سان وابستہ آهن، ۽ انهن ۾ هڪ سلجهيل ۽ ذهين شخص جا ويچار آهن. ڪهاڻين جو هيءُ ڪتاب خاص طور تي تعليمي شعبي سان وابستہ ماڻهن لاءِ انتهائي اهم ۽ ڪارائتو ثابت ٿيندو.

ڊاڪٽر شير مهراڻي
ڪراچي يونيورسٽي

پنهنجي پاران

هن ڪتاب ۾ آءٌ دنيا جي حالاتن کي ڏسندي قلم جي طاقت سان ڪهاڻين جي صورت ۾ پنهنجا جذبا اوهان آڏو پيش ڪيان ٿو. منهنجو هن ڪتاب ۾ ڪهاڻين جي صورت ۾ ڪيل اظهار ان حقيقت کي واضح ٿو ڪري ته جنهن دور کي اسين سائنس جي ترقي، شعور، تعليم، ترقي، جدت ۽ علم و ادب جو دور چئي رهيا آهيون، اها بلڪل حقيقت آهي ته هي دور سائنس جو ترقي يافته دور آهي، انسان جديد تعليم حاصل ڪري پنهنجو پاڻ کي باشعور سمجهي رهيو آهي، اسين دنيا جي علم، ادب، تاريخ، مذهب، ثقافت ۽ قومن جي بين الاقوامي تاريخ کان واقف آهيون پر افسوس جو اسين ان حقيقت کان بلڪل ناواقف آهيون ته اسان کي معاشري ۾ ڪهڙيءَ ريت زندگي گذارڻ گهرجي، انسانيت ڇا آهي؟، اسان جي مٿان ڪهڙا حق ۽ فرض آهن؟ انهن سڀني ذميوارين جي ڄاڻ هجڻ باوجود به اسين پاڻ کي اڻ ڄاڻ سمجهندي ۽ معصوم سمجهندي ڪن لاتار ڪري پنهنجي خواهشن کي پورو ڪرڻ ۾ مست ٿي ويندا آهيون.

هن دور ۾ هڪ پاسي اسين ترقي ڪري رهيا آهيون ته ٻئي پاسي دولت، شهرت ۽ وڏن وڏن عهدن جي تڪبر تي ڪنهن کي پاڻ جهڙو سمجهڻ ته ڇا تصور به نه ٿا ڪري سگهون ۽ ان تڪبر جي ڪري اسين صرف پنهنجي خواهشن کي پورو ڪرڻ لاءِ ٻين جي جذبن، عزت ۽ انهن جي زندگيءَ سان کيڏي رهيا آهيون. مطلب ته هن وقت جنهن وٽ دولت آهي ته ان انسان جي عزت به آهي ته طاقت ۽ شهرت به اهو ئي ماڻي سگهي ٿو باقي جيڪڏهن ڪو غريب ۽ مجبور انسان آهي ته پوءِ دنيا ۾ ڪيس زندگي گذارڻ جو حق به نه آهي. جيڪڏهن ڪو غريب انسان سڪ

جو ساهه ڪٽي رهيو آهي تہ يقينن ان جي پويان بہ ڪنهن سرنديءَ واري جوهٽ هوندو. اسين دنيا جي آسائشن حاصل ڪرڻ جي حرص ۾ سڀ ڪجهه وساري وينا آهيون تہ اسان کي دنيا ۾ موڪلڻ جو مقصد ڇا هو۽ اسين زندگي ڪهڙي مقصد لاءِ گذاري رهيا آهيون؟

اولاد جي بهتر کان بهتر پرورش والدين کان وڌيڪ ٻيو ڪو بہ نٿو ڪري سگهي. ۽ بهتر تربيت ڪرڻ بہ الله جي طرفان عطا ڪيل هڪ ڏاڻ آهي جيڪو هر هڪ والدين ۾ ناهي هوندو. وڏڙن جو چيل پهاڪو بلڪل سچ آهي جيڪو ڏاڍو سو گابو. جديد دور ۾ ڪجهه والدين پنهنجي اولاد جي تربيت ڪندي ڪين پنهنجي بهترين تربيت مطابق آزاد زندگي گذارڻ جو حق ڏيڻ بدران انهن کي پنهنجي خواهشن موجب زندگي گذارڻ لاءِ سختيون مڙهي آزاديءَ سان زندگي گذارڻ جي عمل کان هميشہ لاءِ محروم ڪري ڇڏين ٿا، جنهن ڪري اها اولاد اڳتي هلي پنهنجي اولاد سان بہ اهڙو ئي رويو اختيار ڪري ٿي. اهڙي طرح اهو عمل نسل در نسل هلندو رهي ٿو. ان کان سواءِ اسين پنهنجي خانداني رسم ۽ رواجن کي حديث جي اهميت کان وڌ سمجهڻ لڳا آهيون. انهن خانداني رسمن ۽ رواجن کي اسان ائين سمجهندا آهيون جيئن پٿر تي ليڪ، پوءِ انهن جي پورائي لاءِ اسان جي آڏو اولاد جون خوشيون، معاشري جو احساس، دنيا ۾ نوجوانن جون خواهشون ۽ جذبا ڪا بہ معنيٰ نہ ٿا رکن. انهن رسمن ۽ رواجن پويان اسان جي وڏڙن جا خاندان تباهہ ٿيو ٿا وڃن، سڪيلڏيون نياڻيون موت جي گهاٽ چڙهي ٿيون وڃن، نوجوان پنهنجي جواني وڃائي ٿا ويهن، ڪارو ڪاري جا ڪيس ۽ ڪورٽن ۾ شادين ڪرڻ وارا معاملا پڻ انهن ريتن ۽ رسمن جي هَٺَ ۽ تڪبر جي ڪري ٿا آڏو اچن. تہ پوءِ ڇا اها تعليم ۽ ترقي آهي؟ . نہ اسان کي ڪتابن پڙهڻ سان گڏ دنيا جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ سان گڏ سائنسي معلومات حاصل ڪرڻ سان گڏ قران جي تعليم حاصل ڪرڻ سان گڏ پنهنجو پاڻ کي تبديل ڪرڻو پوندو پنهنجي سوچ کي تبديل ڪرڻو پوندو. پنهنجي خواهشن سان گڏ ٻين جي خواهشن جو خيال ۽ احساس پيدا ڪرڻو پوندو پنهنجي اولاد جي بهتر تربيت ڪرڻ سان گڏ انهن کي آزاد زندگي

گذارڻ جو اختيار بہ ڏيڻو پوندو. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ جيڪڏهن اسان پنهنجي اولاد جي بهترين تربيت ڪندا سين تہ ڪڏهن بہ غلط قدم نہ کڻندي. تہ پوءِ ڇونہ انهن تي سختيون مڙهڻ بدران سندن بهترين تربيت ڪجي. چاهي اهو پٽ هجي يا نياڻي. ٻنهين کي هڪ جيترا حق ڏيڻ گهرجن. ائين ڪرڻ سان ئي اسين پاڻ کي تعليم يافتہ، ترقي يافتہ ۽ باشعور سڏائي سگهڻ جو حق رکي سگهون ٿا. ۽ معاشري مان ڪارو ڪاري، ڪورٽ مئرج، خودڪشي ۽ هڪ ٻئي کي رات جي اونداهين ۾ رشتن جي تڪرار تي قتل ڪرڻ وارا واقعا گهٽي قدر گهٽجي ويندا. ۽ گهرن جا گهر برباد ٿيڻ کان بچي ويندا. ڪاش جو اسين ڪتابن پڙهڻ سان گڏ انهن مان حاصل ڪيل ڄاڻ موجب عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيون. تہ سڀ ڪجهہ بهتر ٿي ويندو.

گل محمد سومرو

اٽـپـوري خـواهـش

(کھاٽيون)

لائيف ٽائيم ايوارڊ

رات جي پهر جا ٻه ٽي رهيا هئا، برسات آهستي آهستي تيز ٿيندي پئي وڃي، هڪ ٽ تيز برسات جو آواز، هر گهر جي ڇتين تان پاڻي جو نيسارن ذريعي هيٺ وهڻ جو آواز ۽ ٻيو وري بجلي بند هئڻ سبب پاڙي جي هر گهر مان جنريٽرن جي آواز سيني جي اکين مان نند ڦٽائي ڇڏي هئي. اڪثر ائين ٿيندو آيو آهي ته جڏهن ب مِينهن وسندو آهي ته ڏگهي وقت لاءِ بجلي ايئن بند ٿي ويندي آهي جيئن ڪا شادي شده عورت اوچتو پنهنجي مڙس سان ڪنهن بي عورت کي ڏسي بنا سوچي سمجهي پيڪين هلي ويندي آهي. پاڙي جا ٻار، نوجوان، بزرگ روڊ جي پاسن کان ويهي وقت ب گذاري رهيا هئا ٽ وري برسات جو لطف ب وٺي رهيا هئا. سليم ۽ سندس گهر واري مومل پنهنجي فليٽ جي گيلري مان برسات جي وسڪاري مان لطف وٺي رهيا هئا. سلميٰ پنهنجي ڪمري جو دروازو ٻيڪڙي ٻئي ڏينهن تي ٽيندڙ طبيعات جي پيپر جي تياري ڪري رهي هئي. جڏهن ٽ دروازو ٻيڪڙ باوجود ب تيز برسات جو آواز، جنريٽرن جو شور، بادلن جي گجگوڙ ۽ نيسارن مان وهندڙ پاڻي جو آواز سلميٰ جي پيپر جي تياري ۽ سمجهڻ جي عمل ۾ مسلسل رڪاوٽ پيدا ڪري رهيا هئا. پر سلميٰ ب هڪ با همت، سُلجهيل، مستقل مزاج، ۽ فرض شناس ڇوڪري هئي. انهن سيني رڪاوٽن جو هوءَ وڏي همت ۽ بهادريءَ سان مقابلو ڪندي پيپر جي تياري ڪري رهي هئي. سندس پلنگ تي چادر بدران ڪتابن ۽ ڪاپين جو ڍڳ هو. سلميٰ گول وهاڻي تي هڪ ڪاپي رکي طبيعات جي پيپر جي تياري ڪري رهي هئي. پلنگ جي پر ۾ هڪ پاڻيءَ جو جگ ۽ استيل جو گلاس رکيل هو. جيڪو وقفي وقفي سان سلميٰ پي رهي هئي. پيپر جي تياريءَ ۾ سلميٰ کي پاڻيءَ جي گرم ۽ ٽڏي

هئڻ جي فرق جي کا بہ پرواھ نہ هئي. اوچتو سندس والد سليم آهستي آهستي دروازو کوليو ان خيال سان تہ جيئن دروازي جي آواز تي سلميٰ جي ننڊ ڦٽي نہ پوي. سليم جيئن ئي دروازو کولي ڪمري ۾ داخل ٿيو تہ اچرج ۾ پئجي ويو. ڇا ڏسي تہ سلميٰ پيپر جي تياري ۾ ايڏا تائين مصروف آهي.

ڏيءُ! تون هن وقت تائين پيپر جي تياري ڪري رهي آهين؟ پُٽ آرام بہ ضروري آهي. سليم حيرت منجهان سلميٰ جي ويجهو اچي سندس مٿي تي هٿ ڦيري ساڻس مخاطب ٿيندي چيو.

سلميٰ پنهنجي آڱرين ۾ ڦاٽل پينسل وارو ساڄو هٿ وات آڏو آڻيندي اوباسي ڏيڻ بعد ٽڏو ساھ پريندي، ها بابا سائين پيپر تمام ڏکيو آهي ان لاءِ هن مهل تائين تياري ڪري رهي آهيان. بابا سائين منزل ماڻڻ لاءِ محنت ڪرڻي پوندي آهي.

پر ڏيءَ ڪجھ آرام بہ تہ ضروري آهي نہ سليم شفقت واري انداز ۾ سلميٰ سان مخاطب ٿيندي هڪ قدم اڳتي وڌي پاڻيءَ جو جگ کڻي جيئن ئي گلاس ۾ پاڻي پريو تہ پاڻي گرم هو. سليم خاموشيءَ سان گلاس جو پاڻي واپس جگ ۾ وجهي ڪمري کان ٻاهر هليو ويو. سلميٰ حيرت منجهان ڪنڌ کڻي پين کاپيءَ تي رکي والد ڏانهن نهارينديِ ڪانئس ڪمري کان ٻاهر وڃڻ جو سبب پڇڻ چاهيو پر پڇي نہ سگهي. بابا سائين منهنجي دير تائين جاڳڻ تي مون کان ناراض تہ نہ ٿي ويو؟ يا مون بابا سائين کي ويهڻ جي آڇ نہ ڪئي؟ پر بابا سائين مون کان ناراض نہ ٿو ٿي سگهي، بابا سائين تہ منهنجي جان آهي. پر ها بابا سائين کان منهنجي اوجاڳي جي تڪليف برداشت نہ ٿي سگهي هوندي. سلميٰ سوچن جي ان سمنڊ ۾ غوطا کائي رهي هئي تہ اچانڪ والد کي ٻيهر ڪمري ۾ داخل ٿيندي ڏٺائين. سلميٰ سوچن جي سمنڊ مان ٻاهر نڪري آئي سلميٰ جي دل کي ٻيهر آڇت ٿي. سليم جي هڪ هٿ ۾ پاڻيءَ جو جگ ۽ ٻي هٿ ۾ کير جو گلاس هيو. هر روز کير ۾ ننڊيا ڦوٽا وجهي کاڌهڻ کان پوءِ آڻرائي فرج ۾ رکي ٽڏو ڪري سيئي گهر ياتي پيئڻ بعد آرامي ٿيندا هئا. امتحانن جي تياريءَ جي ڪري سلميٰ کڏهن رات جو

تہ ڪڏهن نيراني ڪير پيئڻ کان پوءِ نماز پڙهي اسڪول وڃڻ لاءِ تيار ٿيندي هئي. پر اڄ سليم پنهنجي ڏيءَ جي لاءِ پاڻ ڪير ڪٽي اچي ڪمري ۾ پهتو. سليم پلنگ جي ساڄي پاسي کان ويهي سلميٰ جي مٿي تي هٿ رکي سلميٰ جي اکين ۾ اکيون ملائي شفقت منجهان سلميٰ کي ڪير جو گلاس هٿ ۾ ڏئي آهستگيءَ سان ڳالهائيندي چيو" ڏيءَ گهٽي دير ٿي چڪي آهي ٽڪجي پئي هوندين،ءَ هي ڪير پي ۽ هاڻي آرام ڪر.

بابا سائين ڪاميابي ۽ منزل بنا محنت ۽ قربانين جي ناهن ملنديون. ان لاءِ اوجاڳا ڪرڻ ڪا وڏي ڳالهه نہ آهي سلميٰ والد کي وراڻيو. سلميٰ ڪير پي گلاس پلنگ جي پر ۾ رکي ٽڏو ساهه پري ٻنهين هٿن سان پنهنجا وار اکين ۾ نرڙ تان هٽائي مٿي تي رکيل رئو ٻيهر صحيح ڪري پنهنجو مٿو والد جي ڪلهي تي رکي وڏو ساهه پريندي چيو تہ بابا سائين آءٌ هيءَ محنت ان ڪري نہ ٿي ڪيان تہ آءٌ پڙهي لکي ڪنهن وڏي عهدي تي پهچان. پر منهنجي علم حاصل ڪرڻ جو اصل مقصد صرف ۽ صرف اهو آهي تہ آءٌ ايتري قابل ٿيان جو اوهان جي بزرگيءَ ۾ آءٌ اوهان جي ٻانهن ٻيلي ٿيان. اوهان پنهنجي من جي حسرتن کي آڏو رکندي مستقبل جي خوشحاليءَ لاءِ جنهن ٻوٽي جي شفقت ۽ پيار جي ڇانوَ ۾ پرورش ڪري رهيا آهيو. بابا سائين آءٌ اوهان جي صرف نياڻي نہ پر پٽ ٻہ آهيان. ان لاءِ آءٌ مستقبل ۾ هڪ ڇانوَ ڏيندڙ ۽ ميويدار وڻ ثابت ٿي ڏيکاريندیس. بابا سائين آءٌ پنهنجي ڪردار ۽ محنت سان اوهان جي زندگيءَ ۾ سکون پيدا ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪنديس. بس! آءٌ هميشہ الله جي ذات کان اها ئي دعا گهرندي رهندي آهيان.

سلميٰ جي آٽت ڏيندڙ حوصلن کي بلند ڪندڙ جذبن کي جاڳائيندڙ مستقبل ۾ خوشحالي، سکون، بي فڪريءَ جو پيغام ڪٽي ايرندڙ سج ۽ موتين جي مالها جهڙن لفظن سليم جو من موهي ڇڏيو. سليم جي خوشيءَ جي لڙکن اکين جا پردا ڦاڙي سندس جهول ۽ ڳل آلا ڪري ڇڏيا. ها امان اهو ڏينهن ضرور ايندو پر تون تہ هاڻي ٻہ اسان جي نيٽن جو نار آهين. سليم پنهنجي ڪاپي هٿ جي ٽن آڱرين سان پنهنجا

لڙڪ اُگهندي منجهيل لفظن ۾ چيو.

بابا سائين اوهان جي اکين جي آلاڻ؟ ڇا اوهان جي ڏيءُ کي غلط لفظ ته نه چئي ورتو؟ بابا سائين اوهان جا ڳل لڙڪن سان آلا؟ سلميٰ پيءُ جي منجهيل لفظن جي پرک ڪندي يڪدم ڪنڌ ڪٽي پنهنجي هٿ جي آڱرين سان سليم جا لڙڪن سان آلا ڳل صاف ڪندي حيرت منجهان وراڙيو.

امان! هي خوشيءَ جا ڳوڙها آهن. تنهنجي چيل لفظن منهنجو من موهي ڇڏيو. جنهن ڪري خوشيءَ منجهان منهنجي اکين مان پاڻي تري آيو آهي. سليم ڏيءَ جي پيشاني چمندي مٿي تي هٿ رکي مسڪرائيندي جواب ڏنو.

هيننئر رات جو پويون پهر ٿي چڪو آهي ڏيءَ آرام بہ ضروري آهي. صبح پيپر بہ ڏيڻو اٿئي، هاڻي تون آرام ڪر. سليم شفقت واري انداز ۾ اهو جملو چئي ڪمري جو دروازو ٻيڪڙي پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو ويو.

صبح جو آذان جي آواز تي سلميٰ جي اک کلي، وضو ڪري نماز پڙهي، ناشتو ڪري سلميٰ اسڪول هلي وئي.

منجهند جو هڪ ٽي رهيو هو سومل منجهند جي ماني پچائي رهي هئي ته ڪنهن دروازو کڙڪايو. سومل سمجهي وئي ته سلميٰ هوندي. سومل گئس جي باهه هلڪي ڪري دروازو کولڻ لاءِ اڳتي وئي جيئن ئي دروازو کوليائين ته سامهون سلميٰ جي سهيلي فائزه نظر آئي. سندس هٿ ۾ سلميٰ جو ڪتابن جو بستو هو ۽ ٻي هٿ ۾ سلميٰ جو هٿ پڪڙيل هيو. سلميٰ ان جي پويان فائزه جي ڪلهن تي پنهنجو مٿو رکي بينل هئي. فائزه جي چهري تي سڪٽي مُرڪ هئي. فائزه جيئن ئي سلميٰ جي امڙ کي نياڻيءَ جي حالت تي اچرج ۾ ٻي حال ٿيندي هوش کان ٻاهر ٿيڻ جو ڏسي عقل مان ڪم ونندي چيو. ماسي پريشان ٿيڻ جي ڪا بہ ڳالهه نه آهي. گرميءَ سبب سلميٰ جي معمولي طبيعت خراب ٿي آهي. ڪا ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهه نه آهي سلميٰ کي آرام جي ضرورت آهي.

اوهان ڄاڻو ٿا ته اسين پينرن جيان هڪ ٻئي تي ساهه ڏيندڙ

سهيليون آهيون. ماسي مون سلميٰ کي ڏسي ستت اهو فيصلو ڪيو ته سلميٰ کي گهر تائين ڇڏي اچان. ان لاءِ جيئن ئي بابا جاني مون کي ونڻ آيو ۽ مون بابا کي سلميٰ جي طبيعت جو ٻڌايو ته بابا به منهنجي فيصلي کي هٿي ڏيندي چيو ته اها تمام سٺي ڇالهه آهي ته اسين سلميٰ کي گهر ڇڏيندا پوءِ پنهنجي گهر هلون. اوهان بلڪل نه گهبرايو. فائزه سلميٰ جي ماءُ کي تسلي ڏيندي چيو.

ها پٽ تون به اسان جي نياڻي آهين، ڏيءَ اندر اچ، سومل سلميٰ جي هٿ کي پڪڙي آهستي آهستي ڪري گهر جي ڊرائنگ روم ۾ صوفي تي ويهاري. فائزه جي لاءِ پاڻيءَ جو گلاس پري آئي. امان ساهه پٽ گرمي گهٽي آهي. مان اوهان جي لاءِ جلدي شربت ٺاهي وٺان، بس اوهان ٻئي ويهو. سومل فائزه کي عزت ڏيندي چيو.

فائزه پاڻيءَ جا ٻه ڊڪ پري گلاس ميز تي رکي سلميٰ جي امڙ کان موڪلائڻ چاهيو ۽ کيس شربت نه ٺاهڻ لاءِ چوندي ٻڌايو ته ماسي هيٺ بابا جاني گاڏيءَ ۾ منهنجو انتظار ڪري رهيو آهي، ان لاءِ ٻئي پيري اوهان وٽ شربت ضرور پيئندس. ماسي سلميٰ جو خيال ڪندا، آڻ وڃان پئي، اجازت ڏيندا. سومل فائزه جي مٿي تي هٿ رکي سندس پيشاني چمندي اجازت ڏيندي چيو امان دل ته نه ٿي چئي توکي بنا ڪجهه کارائڻ پيئارڻ جي وڃڻ ڏيان پر هيٺ تنهنجو بابا جاني انتظار ڪري رهيو آهي. ان لاءِ توتي وڌيڪ زور نه ٿي ڀريان. امان سدائين خوش هوندينءَ شل ڏکيو ڏينهن نه ڏسندينءَ. سومل فائزه کي دعائون ڏيندي موڪلايو. فائزه تکڙا تکڙا قدم پري هيٺ هلي وئي ۽ سومل نياڻيءَ کي پنهنجي ڪمري ۾ هوريان هوريان ڪري ونئي وئي پر سومل، سلميٰ جي گرم جسم مان محسوس ڪيو ته سلميٰ جي طبيعت معمولي نه بلڪ گهٽي خراب ٿي لڳي.

سومل ان وقت ئي سليم کي فون ڪري گهرايو. سليم سلميٰ جي بيماريءَ جي خبر ٻڌي ته سندس هوش حواس ڪم ڪرڻ ڇڏي ويا. ڪيس سمجهه ۾ نه پيو اچي ته آڻ ڇا ڪيان ڇا نه ڪيان، هو حيرت منجهان پنهنجي آفيسر جي ڪمري ۾ بنا اجازت جي داخل ٿيو: سائين منهنجي

نياڻيءَ کي الائي چا ٿي ويو آهي. سليم جا هڪڙا پگهر لهن پيا ته ٻيا چڙهن پيا. ٽنگون ٻئي ڏکي رهيون هيون، وڏا ساهه کڻي رهيو هو. سائين، سائين منهنجي نياڻي کي الائي جي ته چا ٿي ويو آهي. مان گهر ٿو وڃان. سليم اهي جملا ٻيهر دهرائيندي صاحب کان موڪلائي سهڪندو واپس ڪمري کان ٻاهر نڪرڻ لڳو. ٻه ٽي ٽڪڙا قدم کنيائين ئي مس ته. صاحب پويان سليم کي سڏ ڪيو.

سليم هڪڙو منٽ ترس : منا تنهنجي نياڻي اسان جي ٻه نياڻي آهي. صرف هڪڙو منٽ ترس. صاحب جي جملي ٻڌڻ تي سليم قدم روڪي نماڻي انداز ۾ ڪنڌ ورائي صاحب ڏانهن اهڙيءَ ريت نهاريو جيئن ڪيس مشڪل وقت ۾ ڪنهن وڏو سهارو ڏنو هجيس. سليم ڏٺو ته صاحب پنهنجي ڪرسيءَ پرسان بينو آهي. سندس هڪ هٿ ۾ ڪجهه هزار هزار جا نوٽ اٿس. صاحب ٻئي هٿ سان سليم کي ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ اشارو ڪيو. سليم جو ڪنڌ لڙڪيل هو. سليم پنهنجي ٻنهين هٿن سان منهن تان ڳڙندڙ پگهر صاف ڪيو. اکيون مهٽيندي ڪرسيءَ تي وينو. پر نياڻيءَ جي بيماريءَ جي خبر واري بيچينيءَ ڏهني طور سليم جا هوش ۽ حواس ختم ڪري ڇڏيا هئا. صاحب پنهنجي هٿ ۾ پکڙيل هزار جا 10 نوٽ ڏار ڪري سليم جي آڏو اڇي سليم جي اڇيان واري ڪيسي ۾ رکي ساڳيو هٿ سليم جي ڪلهي تي رکي ٽڏو ساهه پري ڪنڌ کي هاڪار جيان هلڪو هِلائي سليم سان مخاطب ٿيندي چيو! سليم نياڻيون ته نياڻيون ٿيندیون آهن رب هر نياڻيءَ کي خوش ۽ آباد رکي. پروردگار تنهنجي نياڻيءَ تي ٻاجهه ڪندو. تون دل نه لاءِ. اهو چئي صاحب پنهنجي ڊرائيور دلاور کي سڏ ڪيو. دلاور ڪمري ۾ پهتو. سائين حڪم ڪيو؟ دلاور سليم صاحب کي تڪڙ ۾ سندس گهر ڇڏي اچ. سليم ڪرسيءَ تان اٿي ٻئي هٿ ٻڌي صاحب کي دعائون ڏيندو دلاور سان گڏ گهر ڏانهن روانو ٿيو.

سومل پنهنجي ڪمري ۾ سلميٰ جي تيز تپ جي ڪري سندس متي تي ٽڏي پاڻيءَ جون پٽيون رکي رهي هئي. سلميٰ جي صحتيابيءَ لاءِ رب کي ٻاڏائي رهي هئي ته گهنٽي وڳي. گهنٽيءَ جي آواز تي سلميٰ

يڪدم ڇيو بابا اچي ويو. سومل دروازو کوليو تہ سليم تکڙا تکڙا قدم ڪٹي ڪمري ۾ داخل ٿيو. سليم جي قميض پگهر ۾ آلي هئي. مٹي جا وار وکريل هئا. سلميٰ جي ٻڪ ۾ ويهي سندس مٹي تي هٹ رکي پيشاني چمندي پٹ مون کي خبر پئي تہ منهنجي راٹي بيمار آهي پر سلميٰ تہ بلڪل ٹيڪ آهي. بهادر انسانن جي ڪڏهن بہ طبيعت خراب ناهي ٹيندي. سليم نياڻيءَ کي دلاسو ڏيندي چيو. پر سليم جنهن وقت سلميٰ جي مٹي تي هٹ رکيو هو تہ سلميٰ جي بخار سبب پيشاني تمام گهٹي گرم هئي. اهو ڏسي سليم حيران ٿي ويو ۽ لڪ ۾ سومل کي ڈاڪٹر وٹ هلڻ لاءِ اشارو ڪيائين.

سليم ۽ سومل ٹئڪسيءَ ۾ سلميٰ کي پاڙي جي هڪ ميڈيڪل سينٹر تي علاج لاءِ وٹي ويا جيڪو گهر کان سڌ پنڌ تي هو پر طبيعت جي ناسازيءَ ڪارڻ سليم ٹئڪسي ڪرائڻ مناسب سمجهي. ان ميڈيڪل سينٹر تي سليم جو هڪ ڪلاس فيلو ڈاڪٹر احتشام احمد ۽ سندس زال ڈاڪٹر نيلوفر ميڈيڪل آفيسر جي حيثيت سان ڪم ڪندا هئا. ڈاڪٹر احتشام ۽ ڈاڪٹر نيلوفر سليم جا فيملي ڈاڪٹر هئا. بهتر ۽ پراڻي تعلق جي ڪري سليم هميشہ سُٹت ئي وڃي معائنو ڪرائيندو هو ۽ اها اجازت سليم کي خاص طور تي ڈاڪٹر احتشام پاران ملي هئي. سليم ميڈيڪل سينٹر تي پهچي ڈاڪٹر احتشام سان ملڻ لاءِ ڪمري ۾ داخل ٿيو تہ سلميٰ جي هڪ ٻانهن والد جي ڪلهن تي تہ ٻي ٻانهن والده جي ڪلهن تي هئي. سلميٰ والد ۽ والده جي سهاري اندر داخل ٿي ڈاڪٹر احتشام اها حالت ڏسي يڪدم پنهنجي ڪرسيءَ تان اٹي سلميٰ جي ويجهو آيو. ڈاڪٹر احتشام سلميٰ جو هڪ هٹ پڪڑي وڏي پيار منجهان استريچر تي ليٹايو. منهنجي ڏيءَ کي ڪجهہ بہ تہ ناهي ٹيو. پٹ سلميٰ تو جهڙي بهادر ڏيءَ همت هاري وئي بابا ڪجهہ بہ ناهي ٹيو. هي سليم تہ چريو آهي هرو ڀرو توکي پريشان ڪندو آهي. ڈاڪٹر احتشام سلميٰ جي مٹي تي هٹ رکي شفقت واري انداز ۾ دلاسو ڏيندي سندس حوصلن کي بلند ۽ همت ڪرڻ جي هدايت ڪئي. آڃ بہ تہ تنهنجي بابا جاني جهڙو آهيان. ڪا وڏي ڳالهہ نہ آهي ڏيءَ تون بي فڪر

ٿي.

اڙي يار تون بہ بلڪل درويش آهين توکي ڪيترا ڀيرا سمجهايو اٿم تہ منهنجي نياڻي يا ڀاڄائي جي معمولي طبيعت بہ جيڪڏهن خراب ٿئي تہ مون کي گهر گهرائيندو ڪر. پر تنهنجو دماغ منهنجي سمجهہ کان ٻاهر آهي. ڊاڪٽر احتشام ڪاوڙ ۾ تہ سليم کي چيو پر ٻئي دوست هجائتا هئا ان ڪري سليم ان جي ڳالهين کي ٽاريندي مسڪرائيندو رهيو.

ڊاڪٽر احتشام جڏهن سلميٰ جو بخار چيڪ ڪيو تہ 104 ڊگري بخار هو. ڊاڪٽر احتشام پنهنجي خاص روم ۾ سلميٰ کي داخل ڪيو ۽ ڪجهہ ٽيسٽ وغيره ڪرايائين. ٽيسٽ وغيره تہ نارمل هئا پر بخار گهٽ ٽيڻ جو نالو ئي نہ پيو وٺي. ڊاڪٽر احتشام هڪ ٻن ڏينهن لاءِ پنهنجي ميڊيڪل سينٽر ۾ داخل ڪرڻ چاهيو ان اميد تي تہ بخار 24 ڪلاڪن اندر گهٽ ٿي ويندو. سلميٰ جو علاج مسلسل هلي رهيو هو. سليم ۽ سومل سلميٰ سان گڏ ڊاڪٽر احتشام جي طرفان مليل هڪ خاص ڪمري ۾ رهيل هئا. سليم ۽ سومل جي لاءِ ماني ٽڪيءَ جو بندوبست ڊاڪٽر احتشام ۽ سندس گهر واري ڊاڪٽر نيلوفر ڪندا هئا.

چار مهينا گذري ويا، ڊاڪٽر احتشام ۽ ڊاڪٽر نيلوفر چوٽيءَ جا زور لاتا، پر بخار گهٽ ٽيڻ جو نالو ئي نہ پيو وٺي. سلميٰ مسلسل بخار هيٺ جي ڪري جسماني طور تي تمام گهٽي ڪمزور ٿي چڪي هئي. ان عرصي دوران سليم جو صاحب ۽ آفيس جو ٻيو عملو وقفي وقفي سان اسپتال سليم سان نياڻيءَ جي عيادت لاءِ ايندا رهندا هئا. واپسيءَ تي سليم جي مدد لاءِ ڪيس هڪ لفافو ضرور ڏئي ويندا هئا. سلميٰ جون ٻيون سهيليون ۽ فائزه بہ ڪيترائي ڀيرا سلميٰ جي بيمار پُرسي لاءِ اسپتال ايندیون رهنديون هيون. ان عرصي ۾ سلميٰ تہ بخار ڪارڻ ذهني ۽ جسماني طور ڪمزور ٿي چڪي هئي پر سليم ۽ سومل جي پنهنجي نياڻيءِ تي نظر پوڻ تي سندن اکين مان نير پيا وهندا هئا. هوبئي مڪمل طور تي جهري پيا هئا ڪمري جي ڪنڊ ۾ ويهي رب کي پيا ٻاڌائيندا ۽ ريجهائيندا هئا. ان حالت ۾ بہ ان ڳالهہ جو خيال ڪندا هئا تہ اسان جي

لڙکن تي سلميٰ جي نظر نہ پوي. سومل ۽ سليم پنهنجي نياڻيءَ جي صحتيابيءَ لاءِ وڏا ڪشالا ڪڍيا پر ڪنهن بہ ڦڪيءَ ۾ ڪو فرق ئي نہ پيو پوي.

جمعي جو ڏينهن هو. منجهند جا ٻہ ٽي رهيا هئا. سومل پلنگ جي پيراندي ڪان سلميٰ جي پيرن تي زور ڏئي رهي هئي. سليم هڪ ڪنڊ ۾ مُسَلي تي وينو رب کي ريجهائڻ لاءِ الله جو ورد ڪري رهيو هو ۽ پنهنجي نياڻيءَ جي صحتيابيءَ لاءِ سڏڪن منجهہ ٻاڏائي رهيو هو تہ اوچتو ڪمري ۾ سلميٰ جي اسڪول جو پرنسپل داخل ٿيو. پرنسپل کي ڏسي سومل يڪدم پنهنجي مٿي جو رئو صحيح ڪندي اٿي بيني. سائين اوهان؟ سومل اسڪول جي پرنسپل سان وڏي ادب منجهان حيران ٿيندي چيو. سومل جي ان جملي تي سليم بہ ورد روکي ڪنڊ ڦيرائي ڏنو تہ اسڪول جو پرنسپل سلميٰ جي بيمار پُرسي لاءِ سندس پرسان بينو آهي. سليم يڪدم مُسَلي تان اُٿي بغير چپل پائڻ جي تکڙا قدم پري اچي پرنسپل سان ٻئي هٿ ملائي وڏي اخلاق ۽ ادب منجهان مليو ۽ ڪيس هڪ ڪُرسيءَ تي ويهڻ لاءِ عرض ڪيو.

پرنسپل ڏنو تہ سليم گهنجيل ڪپڑا، وار ٻنا سينڊ نڪتل ڏڳها، ڏاڙهي وڌيل، قميض جا بٽڻ کليل، اها حالت ڏسي پرنسپل صاحب جو هانءُ جهري پيو. ڏيءَ جو صدمو ماءُ ۽ پيءُ کي بي حال ڪري ڇڏيندو آهي. ان ڪري وقت جي هٿان مجبور پيءُ ۽ ماءُ جي تڪليف کي دلاسي ڏيڻ کانسواءِ ڪجهہ ڪري بہ نہ پيو سگهي.

هاڻي ڪيئن آهي طبيعت اسان جي ذهين، فرمانبردار ۽ محنت ڪندڙ نياڻيءَ سلميٰ جي؟ پرنسپل سلميٰ ڏانهن نهاري سليم کان وڏي احترام سان ڳالهائيندي پڇيو.

سائين بس! بخار جي گهٽجڻ لاءِ وڏا حيلا ڪيا آهن پر دوائون اثر نہ ٿيون ڏيکارين هاڻي سيني جون دعائون ئي منهنجي سلميٰ کي تندرستي عطا ڪري ۽ زندگي بچائي سگهن ٿيون. سليم نماڻائيءَ واري انداز ۾ بي وس انسان جيان ڪنڊ هيٺ جهڪائي پرنسپل صاحب سان مخاطب ٿيندي جيئن ئي لفظ ڌهرايا تہ اکين مان لڙڪ ڪري پيا سليم

جهت پٽ پنهنجي هٿ سان لڙڪ اگهي ورتا. ۽ ڳالهه جاري رکندي چيائين ته سائين اوهان به منهنجي شهزاديءَ جي صحتيابيءَ لاءِ اسڪول جي ٻارن کان اسيمبليءَ ۾ دعا گهرايو شال معصومن جي دعا ڏٽيءَ در آگهامي پويءِ منهنجي گلن جهڙي پريءَ تي رب جي مهر ٿي پوي.

ها سائين اوهان اسان جي نياڻيءَ لاءِ معصوم ٻارن کان دعا ڪرايو سومل هٿ ٻڌي پرنسپل صاحب کي روئندي عرض ڪندي چيو.

سليم هيءَ ادڙي ڪير آهي؟ پرنسپل صاحب سومل ڏانهن نهارينديسليم کان پڇيو.

سائين هيءَ سلميٰ جي جيجل آهي. بس! سلميٰ جي بيماريءَ اسان جو جيءُ جهوري ڇڏيو آهي. اسان جي زندگيءَ مان خوشين جا ڏيئا وسامي ويا آهن. ڇا ڪجي ڇا نه ڪجي ڳالهه سمجهه کان ٻاهر آهي. سليم هڪ هٿ جي آڱرين سان پنهنجا لڙڪ اگهي پرنسپل صاحب کي جواب ڏنو.

الله غفور رحيم آهي، ڏکيا سکيا ڏينهن انسانن تي ئي ايندا آهن. اوهان مايوس نه ٿيو. اها حقيقت آهي اولاد جي درد جي تڪليف ماءُ ۽ پيءُ کي ئي ٿيندي آهي. همت نه هاريو اوهان جا لڙڪ ڏسي سلميٰ به همت هاري ويهندي. اوهان کي جهرندو ڏسي هوءَ اڃ ئي موت کي اکين سان ڏسندي. هن وقت سلميٰ کي اوهان جي سهاري، ڇاهت، قرب ۽ دعائن جي ضرورت آهي. پرنسپل صاحب سليم ۽ سومل کي دلاسو ڏيندي سندن همت ۽ حوصلو بلند رکڻ جي نصيحت ڪئي.

سليم همت نه هار سلميٰ جلد نيڪ ٿي ويندي. ڏکن پويان سک ايندا آهن. آءٌ حقيقت ۾ سلميٰ جي طبيعت معلوم ڪرڻ سان گڏ اوهان کي هڪ نه پر ٻه خوشخبريون پڻ ٻڌائڻ آيو آهيان. پرنسپل صاحب پنهنجي بيگ مان هڪ لفافو ڪڍي پنهنجي جاءِ تان اٿي ٻينو. سليم جي پر ۾ ببيهي ٽڏو ساهه پري لفافو سليم کي هٿ ۾ پکڙائي تسلي ڏيندڙ لفظ ڏهرايائين.

سائين ڪهڙيون خوشخبريون سليم خوشيءَ مان نه ماپندي پرنسپل صاحب ڏانهن نهارينديپڇيو.

هڪ ته سلميٰ مئٽرڪ جي سالياني امتحانن ۾ ٻيون نمبر پوزيشن ماڻي آهي ۽ ٻيو ته سلميٰ مونٽيسري کان مئٽرڪ تائين اسان جي اسڪول ۾ تعليمي رڪارڊ موجب هڪ ڏينهن بہ موڪل ناهي ڪئي. سلميٰ اسڪول ۾ پڙ هر سال پهرين پوزيشن ماڻيندي رهي آهي. سلميٰ اسان جي اسڪول جي هڪ قابل فخر ۽ اسان جي اسڪول جو نالو روشن ڪندڙ شاگرد ياڻي آهي. ان سلسلي ۾ چنچر واري ڏينهن اسڪول ۾ هڪ سالياني پروگرام رکيو آهي، ان پروگرام ۾ سلميٰ جو ۽ اوهان جو هجڻ تمام ضروري آهي. ڇاڪاڻ ته اسان اسڪول پاران سلميٰ جي ڪارڪردگي جو قدر ڪندي هڪ گولڊ ميڊل تيار ڪرايو آهي. سلميٰ جو بورڊ جي سالياني امتحانن ۾ ٻيون نمبر حاصل ڪرڻ اسان جي لاءِ تمام گهڻي فخر جي ڳالهه آهي. اسان کي سلميٰ تي تمام گهڻو ناز آهي. ان لاءِ آڱ اوهان لاءِ ڪجهه مدد طور رقم ڪٽي آيو آهيان جيڪا هن لفافي ۾ موجود آهي ۽ ان ۾ پروگرام جو دعوت نامو پڻ موجود آهي. اميد ته اوهان ضرور ايندا ۽ ها آڱ ڊاڪٽر احتشام سان ملي آيو آهيان، ان کي سڄي حقيقت ٻڌائي اٿم. ان مونکي ايترو يقين ڏياريو آهي ته هو هر ممڪن ڪوشش ڪري سلميٰ جي ايتري ٽريٽمنٽ ڪندو جو هوءَ ڪجهه گهڙين لاءِ اسڪول اچي پنهنجي هٿن سان اهو ميڊل حاصل ڪري سگهي. پرنسپل صاحب سليم سان ڳالهائي ئي رهيو هو ته اوچتو ٽڪل ۽ ٽُنڊل لفظن ۾ معصوميت ڀريو آواز آيو "بابا ڇا جو ايوارڊ"؟ . سلميٰ اسپتال جي پلنگ تي ائين آرامي هئي جيئن ڪيترن ئي ورهين کان ڪوما ۾ پيل ڪو مريض هن دنيا کان لاتعلق متيءَ جي پتلي جيان پيو هجي. سلميٰ جي اڳيان جا ڪارا گهاٽا وار سندس اکين جي معصوميت ۽ بي تابيءَ تي پهريدار بڻيا اکين کي ڍڪيون پيا هئا. چپ خشڪ هئا. ساڄي هٿ جي رڳ ۾ ڪينولا لڳل هئي جنهن جي ذريعي هڪ ڊرپ جا قطرا تمام آهستگيءَ سان جسم ۾ داخل ٿي رهيا هئا. ان بيهوشيءَ جي حالت ۾ سلميٰ جي ڪنن تي پنهنجي ڪاميابيءَ جي ڳالهه ڪهڙيءَ ريت پئي اهو الله جي ذات ئي بهتر پئي ڄاڻي. هر انسان جي دل ۾ اڳتي وڌڻ، ڪاميابي حاصل ڪرڻ، زندگيءَ ۾ خوشحالي اچڻ ۽ تندرست

زندگي گذارڻ جي خواهش هر وقت تر و تازه رهندي آهي.

سلميٰ جي اوچتو زبان تي چند لفظن سليم ۽ سومل جي دنيا ۾ خوشين جي هڪ نئين لهر پيدا ڪري ڇڏي. سندن جسم ۾ڄڻ ٻيهر ساهه ٻڌجي ويو هجي. سومل ۽ سليم کي وڏي عرصي کان خوشين جي جنهن سج جي اپرڻ جو ٻي چينيءَ سان انتظار هو سلميءَ جي آواز سومل ۽ سليم جي ان انتظار جو ڳلو ڏٻائي دل ۾ سمايل سلميٰ جي تندرستيءَ وارن خوابن کي ساڻيان جو روپ ڏيندي خوشين جي سِج اپرڻ جو پيغام ڏنو. سليم ۽ سومل ڪيترن ڏينهن کان سلميٰ جي معصوم چهري ۽ ڪمزور حالت کي ڏسندي اکين مان نير وهائيندي بس! ڏٺيءَ کي ٻاڏائيندا هئا. سلمي جي انهن لفظن سليم ۽ سومل کي هڪ نئين زندگي عطا ڪئي. هو ٻئي جهٽ پٽ ڊوڙي ويجي سلميٰ جا ڳل چمندي مٿي تي رکي، سندس هٿ پڪڙي ان پيار منجهان سڏ ڪري رهيا هئا. جيڪو پيار ننڍ پڻ ۾ سلميٰ ڀهريون پيرو پنهنجي زبان تي ٻاتڙي ٻوليءَ ۾ لفظ "امان" چيو هو ۽ سندس جيجل ماءُ جو جگر خوشيءَ منجهان ڀرجي وڏو ٿي ويو هو. ان وقت سومل پنهنجي چنڊ جي چانڊاڻ جهڙي خوبصورت ۽ معصوم پري سلميٰ کي پنهنجي سيني سان لائي ان جا اهي چپ چمندي رهي جن چپن تي لفظ "امان" هن ڀهريون پيرو ٻڌو هو. اڄ اهو ڏينهن 16 ورهين بعد وري آيو. سلميٰ جي انهن لفظن تي پرنسپل صاحب جون اکيون ٻه خوشيءَ جي لڙکن سان آليون ٿي ويون. پرنسپل صاحب يڪدم پنهنجي هٿ جي ٻن آڱرين سان پنهنجي ڳلن تي ڪريل اهي لڙک اگهي ڇڏيا. اهو ويچار ڪندي ته جيڪڏهن آءٌ ٻه انهن آڏو لڙک ڳاڙيندس ته پوءِ ڪين آٽت ڏيڻ وارو ڪير هوندو. هنن جي زندگي مان خوشين جا پن خزان جي موسم جيان ڇٽي ڇڪا آهن. پر اچانڪ جيڪڏهن سلميٰ جي آواز سندن زندگيءَ ۾ بهار جي مند جي صبح صادق واري هوائن وارو جهونڪو ڳهلائي جيون جي سوچن ۾ ساوڪ پيدا ڪئي آهي ته پوءِ بهتر اهو آهي ته آءٌ ڪين ايجا ٻه دلاسن ۽ آسرن جي طاقت سان طاقتور ڪري سندن حوصلا بلند ۽ توڪل جي تارازيءَ تي ايمان مضبوط ڪرڻ جي ممڪن ڪوشش ڪري بعد ۾ اجازت گهران.

سلميٰ پيءُ جي منڙي آواز ۾ امڙ سومل جي معصوميت پريل لهجي ۾ پکاريندڙ آواز تي پنهنجا خمارن پريا نيٺ آهستگيءَ سان کولي حيراني ءَ جي حالت ۾ امڙ ۽ بابا جو چهرو ڏسندي رهي. پر کجهه وڌيڪ ڳالهائي نه سگهي.

ڏيءَ هي ڏس پرنسپل صاحب اوهان کي مبارڪ باد ڏيڻ آيو آهي. اوهان بورڊ جي امتحانن ۾ ٻيون نمبر پوزيشن ماڻي آهي. سليم ۽ سومل جي اکين مان خوشيءَ جا لڙڪ ڳڙندا رهيا ۽ انهن گڏجي سومل سان ڳالهائيندي اهي لفظ ڌرايا.

سلميٰ اهي لفظ ٻڌي امڙ ۽ ابي ڏانهن خماريل نيٽن سان نهارينديوري پرنسپل صاحب ڏانهن نهاريو. ۽ سڏڪا ۾ري خاموش ٿي وئي. وڌيڪ ڳالهائي نه سگهي. سلميٰ جي سڏڪن ۽ خماريل نيٽن پرنسپل صاحب جو من موهي ڇڏيو.

امان همت ڪر پُٽ، توکي دنيا ۾ کجهه ٿي ڏيکارڻو آهي، اوهان کي پنهنجو، پنهنجي والدين ۽ اسان جو نالو روشن ڪرڻو آهي. امان اوهان کي کجهه ۽ ناهي ٿيو. بس! تون همت نه هار. تون هڪ بهادر ٻِيءُ جي بهادر نياڻي آهين پُٽ. پرنسپل صاحب هڪ هٿ سان پنهنجو چشمو لاهي آليون اکيون مهٽي سلميٰ سان شفقت واري انداز ۾ مخاطب ٿيڻ لڳو. پرنسپل صاحب ڏٺو ته سلميٰ جي اکين مان ۽ ٿي لُڙڪ وهي اچي ڳلن تي وکريل وارن منجهه جذب ٿي ويا آهن.

ها، سائين سلميٰ جي خشڪ زبان تان اٽپورن لفظن ۾ جواب ٻڌندي پرنسپل صاحب تمام گهڻو خوش ٿيو. سلميٰ جي زبان تان اهي لفظ ٻڌي سومل ۽ سليم جي زندگيءَ ۾ خوشيءَ جي اهڙي ته لهر پيدا ٿي، جيئن ٿر جي ڏڪاريل ۽ ستايل ماڻهن جي زندگيءَ ۾ برسات پوڻ کان پوءِ بهاري پيدا ٿيندي آهي. سليم ۽ سومل پنهنجي رب جي حضور شڪر ادا ڪندي نياڻيءَ جي مڪمل صحت لاءِ ٻاڌائيندا رهيا. ٻئي پيار ۽ سڪ منجهان پنهنجي نياڻيءَ جا ڳل چمندا رهيا. سيني جي دعائن رنگ لاتو ۽ سلميٰ جي بي جان ۽ ڪمزور جسم ۾ ايتري سگهه پيدا ٿي جو سلميٰ پنهنجي والد سليم جي اشهد آڱر کي پنهنجي هٿ جي ٻن آڱرين سان

پڪڙي معمولي زور ڏئي سليم ڏانهن نماڻا نيٺ ڪٽي نهاري چيو ته بابا جاني.. سليم پنهنجي نياڻيءَ جا اهي لفظ ٻڌي اوچنگارون ڏئي لڙڪن سان آلن ۾ ڏکندڙ چپن کي چوريندي اڻپورن ۾ ٻُڌل لفظن ۾ سلميٰ جي پيشاني چمي ان سان مخاطب ٿيندي چيو ها منهنجي امان تون بلڪل نيڪ آهين. ايتري ۾ ڊاڪٽر احتشام ۾ سندس گهر واري ڊاڪٽر نيلوفر پڻ ڪمري ۾ داخل ٿيا. سليم ۾ سومل انهن کي ڪمري ۾ داخل ٿيندو ڏسي اوچتو رڙ ڪندي چيو "سائين سلميٰ ڳالهائي ٿي سگهي".

وڏي حيرت ۾ خوشيءَ منجهان ڊاڪٽر احتشام ۾ ڊاڪٽر نيلوفر تڪڙا قدم ڪٽي سلميٰ جي پلنگ جي سيراندي‌ءَ کان ٻيهي سلميٰ جي نرڙ تي هٿ رکيو. وڏي پيار منجهان سلميٰ کي آسرو ڏيندي سندس حوصلا بلند ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چيو "سلميٰ ڏيءَ اوهان هاڻي تمام جلد پنهنجي گهر صحت مند ٿي وڃي سگهندا". ڊاڪٽر احتشام جا آڇت ڏيندڙ لفظ ٻڌي سلميٰ پنهنجي ڪنڌ کي هلڪو هيٺ مٿي ڪري "هاڪار" ڪئي. پر اکين مان وقفي وقفي سان وهندڙ لڙڪ ڪمري ۾ موجود سڀني جو جيءُ جهوري رهيا هئا. پرنسپل صاحب کان سلميٰ جي اکين مان وهندڙ لڙڪ برداشت نه ٿي سگهيا. نيٺ هو ڪنڌ هيٺ ڪري پلنگ جي پيراندي‌ءَ کان ٻيهي سين کي الله نگهبان چئي يڪدم ڪمري کان ٻاهر نڪري آيو. ڪمري کان ٻاهر اچي اسپتال جي هڪ ڪنڊ ۾ بيهي هٿ ۾ رکيل هڪ ٽشو پيپر سان پنهنجي اکين مان وهندڙ لڙڪ صاف ڪري پنهنجو پاڻ سان مخاطب ٿيندي چيائين "پروردگار اگر ڪنهن کي تون اولاد عطا ڪرين ٿو ته پوءِ صحت به عطا ڪر. اولاد جي تڪليف ماءُ ۾ پيءَ جي لاءِ ڏاڍي اوکي آهي." اهي لفظ چئي هو تڪڙا قدم پري هليو ويو.

چنچر جو ڏينهن هو. اسڪول ۾ فنڪشن جون تياريون ٿي رهيون هيون. اسڪول جا سڀيئي ٻار پنهنجي والدين سان سهي سنبري سُهٽا ويس وڳا پائي امتحانن جي نتيجي اچڻ جي خوشيءَ ۾ اسڪول جي هال ۾ گڏ ٿي رهيا هئا. هر ڪو پنهنجي پنهنجي ساٿين سان ۾ والدين سان پروگرام ۾ شروع ٿيڻ کان اڳ واري فرصت دوران سيلفيون ڪڍي رهيو

هو تہ کي وري هڪ ٻئي جي تصويرن کيڙ ۾ مصروف هئا. پروگرام صبح 9 بجي شروع ٿيڻو هو. ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر پروگرام ۾ مهمان خاص طور اچڻو هو. استيج جي ڇا تہ سجاوٽ هئي. استيج تي ٻہ ميزون گهري سائي ڪپڙي سان سجايل نظر اچي رهيون هيون انهن مان هڪ ميز تي سالياني امتحان ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرٽيفڪيٽس ۽ شيلڊس هيون، ٻيءَ ميز تي هڪ گولڊ ميڊل، هڪ لائيف ٽائيم اچيومنٽ ايوارڊ ۽ شيلڊ رکيل هئا جيڪي خاص سلميٰ جي لاءِ هئا. هال ۾ موجود سلميٰ جون سهيليون ۽ انهن جا والدين سلميٰ جي بيماريءَ تي ضرور ڏکائتا هئا ۽ سلميٰ جي صحتيابي لاءِ پڻ دعاگو هئا. پر اسڪول جي ايتري وڏي پروگرام ۾ خاص طور تي سلميٰ جي لاءِ اهي ايوارڊ ڏسي انهن کي دلي خوشي ٿي رهي هئي.

اسڪول جي پرنسپل صاحب سلميٰ جي سهيلي فائزه کي پنهنجي آفيس ۾ گهرايو. فائزه پرنسپل صاحب جي آفيس ۾ اجازت وٺي داخل ٿي تہ آفيس ۾ اڳواٽ مس جويريہ پڻ سيٽ تي ويٺل نظر آئي. مس جويريہ مئٽرڪ ڪلاس ۾ سلميٰ جن جي سيڪشن جي ڪلاس ٽيچر پڻ هئي. پرنسپل صاحب وڏي احترام ۽ شفقت منجهان فائزه کي ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ هٿ جو اشارو ڪيو. مهرباني سر فائزه وڏي ادب منجهان پرنسپل صاحب کي مهرباني چئي ڪرسيءَ تي ويهي رهي. بابا اوهان کي خبر آهي تہ سلميٰ جي طبيعت ناساز آهي ۽ اسڪول جو پروگرام خاص طور ان لاءِ ئي رکيو ويو آهي. هن وقت ٻہ سلميٰ اسپتال ۾ داخل آهي. پر ها سندس طبيعت ۾ ايترو تہ فرق آهي جو هوءَ ڪنهن جي سهاري سان استيج تي اچي پنهنجا ايوارڊ حاصل ڪري سگهي. پرنسپل صاحب مس جويريہ ۽ فائزه سان مخاطب ٿيندي چيو تہ آءٌ اوهان کي اها ذميداري ٿو سونپيان تہ منهنجي گاڏيءَ ۾ وڃي اسپتال مان سلميٰ ۽ سندس والدين کي وٺي اچو. پرنسپل صاحب ڊرائيور کي گهرايو ڪيس سمجهائي انهن کي روانو ڪيو. پاڻ مهمان خاص جي انتظار، اسڪول جي استقباليہ دروازي وٽ مهمانن جي آجيان ۽ اسڪول جي پروگرام جي نگراني ڪرڻ لاءِ بيهي رهيو. ڊپٽي ڪمشنر صاحب پنهنجي وقت تي سرڪاري

گاڏيءَ ۾ ٻن پوليس اهلڪارن ساڻ اسڪول پهچي ويو. ڪيس وڏي مان ۾ مرتبي سان هال ۾ سپ ڪان اڳ رڪيل صوفن تي ويهاريو ويو. هر هڪ کي پنهنجي جاءِ تي ويهڻ جي هدايت ڪئي وئي. پروگرام جو آغاز تلاوت قرآن پاڪ سان ڪيو ويو. بعد ۾ پرائمري ڪلاس جي شاگردن ۾ شاگردياڻين گلاب جي گلن جي ورکا سان مهمان خاص جو استقبال ڪيو. پروگرام جو باقائده آغاز ٿي چڪو هو. اسڪول جي مختلف ٻارن ٽيبلوز پيش ڪري پروگرام کي خوبصورت بنائڻ ۾ ڪا کسر نه ڇڏي. ان ساڻ وقفي وقفي سان شاگردن جو سالياني امتحاني نتيجو پڙ پڌرو ڪندي پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن ۾ سرٽيفڪيٽ ۽ ايوارڊ ورهايا ويا. سلميٰ جو ايوارڊ ۽ سندس سرٽيفڪيٽ مهمان خاص جناب ڊپٽي ڪمشنر جي هٿان ملڻو هو. تمام گهڻي دير ٿي چڪي هئي. پرنسپل صاحب جي نظر اسڪول جي استقباليه دروازي ڏانهن هئي. هو ظاهري طور مهمانن سان ڳالهائي رهيو هو پر حقيقت ۾ سندس پورو خيال سلميٰ جي اچڻ ۾ هو. اسڪول جي سيني شاگردن جا سرٽيفڪيٽ ۽ ايوارڊ ورهائجي چڪا هئا. پرنسپل جويريه جو نمبر ملائي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر مس جويريه جو نمبر بند هو. اوچتو اسڪول جو دروازو ڪليو. مس جويريه ۽ فائزه اسڪول ۾ اندر قدم اهڙيءَ ريت رکيو جيئن ڪيترائي ڪوهه پنڌ سفر ڪري منزل نه ماڻيندڙ انسان جا قدم ڪڇندا آهن. پر ان حالت ۾ انهن سان گڏ ٻيو ڪو به نه هو. پرنسپل يڪدم پنهنجي سيٽ تان اٿي انهن ڏانهن وڃڻ لڳو. مس جويريه ۽ فائزه جون اکيون لڙڪن سان آليون هيون، چهري تي غم جا بادل ڇانيل هئا. پرنسپال جيئن ئي سندن ويجهو پهتو ته هو سڏڪن ۾ پئجي ويون.

ڇا ٿيو بابا؟ سلميٰ ڪٿي آهي؟ آخر هو ڇو نه آئي ۽ اوهان ڇا لاءِ روئي رهيا آهيو؟ آخر ٿيو ڇا آهي؟ پرنسپال حيرت منجهان مسلسل سوال ڪندو رهيو.

سر سلميٰ جي زندگيءَ جو ڏيئو وسامي ويو. هوءَ هن دنيا ۾ ناهي رهي. سائين نه رڳو سلميٰ پر سلميٰ جي وڇوڙي جو صدمو برداشت نه ڪندي سندس والد به دم ڏٽيءَ حوالي ڪيو. سر ڊاڪٽر احتشام جي

چوڙ مطابق سلميٰ جي والده پنهنجي نياڻي ۽ مڙس جي صدمي جو اثر دماغ تي ٿي وڃڻ سبب هوءَ به پنهنجي ذهني صلاحيت وڃائي ويني آهي. مس جويريه رئي جي ڪنڌ سان پنهنجا لڙڪ اُگهي سڏڪا بند ڪري ٽڏوساهه پري ڇيو.

اهو ٻڌي پرنسپل جا هوش اڏامي ويا ڏينهن هجڻ باوجود اکين آڏو اونداهه ٿي وئي. ائين ٿي لڳو جيئن هڪ ئي گهرجي سيني ياتين تي قيامت نازل ٿي چڪي هئي. ظاهر ۾ ته پروگرام جاري هو. هر ڪو پنهنجي پنهنجي حصي جون خوشيون ملهائي رهيو هو. پر پروگرام جو انتظام ڪندڙ پرنسپال کي هر طرف کان سلميٰ جي موت ۽ سندس گهر جي بربادي۽ جو منظر نظر اچي رهيو هو. ڪجهه گهڙين لاءِ پرنسپل سوچن جي سمنڊ ۾ مايوس ٿي غرق ٿي ويو. پر اوچتو غوطا کائي هوش سنياليو هيڏانهن هوڏانهن واجهائي پنهنجو پاڻ کي آڏت ڏئي حوصلو بلند رکندي ڊپٽي ڪمشنر ڏانهن نهاريو لڳو ته ڪمپيئر جو آواز سندس ٻڌڻ ۾ آيو ته هاڻي اسين پروگرام جي مهمان خاص محترم جناب ڊپٽي ڪمشنر صاحب کي اسٽيج تي اچڻ جي دعوت ٿا ڏيون ته هو اچي اسان جي اسڪول جي قابل، فرمانبردار، سلجهيل ۽ ذهين شاگرد ياڻي سلميٰ بنت سليم احمد کي اچي گولڊ ميڈل،هڪ لائيف ٽائيم اچيومنٽ ايوارڊ ۽ شيلڊ ڏين. ياد رهي ته اسان جي اسڪول جي قابل فخر شاگرد ياڻي سلميٰ جنهن هن سال مئٽرڪ بورڊ جي سالياني امتحانن جي نتيجي ۾ ٻئين نمبر تي پوزيشن حاصل ڪئي آهي ۽ ان سان گڏ هڪ حيران ڪندڙ خصلت ته مونٽيسوري کان وٺي انٽين درجي تائين سلميٰ پنهنجي تعليمي ڪارڪردگيءَ ۾ هر سال پهريون نمبر حاصل ڪيو،عبرت ۾ وجهندڙ قابل فخر ڳالهه ته مونٽيسوري کان مئٽرڪ تائين، ان عرصي دوران سلميٰ ڪا به موڪل نه ڪئي.

ڊپٽي ڪمشنر صاحب جي اٿڻ تي پنڊال ۾ موجود تمام مهمان احترام ۾ اٿي بيٺا ۽ زوردار تاڙين ۾ سندس استقبال ڪيو. مهمان خاص اسٽيج تي اچي ويٺو. بعد ۾ ڪمپيئر سلميٰ ۽ سندس والدين کي اسٽيج تي اچي پنهنجا ايوارڊ ڊپٽي ڪمشنر صاحب کان وصول ڪرڻ جي

دعوت ڏني. پرنسپال اهو اعلان ٻڌي يڪدم اسٽيج تي آيو. مائيڪ هٿ ۾ پکڙي ڪجھ سيڪنڊن لاءِ خاموش ٿي ويو. پر پوءِ پرنسپل عقلمنديءَ مان ڪم وٺندي پنھنجا حوصلا بلند رکندي اسٽيج تي مھمان خاص جناب ڊپٽي ڪمشنر صاحب کي ويلڪم چيو ۽ آجياڻي طور ڪيس ڪلھن تي اجرڪ اوڍايو. اسٽيج تي ٻيھي پرنسپال صاحب ھال ۾ سيني استادن، شاگردن ۽ سندن والدين کي ٻن منٽن لاءِ اٿي ٻيھي خاموشي اختيار ڪرڻ جي عاجزانا گذارش ڪئي. پرنسپل جي ان گذارش تي ھال ۾ ويٺل سيني مھمانن عمل ڪيو پر سيني جي ذھنن ۾ مختلف سوال اُپري رھيا ھئا. ھر ھڪ حيرانيءَ منجھان ھڪ ٻئي کي نا واقف مسافرن جيان گھوري گھوري ڏسي رھيو ھو. اھڙيءَ ريت ٻہ منٽ پورا ٿيا تہ سيني جي انتظار جون گھڙيون پوريون ٿيون. ھر ھڪ پرنسپال ڏانھن نھاري رھيو ھو.

پرنسپال مائيڪ کڻي ھڪ ھٿ ۾ موجود ٽشو پيپر سان پنھنجي چھري تي آيل پگھر صاف ڪري وڌو ساھ کڻي چيو تہ "وڏي افسوس جي خبر اھا آھي تہ جنھن مھان شخصيت سلميٰ بنت سليم احمد جي ڪاڪردگي ۽ قابليت جو قدر ڪندي اسان ھي پروگرام منعقد ڪيو آھي ۽ ان پروگرام جي خاص مھمان نوازيءَ لاءِ محترم جناب ڊپٽي ڪمشنر صاحب کي گھرايو آھي. اسين سڀ ان عظيم شخصيت جو اسٽيج تي اچڻ لاءِ انتظار ڪري رھيا آھيو ۽ ڊپٽي ڪمشنر صاحب پڻ ان ھونھار نياڻيءَ کي پنھنجي ھٿن سان ايوارڊ ڏيڻ لاءِ انتظار ۾ اسٽيج تي ٻينو آھي. افسوس جو سلميٰ بنت سليم ڪجھ پل اڳ ھن فاني دنيا مان رحلت ڪري وڃي خالق حقيقي سان ملي آھي. ھن وقت اھا نياڻي اسان جي وچ ۾ موجود نہ آھي. نہ صرف سلميٰ بلڪ ان جي ويجھڙي جو سُور نہ سھندي سندس والد جي ساھ جو سڳو پڻ ٽُٽي پيو آھي ۽ سندس والده زنده رھڻ باوجود پنھنجا ھوش حواس وڃائي وينيِ آھي.

ساک جو صدمو

سياري جي مند ۾ رات جا ٻه ٽي رهيا هئا، هر طرف خاموشي ئي خاموشي نه ڪتن جي ٻاهوڙ نه بشر جو ڪو آواز، نه ڏيڏر جي ٽان ٽان ۾ نه ئي گاڏين جي اڇ وڇ جو شور. هر ڪو پنهنجي گهرن جي بند ڪمرن ۾ سرديءَ کان بچي سوڙين ۾ ڪمبلن ۾ اندر ويڙهيو ننڊ ۾ غش ته وري ڪو گهوگهرا هڻي رهيو هو، اُهي گهوگهرا ٻه سوڙ جي ٻاهران ڪنهن ٻئي جي ننڊ ۾ ڪو خلل پيدا نه ڪري رهيا هئا. پکي پکڙ وٽن جي سوراخن ۾ آکيرن ۾ سرديءَ کان بچندي آرامي هئا. بس پاڙي ۾ هڪ مراد جو گهر هو جنهن مان روز رات جي پوئين پهر تائين ٿهڪن جو آواز اچي رهيو هو. سرديءَ جي ڪري هر هڪ جو پنهنجي گهرن جي بند ڪمرن ۾ آرام ڪرڻ سبب مراد جي گهر مان ايندڙ ٿهڪن جو آواز ڪنهن جي آرام ۾ رندڪ جو سبب نه پيو ٻڌجي. مراد جو بازار ۾ ڪمپيوٽر جو دڪان هو. هو تمام پلوڙ ڪاريگر ۾ سچائيءَ سان ڪم ڪرڻ وارن ڪاريگرن منجهه سُڄاتو ويندو هو. ڪيس ڪمپيوٽر جي مرمت ۾ ونڊوز انسٽاليشن جي ڪم ۾ سڀني مهارت حاصل هئي. سندس قابليت، اخلاق ۾ مهارت سبب دڪان تي فرصت تمام گهٽ ملندي هئي. ايتري قدر جو هو دوستن متن ۾ مائٽن کي وقت نه ڏئي سگهندو هو. جيڪڏهن ڪو دوست، مٽ يا مائٽ دڪان تي ايندو ٻه هو ته مراد جي مصروفيت مان اندازو لڳائي گهٽي دير ويهڻ بدران سلام دعا ڪري ڪم جي مختصر ڳالهه ڪري الله واهي ڪندو هو. مراد جو هڪ دلي دوست سڌير هو جيڪو زناني سلائيءَ جي ڪم جو وڏو ڄاڻو هو. سڌير پڻ سڄو ڏينهن سلائي ڪرڻ ۾ مشغول رهندو هو. ٻئي دوست رات جو دير سان پنهنجا پنهنجا دڪان بند ڪري رات جي ماني گڏجي ڪڏهن مراد جي گهر ته ڪڏهن سڌير جي گهر

کائيندا هئا. پر اکثر مراد پنهنجي گهر رات جي ماني ٽکيءَ جو بندو بست ڪندو هو چاڪاڻ ته سڏير غير شادي شده هو. سندس گهر ۾ هڪ ٻڍڙي امڙ رهندي هئس. ۽ مراد شادي شده هو. ڪيس هڪ ٻارهن سالن جو پٽُ ثاقب ۽ اڻن سالن جي نياڻي ماها هئي. مراد پنهنجي گهر واري حريم سان بي پناهه محبت ڪندو هو. حريم پنهنجي گهر ۾ ئي بيوٽي پارلر جو ڪم ڪندي هئي. ان ڪري حريم کي به رات جو ئي فرصت ملندي هئي ۽ رات جو سپ هڪ جاءِ گڏجي وندر ڪري پاڻ ۾ خوشيون ونڊيندا هئا. مراد ۽ سڏير هڪ ٻئي جي گهر جا پاتي هئا، بنا دروازو کڙڪائڻ جي هڪ ٻئي جي گهر هليا ويندا هئا. مراد جو پنهنجي دوست سڏير تي وڏو ويساهه هو. هو نه رڳو سڏير تي بلڪ پنهنجي زال حريم تي پڻ پروسو ڪندو هو. مراد جا ٻئي ٻار به سڏير جي تمام گهڻي عزت ڪندا هئا. ان ڪري مراد جو گهر روز رات جو ٿهڪن ۽ وندر جو مرڪز بڻيل هوندو هو. مراد جا، سندس گهر واري ۽ ٻنهين ٻارن جا ڪپڙا سڏير مفت ۾ سلائي ڪري ڏيندو هو.

انهن جي گهرو تعلق جي ڪري پاڙي جي ڪجهه بزرگن ۽ مراد جي ننڍ پڻ جي ڪجهه ٻين دوستن مراد کي انسانيت جي ناتي نصيحت ڪندي جڏهن به اها ڳالهه ڪئي ته "مراد دوستي جون واڳون پنهنجي حد تائين محدود رک. انهن واڳن کي گهر جي چار ديواريءَ کان اندر نه وڌڻ ڏي. نه ته اها ئي دوستي ڪاريهر ۽ واسينگ جو روپ اختيار ڪندي دير نه ڪندي." مراد جو انڌو اعتماد هو. سڏير جي دوستي جي معاملي ۾ ڪنهن کي به ڪا اهميت نه ڏيندو هو. ايتري قدر جو مراد آهستي آهستي انهن پاڙيوارن ۽ دوستن سان تعلقات ختم ڪري ڇڏيا. جن ڪيس نصيحت ڪندي سچائيءَ جو آئينو ڏيکارڻ جي انسانيت جي ڪوشش ڪئي. پر ڪنهن جي به دال نه ڳري. وقت جو گهوڙو پنهجون منزلون پار ڪندو اڳتي ڊوڙندو رهيو. ڪن جي ساک سڃڻ لاءِ ساڳئي هئي ته ڪن جا رويا بهار ۽ سُرءَ جي موسم مطابق وٽن جي لباس جيان بدلبا رهيا. حريم جي مراد ساڻ روين ۾ آهستي آهستي جولاءِ جي مهيني ۾ ايرندڙ سج جي منجهند تائين تپش ۾ وڌندڙ فرق جيان تبديلي ايندي

رهي، حريم هر ڀالهه ۾ سڌير جي ڀالهين کي اهميت ڏيڻ لڳي ۽ مراد جي هر ڀالهه تي طنز ڪندي در گذر ڪرڻ شروع ڪيو. پر مراد جو پيار پختو هو. هو حريم کي هڪ با ڪردار ۽ سهڻي سيرت جي مالڪياڻي سمجهندو هو ۽ سڌير کي هڪ سڳي پاڻ جو رتبو ڏيندي ان تي اک بند ڪري اعتماد جا ڪلما پڙهندو هو. سڌير پهريون صرف ڪپڙا سلائي ڪري ڏيندو هو هينئر بازار مان حريم لاءِ ڪپڙا خريد ڪري سلائي ڪرڻ کان پوءِ تحفي طور پيش ڪندو هو. حريم به بازار مان سڌير لاءِ مهانگا سوٽ خريد ڪري کيس تحفي طور ڏيندي هئي. ٻنهين جي دل ۾ محبت ائين وڌندي وئي جيئن بهار جي مند ۾ گلاب جا خوبصورت ڳاڙهسرا گُل آهستگيءَ سان تڙڻ لڳندا آهن. حريم جو پٽ ثاقب ڇهين درجي جو شاگرد هو. ثاقب اسڪول کان وري گهر مانجهاندو کائي پوءِ والد جي دڪان تي سندس ٻانهه ٻيلي ٽيندو هو. ثاقب کي مراد ڪمپيوٽر جو تمام گهڻو ڪم سيکاري ڇڏيو هو.

ڪجهه ڏينهن کان ثاقب پنهنجي والده جي روين ۾ تبديلي تي ويچار ڪرڻ لڳو. هر روز مراد جي غير موجودگيءَ ۾ منجهند جي پهر ۾ سڌير جو سندس گهر ۾ موجود هجڻ سان گڏ حريم سان گڏ ماني کائڻ ۽ مختلف ڀالهين تي چرچا ڪرڻ وارو عمل ثاقب کي حقيقت تائين پهچڻ تي مجبور ڪري رهيو هو. هڪ ننڍي ٻار هجڻ باوجود ثاقب جي دل ۾ شڪ جي باهه ٻرڻ شروع ٿي وئي. هن سوچيو ته ڇو نه اها حقيقت بابا سائينءَ سان ڪرڻ گهرجي. پر ثاقب هڪ ٻار جي حيثيت سان همت جا پهاڙ اورانگڻ ۾ بار بار ٿاٻڙجي پيو پوي. هڪ پاسي حريم ۽ سڌير جي پاڻ ۾ چرچن وارا ويساک جي مهيني وارا سج جا گرم ڪرڻا ثاقب جي اکين ۾ چپي رهيا هئا. ته ٻئي پاسي همٽ جي پهاڙن تان بار بار ٿاٻڙجڻ نيٽ ثاقب کي پيءُ سان اها حقيقت اورڻ جي سگهه پيدا ڪئي ۽ ثاقب دڪان تي رات جي وقت پنهنجي پيءُ سان دڪان بند ڪرڻ کان ڪجهه پل اڳ والد سان مخاطب ٿيندي چيو بابا سائين آءٌ اوهان سان هڪ حقيقت اورڻ ٿو چاهيان مڃان ٿو ته آءٌ ٻار آهيان پر جيڪا ڀالهه ڪرڻ ٿو چاهيان منهنجي عمر ۽ سوچ کان تمام وڏي آهي جيڪڏهن

غلط هجان ته بابا سائين مونکي بخشجو ۽ جيڪڏهن صحيح هجان ته ڏيرج سان ڪم ونجو. ثاقب وڏي نماڻائيءَ سان والد جي سامهون ڪنڌ هيٺ جهڪائي عرض ڪيو.

ها پُٽ ٻڌاءِ ڇا ٿو چوڻ چاهين؟ ڪهڙي حقيقت ۽ ڇا جي رهنمائي حڪم ڪر پُٽ مراد وڏي شفقت واري انداز ۾ ثاقب سان مخاطب ٿيندي چيو.

بابا سائين اوهان ناراض ته ٿيندا؟ بابا سائين جيڪڏهن آءٌ غلط هجان ته مونکي معاف ڪجو. ننڍو ٻار ئي صحيح پر الائي ڇو وقت جي روين ۽ حالتن منهنجي دل ۾ وسوسا پيدا ڪيا آهن ثاقب پنهنجا ٻئي هٿ ٻڌي پيءُ کي حقيقت ٻڌائڻ کان اڳ معافي گهرندي چيو.

مراد پنهنجي پُٽ جي ٻانهن ٻڌڻ واري عمل تي اچرج ۾ اچي ويو. ثاقب کي پنهنجي سيني سان لائي سندس پيشاني چمي کيس چيو ته پُٽ کا وڏي ڳالهه نہ آ پلا تنهنجو بابا اڳ ٻہ ڪڏهن تو سان ناراض ٿيو آهي ڇا؟ تون ته منهنجو شهزادو آهين پُٽ. تون بلڪل بي خوف ٿي حقيقت بيان ڪر.

بابا سائين چاچا سڌير جڏهن اوهان جو دوست آهي ته پوءِ اوهان جي غير موجودگيءَ ۾ منجهند جو اسان جي گهر اچي اسان جي امڙ سان چا جي لاءِ اچي چرچا ٿو ڪري مون ڪيترن ئي ڏينهن کان اها ڳالهه نوٽ ڪئي آهي ته هونہ رڳو امڙ سان چرچا ٿو ڪري پر منجهند جي مانيءَ پڙ اوهان جي غير موجودگيءَ ۾ امان سان گڏجي ٿو کائي. جڏهن ته امان سان چرچن ڪرڻ ۽ ان سان مانيءَ کائڻ جو حق اوهان جو آهي. پوءِ چاچا سڌير چا لاءِ پيو ائين ڪري؟ ثاقب پيءُ سان ڏکندي ڏکندي جملا پورا ته ڪيا پر ثاقب پگهر ۾ ڀڄي ويو.

ثاقب جي زبان تان اهڙا جملا ٻڌي مراد جا هوش اڏامي ويا. پيرن هيٺيان زمين نڪري وئي. پر مراد هوش سنياليندي ثاقب کي حوصلو ڏيندي چيو ته پُٽ اهڙي ڪا ڳالهه نہ آهي، سڌير اوهان جو انڪل آهي اسان جي گهر جو ياتي آهي اوهان جي والده سڌير جي پاڻي هئڻ سان گڏ پيڙ ٻہ ٽئي ٻلا جيڪڏهن هو گڏجي مانيءَ کائن ٻہ ٽا ته ڪا ڳالهه نہ آهي

پُٽ. ان ۾ پريشان ٿيڻ جي ڪا به ڳالهه نه آهي. مراد پُٽ سان مخاطب ٿيندي ثاقب کي آڏت ڏئي ٽڏو ساهه پري پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿيو ۽ ثاقب کي دڪان بند ڪرڻ لاءِ چيائين. ايتري ۾ سڌير به معمول مطابق دڪان تي پهچي ويو. مراد ۽ ثاقب دڪان بند ڪري گهر پهتا. ڪجهه منٽن کانپوءِ حريم اوطاق واري ڪمري ۾ دستر خوان وڇائي ماني سجائي. هميشه جيان سيئي گڏجي ماني کائي رهيا هئا پر مراد جي ذهن ۾ ثاقب جي لفظن وڏا گهاءَ ڏئي ڇڏيا هئا. جنهن ڪارڻ مراد جي چپن تي خالي مرڪ هئي. مانيءَ جا به ٿي گرنهن کائي مائڻڙي ڪري ويهي رهيو. ثاقب والد جي ڳٽتي ۽ ماني نه کائڻ جو سبب سمجهي ويو. جنهن ڪري والد جو فرمانبردار پٽ هجڻ جي ناتي والد جي تڪليف کي محسوس ڪندي ثاقب به مانيءَ مان هٿ ڪڍيا. ان ڳالهه جو حريم ۽ سڌير جي صحت تي ڪوبه اثر نه پيو. ۽ نه ئي وري حريم يا سڌير ٻنهين کان ماني نه کائڻ جو سبب پڇڻ پسند ڪيو. حريم ۽ سڌير پيٽ پري ماني کائي تن من تازو ڪيو.

مراد خير ته آهي اڄ چُپ چُپ آهين؟ خير ته آهي ڪهڙو ڪنڌ جو جهاز ٻڏي ويو اٿئي؟ ڪنهن سان ٻي شادي ڪرڻ جو ارادو ته نه ڪيو اٿئي؟ سڌير سکڻا تهڪ ڏيندي ٺٺول واري انداز ۾ مراد کان پڇيو.

ڪا ڳالهه نه آهي پيارا، بس! دڪان تي ڪم سرس هئڻ سبب اڄ ٿڪُ گهٽو تي پيو آهي. ان ڪري خاموش آهيان. مراد سنجيدگيءَ سان حقيقت کي در گذر ڪندي سڌير کي جواب ڏنو.

اڄ آڱُ محسوس ٿوڪيان ته آڱُ گهر جو ياتي ۽ اوهان پيءُ ۽ پٽ ٻئي مسافر جيان وينا آهيو. بلڪ ماني به مهمانن جيان چکي اٿوَ. اها پروڙ منهنجي پرک کان اوکي آهي. سڌير طنزيه انداز ۾ ٻيهر مراد جي صبر مان ناجائز فائدو وٺندي انهن تلخ جملن کي ورجايو. حريم پڻ سڌير جي ان روِش تي مرڪندي ٽيڏي نظر سان مڙس ڏانهن نهارينديِ رهي. مراد اها پرولي پرکي ويو ته پاڻي سر کان چڙهي چڪو آهي. پر مراد ڪري به ڪجهه نه پيو سگهي. ڇاڪاڻ ته جيڪي باهه جا اولا ٻرندي سندس جسم کي تاءُ ڏئي رهيا هئا اها باهه پنهنجي ئي ٻاريل هئي. ان ڪري ان

آڙاهه ۾ پڇرڻ جو ڏميوار مراد پاڻ هو.

هڪ پاسي سڏير ۽ سندس زال حريم جي روَين ان حقيقت کي واضح ڪري ڇڏيو ته ثاقب جيڪي ڪجهه محسوس ڪيو ان ۾ سراسر سچائي ۽ حقيقت پريل هئي. ٻئي پاسي مراد کي گهٽي عرصي کان پاڙيوارن پاران سڏير کي پنهنجي گهر ۾ آڻڻ واري عمل تي ناراضگي ۽ نصيحت واري ڳالهه اهو احساس ڏياري رهي هئي ته شال! آڻڻ ان وقت پاڙي وارن جي نصيحت کي وزن ڏيندي عمل ڪيان ها ته شايد اڄ اهي ڪنڌا نه ڪيڻا پون ها. هاڻ ته آڻڻ کنهن کي منهن ڏيکارڻ لائق ٻه نه رهيس. مراد سوچن جي سمنڊ ۾ عوطا کائي رهيو هوته اچانڪ سڏير هٿ لوڏيندي گهر وڃڻ جي اجازت گهري.

ها پيارا اوهان جو راز: جيڪڏهن رات رهندين ٻه ته آڻڻ توکي روڪي نه ٿو سگهان. منهنجي ڇا مجال. مراد ڳٽتين جي گهاٽي ۾ پيهجندي سڏير سان جيڪي ڪجهه ڳالهايو ڪيس کا خبر نه هئي ته مون ڇا چيو.

مراد جي انهي ڳالهه سڏير کي هوشيار ڪري ڇڏيو ته منهنجي ۽ حريم جي غلط رشتي کان مراد اڄ واقف ٿي چڪو آهي. ان ڪري سڏير بحث ڪرڻ مناسب نه سمجهيو. ڪنهن بازار مان چور جو چوري ڪرڻ ۾ ڪاميابي ماڻڻ ڪانپوءِ بازار مان خاموشيءَ سان نڪري وڃڻ واري انداز جيان سڏير ٻه خاموشيءَ سان کسڪي ويو. حريم جي چهري تي غصو تاري هيو. حريم کي ان ڳالهه جو غصو ۽ ڏک نه هو ته منهنجو مڙس منهنجي ڪرتوتن کان واقف ٿي چڪو آهي. ڪٿي هو مون سان ناراض نه ٿي وڃي. منهنجي عزت مڙس جي نظرن ۾ هاٽي ڇا رهندي؟ آڻڻ ته مڙس آڏو ڪنڌ ڪٽي ٻه نه سگهندس. بلڪ حريم کي پنهنجي نئين دوست سڏير جي اڄ رات اچانڪ ناراض ٿي وڃڻ ۽ سڏير ساڻ مراد جي تلخ روَيي جو ڏاڍو افسوس هو. جنهن سبب هوءَ مڙس ڏانهن حقارت جي نظر سان نهاري ڪنڌ کي لوڏو ڏئي چپ چوريندي ڪجهه پٽڪندي تکڙا قدم کٽي پنهنجي ڪمري ڏانهن هلي وئي.

مراد کي پنهنجي دوست سڏير ۽ سندس زال حريم جي روَيي يقين

ڏياري ڇڏيو ته سڌير ۾ حريم پاڻ ۾ غلط رشتو جوڙي چڪا آهن. مراد جا ڳل خشڪ ٿي چڪا هئا. مراد اڄ ڪمري ۾ پهريون ڀيرو ويڳاٽو اڪيلائپ ۾ ڳٽتين جي ڪُن ۾ غوطا کائي رهيو هو. پر افسوس جو ڪوئي ڪيس بچائڻ وارو نه هو. ڪالهه تائين مراد جي گهر مان رات جي پوئين پهر ۾ به ٿهڪن جا آواز ايندا هئا. پر اڄ سانت لڳي پئي هئي. ڪالهه تائين ڪلهه ۾ ڪلاڙ وارا ڪلائي رهيا هئا پر اڄ نه ڪلائڻ وارو ۾ نه ئي ڪو ٿهڪن ڏيڻ وارو هو. بس ڪمري ۾ هڪ مراد هو جنهن جي ٿهڪن جو ٻوٽو به ڪومائجي چڪو هو. ڪالهه ڪمري ۾ جيڪي خوشيءَ جا گلاب ٽڙي رهيا هئا اڄ اهي گلاب مرجهائجي ويا آهن. سُرءَ جي موسم ۾ پن ڇڪيل هڪ وڻ جيان مراد جو چهرو بي رونق ۾ خشڪ نظر اچي رهيو هو. ماضيءَ ۾ دوستن، پاڙيوارن ۽ بزرگن جي تاڪيد اڄ سندس اکين آڏو حقيقت جو روپ اختيار ڪري تري رهي هئي. مراد ماضيءَ جي مختلف سوچن، نصيحتن، سچائي، مخلصي ۽ دوستيءَ جي انڊي يقين واري غفلت تي سوچن جي سمنڊ ۾ هڪ سِپ جيان ڪڍهن ڪنهن چوليءَ ور ته ڪڍهن ڪنهن ڪناري ڏڪيلجي رهيو هو. هڪ سچي دوست ۽ زندگيءَ جي همسفر جي ويساهه گهاتيءَ مراد جي زندگيءَ جو سڪون برباد ڪري ڇڏيو هو. سڄي رات هو هڪ صوفي جي ڪنڊ ۾ ماضيءَ ۾ سيني رشتن تي يقين رکڻ واري پنهنجي هٿن سان ٻاريل اوڙاهه ۾ سڙندو ۽ پڄرندو رهيو. افسوس جو اڄ مراد اڪيلو هو.

صبح جو سِڄ پنهنجي روشن ڪرڻ سان رات جي اونداهيءَ کي شڪست ڏئي دنيا تي آهستي آهستي هميشه جيان پنهنجي وقت مطابق روشنيءَ جو ڄار وڇايو ته مولوين ۽ رب کي ريجهائڻ شروع ڪيو. انسانن، پکي ۽ ٻي مخلوق پنهنجي ننڍ ڦٽائي پروردگار کي ريجهائڻ لاءِ عبادت ۾ مصروف ٿي ويا. ايتري ۾ سج جي ڪرڻن جي روشني مراد جي ڪمري جي روشندان مان جهاتيون پائيندي اندر داخل ٿي ڪمري کي قدرت جي روشنيءَ سان روشناس ڪري مصنوعي روشنيءَ کي مات ڏني. قدرت جي ان ٽڏڙي روشنيءَ تي مراد ڳٽتين جي ڪُن مان ڪنڊ ڪٽي ٻاهر نهاريو. ڇا ڏسي ته سامهون رڌڻي ۾ حريم هيڪل بيٺي چانهه

پي رهي آهي. جڏهن ته هميشہ سڀ گهر جا ياتي گڏجي ناشتو ڪندا هئا ۽ ان کان اڳ صبح جو سوير چانهہ بہ سڀ گڏجي پيئندا هئا. اڄ حريم جي اڪيلي سر رڌڻي ۾ بيهي چانهہ پيئڻ واري حرڪت ان حقيقت کي پڌ واضح ڪيو ته حريم جي نظرن ۾ نہ رڳو مراد بلڪ اولاد جي اهميت ۽ پيار ختم ٿي چڪو آهي. مطلب ته حريم زندگيءَ جو باقي حصو سڏير سان رهڻ پسند ٿي ڪري. مراد اهو سوچي ئي رهيو هو ته اوچتو حريم جي نظر جيئن ئي مراد تي پئي ته هوءَ چرڪجي وئي. حريم چانهہ جو ڪپ رڌڻي جي ماربل واري بلاڪ تي رکي هوريان هوريان اڌ رات جو هڪ چور جي ڪنهن گهر ۾ چوري ڪرڻ جي ارادي سان داخل ٿيڻ کان پوءِ ڪٽندڙ قدم يا ڪنهن ٻليءَ جي نظر خالي رڌڻي ۾ رکيل ٽانو ۾ ڪير تي پوڻ کان پوءِ آهستي آهستي پهچڻ جيان پنهنجا قدم اڳتي وڌايا. مراد ان وقت بہ هڪ صوفي جي پير ۾ پٽَ تي بي حال ٿيو وينو هو. مراد ڄاڻي پيو ته حريم ڪمري ۾ داخل ٿي آهي پر هن حريم کي محسوس ٿيڻ نہ ڏنو. حريم مراد جي پير ۾ بيهي سندس اکين ۾ نهاريو ته ان جي اکين مان سڄي رات جي اوجاڳي جي ٿڪاوٽ نظر پئي آئي پر حريم کي ان ڳالهہ جو ڪو بہ احساس نہ هو. حريم پٿر دل انسان جيان رشتن جي راحت ۽ پر خلوص محبت جو ڳلو دٻائيندي پنهنجو ڪنڈ اونچو ڪري مراد سان مخاطب ٿيندي چيو "اوهان سان ڳالهائڻو آهي".

ڳالهائڻ لاءِ تو باقي ڇڏيو ڇاهي؟ خير ڇا ٿي چوڻ ڇاهين؟ اها دلي حسرت بہ پوري ڪري ڇڏ. مراد ڪنڈ کي هيڏي هوڏي گهمائي ڪوڙي مُرڪ ڇهري تي سجائي حريم کي وراڻيو.

مون کي اڄ ۽ هن وقت ئي طلاق گهرجي. مان هن گهر ۾ وڌيڪ نہ ٿي رهي سگهان. حريم تمام گهٽي بي رُخي ۽ گهمنڊ واري انداز ۾ پنهنجي ان فيصلي تي فخر ڪندي بنا ڪنهن هڪ جي مراد کي چئي ڏنو.

مراد ڪنڈ ڪٽي حريم ڏانهن نهاري سندس هٺ ۽ تڪبر جي انتها ۽ پنهنجي فيصلي تي فخر جو انداز محسوس ڪندي ڪو بحث ڪرڻ پسند نہ ڪيو. "آڳ توکي طلاق ٿو ڏيان. آڳ توکي طلاق ٿو ڏيان. آڳ توکي

طلاق ٿو ڏيان: "باقي لکت ۾ اڄ ئي توکي طلاق نامو ملي ويندو. مون تنهنجا پر کولي ڇڏيا آهن. هاڻي تون جنهن سان چاهين، جيڏانهن چاهين وڃين سگهين ٿي. تون آزاد آهين. حريم جيئن ئي ڪمري مان نڪرڻ لاءِ دروازي ڏانهن پهريون قدم کنيو تہ دروازي وٽ ماها ۽ ثاقب بينا هئا." امان ڇا ٿيو آهين؟ اوهان ايڏا تائين ڇانهہ تيار نہ ڪئي آهي؟ ڇا بابا اوهان سان ناراض آهي؟ ماها حريم جي چولي جو دامن پکڙي ڪانئس معصوميت واري لهجي ۾ جيجل کان حقيقت معلوم ڪرڻ پئي چاهي.

نوشين ماها جي هٿ کي غصي منجهان جهٽڪو ڏئي پنهنجي چولي جي دامن کي چنبڪو ڏئي پنهنجي ڪمري ڏانهن هلي وئي. ماها حريم کي پويان سڏ ڪندي رهي پر حريم جي اکين تي عشق جي اونداهہ جي پٽي ٻڌل هئي جنهن ڪري هوءَ ماءُ واري محبت جي شڪتيءَ کان محروم ٿي چڪي هئي. سندس آڏو اولاد جي محبت ۽ سچائي کا حيثيت نہ پئي رکي. جنهن ڪري حريم پنهنجي ڏيءَ ماها کي ڪو جواب ڏيڻ پسند نہ ڪيو.

ثاقب پنهنجي ماءُ جو ماها ساڻ تلخ روَيو ڏسندو رهيو. نيٺ! ٻيڻ جون دانهون ڏسي رهي نہ سگهيو. يادرک ڏاڍو پڇتائيندينءَ امان، جيڪو قدم تون کنيو آهي سو تمام غلط آهي.

ثاقب جا اهي جملا ٻڌي حريم غصي ۾ لال ٿي وئي ۽ پنهنجي ڪمري جي در وٽان تکڙا قدم پري ثاقب جي ويجهو اچي ٻہ چماٽون هڪ ئي ڀڳتي تي زور سان هڻي چيائينس بد اخلاق بي حيا تون ماءُ سان ٿو مهاڏو اٽڪائين. خبردار جو ٻيهر زبان کولڻ جي ڪوشش ڪيئي، زبان ڪٽي اڇلائي ڇڏيندي سانءِ. ائين چئي حريم پنهنجي ڪمري ۾ وڃي پنهنجو سامان ويڙهڻ شروع ڪيو. مراد اوطاق واري ڪمري مان نڪري ماها ۽ ثاقب کي پاڪر ۾ وجهي ڪمري ۾ وڃي ويهاريو ۽ تسلي ڏيندي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. ثاقب کي پنهنجي والد جي فيصلي تي فخر هو. پر ماها جي دل ۾ ماءُ جي محبت جي تات تاري هئي. هوءَ پيءُ جي جهوليءَ ۾ سمهڻ باوجود بہ ماءُ جي لاءِ سڏڪندي رهي. افسوس جو حريم

کي ماها جي دانهن ۾ سڏڪن جو ڪو به ڪهڪاءُ نه پيو. بس! حريم انڌ جي گهوڙي تي سوار سڌير جي محبت ۾ هڪ ماءُ واري محبت جي جذبي کان مڪمل طور محروم ٿي چڪي هئي.

نوشين سُٽت ئي سامان ويڙهي سڌير سان ڪورٽ ۾ شادي ڪرڻ جو پهُ ڪري خاموشيءَ سان گهر مان نڪري هلي وئي. ڪورٽ ۾ هڪ وڪيل جي مدد سان عدالتي ڪاروائيءَ کان پوءِ نڪاح پڙهايو. منجهند جو وقت هو. حريم ۾ سڌير هڪ ٽئڪسي ۾ آيا. سڌير ٻاهر بينو رهيو ۾ حريم گهر مان پنهنجو ضروري سامان کڻي اچي ٽئڪسي ۾ رکي سڌير سان گڏ پنهنجي نئين گهر وڃڻ لاءِ جيئن ئي ڪار ۾ ويني ته ماها روئندي رڙيون ڪندي ماءُ سان ملڻ لاءِ ۾ کيس نه وڃڻ لاءِ وڏا وسَ ڪيا پر حريم جي دل مان اولاد جي محبت جو جنازو نڪري چڪو هو. هوءَ هنود ڪاسائيءَ کان وڌ پٿر دل بنجي چڪي هئي. حريم جي اکين تي عشق جي اونداهه واري چادر اوڍڻ سبب ڪجهه به نظر نه اچي رهيو هو. حريم جي ڪنن تي عشق جي جنون جي تاڙي وڄڻ سبب کيس معصوم اولاد جون ڪوڪون به ٻڌڻ ۾ نه پيون اچن. حريم ڪار جي ڊرائيور کي گاڏي هلائڻ جو اشارو ڪيو. ماها دانهون، رڙيون ڪري جيجل کي پڪاريندي رهي،ماها جي رڙين تي اوڙي پاڙي وارا به ٻاهر نڪري آيا. مراد ۾ سندس وڏو پاءُ ثاقب ماها کي ريجهائڻ جا حيلا ڪندا رهيا. پاڙي جي ڪجهه عورتن به ماها کي سيني سان لائي ريجهائڻ پئي چاهيو پر معصوم گل جي سيني ۾ جيجل جي جدائي وارو صدمو سهڻ جي سگهه بلڪل ڪا نه هئي. ماءَ جي اوچتو جدائيءَ ماها جو جيءُ جهوري ڇڏيو هو. مراد ۾ ثاقب ماها کي سيني سان لائي گهر اندر وني وڃڻ پئي چاهيو. پاڙي جون عورتون به سندس گهر ويون ڇاڪاڻ ته ماها جي دانهن جي ڪري انهن عورتن جا هانءَ به جهري پيا هئا اگر فرق نه پيو ته صرف حريم جي دل تي نه پيو. ايتري ۾ مراد جو هڪ ننڍ پڻ جو دوست ممتاز به اجازت وٺي گهر آيو. ممتاز ڪجهه ڏينهن اڳ سڌير جي ڪارن ڪرتوتن جي حقيقت مراد کي ٻڌائڻ چاهي پر مراد ان وقت ممتاز جي ڳالهه کي اهميت نه ڏيندي در گذر ڪري ڇڏيو. ممتاز سان سلام دعا پڻ ختم ڪري ڇڏي. اڄ حريم

جو سڌير سان هڪ گاڏيءَ ۾ هليو ويڙ ۽ سندس نياڻيءَ جون دانهون ڪرڙ وارو لقاءُ ڏسي ممتاز سمجهي ويو تہ جنهن ڳالهہ جو اسان کي شڪ هو اها ڳالهہ حقيقت جو روپ ڏاري مراد جي گهر ۾ آڳاهہ جيان پڙڪا ڏئي پري رهي آهي. ان ڪري وقت آهي هڪ بهترين دوست جي مشڪل وقت ۾ ساٿ ڏيڻ جو. اهو سوچي هو مراد جي گهر آيو. مراد جي پر ۾ ويهي ماها جي مٿي تي هٿ ڦيري مراد جي اکين ۾ اکيون ملائي مراد جيڪڏهن بُرو نہ پائئين تہ ننڊپڻ جو يار سمجهندي منهنجي جيڪا خطا آهي، ٻيلي! معاف ڪر. بس! ايترو ٻڌاءِ هن نياڻيءَ جون رڙيون منهنجو هانءُ ڏاري رهيون آهن. منهنجا ياءُ اسين وقت جا سڻا يار هئا سين، هيءَ نياڻي منهنجي هٿن ۾ پلي آهي. پيارا هن جي ماءُ ڪيڏانهن وئي؟. ممتاز پنهنجو هٿ وڌائي مراد جي ڪلهي تي رکي سندس اکين منجهہ نهاري چيو "مراد ڪو وقت هو اسان جي دلين ۾ چاهت جا گلاب ٽڙيل هئا. ڪجهہ عرصي جي دوري ئي صحيح پر دلين ۾ محبت تہ سمايل آهي منهنجا ياءُ. پنهنجو پراٽو يار سمجهہ ۽ ٻڌاءِ تہ اها ڪهڙي ڳالهہ آهي جنهن جي ڪري تنهنجي گهر جي خوشين جو ٻوٽو ڪومايل ٿو نظر اچي. هي روڄ راڙو منهنجي برداشت کان ٻاهر آهي ادا. ممتاز جي ڳالهين مراد جو هانءُ جهوري ڇڏيو. مراد پنهنجي دوست ممتاز سان پاڪر پائي اُڇنگارون ڏئي روئڻ لڳو. وقت جي مطابق ممتاز هڪ سچي ساٿيءَ جو فرض نيائيندي سندس زخمن تي پهور کي ساٿ نيائڻ جو پهہ ڪيو. مراد سڌڪندو رهيو ۽ ماها روئڻ ۾ بي حال هئي.

ادا بس ايترو ٻڌاءِ هي گهر ويران ڇو ٿيو. ڇا جنهن ڳالهہ جو اسان کي شڪ هو ان جو انجام آهي. ڇا اها ڳالهہ ئي حقيقت بنجي هن گهر جي خوشين کي پاڻ سان گڏ ڪنيو وئي آهي. ممتاز ٻيهر مراد کان حقيقت معلوم ڪرڻ پئي چاهي.

ادا جنهن حقيقت کي ڪجهہ عرصو اڳ اوهان پر کي چڪا هئا پر آءٌ يقين جي انڊي گهوڙي تي سوار هيس اڄ اها حقيقت سامهون اچي منهنجو ويڙهو ويران ڪري وئي آهي. حريم مون کان طلاق ونڻ ۽ سڌير سان شادي ڪري هن گهر کان هميشہ لاءِ رشتو ختم ڪري وئي آهي.

حريم سڌير جي عشق ۾ پنهنجي معصوم ٻچڙن جو به خيال نه ڪيو. گهر ۾ موجود سڀ پاڙيوارا حريم جي ان حرڪت تي اچرج ۾ پئجي ويا. پاڙيواري عورتن جهٽ پٽ ۾ پنهنجي گهرن مان ڪجهه ڪائڻ لاءِ گهرائي ورتو. پر دل کي پهتل تازن زخمن سبب ڪنهن کي ڪجهه به نه وٽيو. پاڙي جون عورتون به دلاسا ڏئي نيٺ پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن وريون. ممتاز به ڪجهه گهڙيون ويهڻ بعد پنهنجي ٻچڙن کي وقت ڏيڻ لاءِ گهر ڏانهن رُخ ڪيو. سڌ ڪندي سڌ ڪندي نيٺ سِج به ڳاڙهسرو ٿي پنهنجي منزل ڏانهن وڌڻ لاءِ دنيا تي اونداهيءَ جو ڄار وڇائي تارن کي آسمان تي پنهنجي لات ٻارڻ جي دعوت ڏئي هليو ويو. مراد جي گهر ۾ ته صبح کان وٺي اونداهه هئي. پر سِج به دنيا تي اونداهه ڪري لهي ويو. رات گهٽي ٿي چڪي هئي مراد ۽ ثاقب جو دماغ ڳٽتين جي ملبي هيٺيان دٻيل هئڻ ڪارڻ ڪنهن ٻي ڳالهه جي سڌ ئي نه هئي. هيڏانهن ماها جي امڙ جو صدمو ماها جي دماغ ٿي ويهڻ سبب تيز بخار ٿي پيو پر هر ڪو بي حال پيو هو. ڪنهن جي ڪنهن کي تات ئي نه هئي. گهر جي اوچتي بربادي‌ءَ ڪارڻ مراد به ماها جي طبيعت جي پروڙ نه ڪري سگهيو. ثاقب ۽ مراد هيٺ پٽ تي سمهي پيا، ماها پلنگ تي بخار جي حالت ۾ به سڌ ڪندي سڌ ڪندي ڪنهن وقت سندس اک لڳي ڪا خبر ئي نه پئي.

صبح صادق جو پکين جي منڙي منڙي ٻولين جي آواز تي مراد جي اک کلي ذهن ۾ خيال آيس ته ڪالهه کان ڪنهن به ڪجهه نه کاڌو آهي ٻارڙا بک تي آهن ڇو نه انهن لاءِ چانهه تيار ڪيان ته جيئن گڏجي پيئون. مراد رڌڻي ۾ چانهه تيار ڪري ثاقب ۽ ماها کي اٿارڻ لاءِ آيو. ثاقب والد جي پهرين سڌ تي هميشه جيان اُٿي پيو. پر ماها سڌ جو ڪو به جواب نه پئي ڏنو. مراد جيئن ئي ماها جو هٿ پکڙيو ته سندس جسم تمام گهٽو ٽڏو هو. مراد ماها جي نبض چيڪ ڪئي ته نبض به محسوس ٿيو ته بند آهي. ماها بلڪل بي جان هئي. ثاقب پاڙي جي هڪ ڊاڪٽرياڻيءَ کي ڊوڙندو وڃي وٺي آيو. ڊاڪٽرياڻيءَ ماها جي نبض چيڪ ڪئي ته سندس اکيون آليون ٿي ويون. ڊاڪٽرياڻيءَ هڪ هٿ سان پنهنجي اکين جا لڙڪ اگهي ٻڌايو ته ماها کافي دير کان دم ڏٽيءَ حوالي ڪري

چڪي آهي. اوچتو ماها جي موت جي خبر مراد جي گهر ۾ قيامت صغريٰ جو منظر پيش ڪري ڇڏيو. مراد ۽ ثاقب ماها جي مرڻ جو ٻڌي ماها کي پاڪر پائي هانءُ ڏارندڙ رڙيون ڪري روئڻ لڳا. مراد جي زندگيءَ مان حوصلن جي ڏيئي جي باقي روشني به وسامي وئي. اکين آڏو اونداهه ئي اونداهه ٿي وئي. ايتري ۾ اوڙي پاڙي وارا به جمع ٿي ويا. روج راڙو وڏي ويو. ماها جيڪا ڪالهه ڪان ماءُ جي وڇوڙي ۾ روئندي روئندي جيجل جي جدائي برداشت نه ڪري سگهي آخر اڄ ان جي زندگيءَ جو ڏيئو به وسامي ويو. پاڙيوارن مراد ۽ ثاقب کي دلاسا ڏيڻ جي پوري ڪوشش ڪئي پر ماها جي جدائي جو صدمو انهن جي برداشت کان ٻاهر هو. پاڙي ۾ سيني جي ڏندين آڱريون هيون، هر هڪ کي ماها جي موت عبرت ۾ وجهي ڇڏيو. سيني جي زبان تي ماها جي مرڻ جو ڏميوار حريم جي ڪريل حرڪت هئي. پاڙي ۾ قيامت صغريٰ جو منظر نظر اچي رهيو هو. پاڙي جا چار چگا پٿر ۾ اچي جمع ٿيا جن ڪفن دفن جو انتظام پڻ ڪيو مراد ۽ ثاقب جسماني طور زنده پر بي حال ساهه ته ڪٽي رهيا هئا ليڪن ذهني طور هڪ ڪاري ڪُن ۾ ڪري مري چڪا هئا.

ماها جي موت جي خبر جڏهن درنده صفت ۽ پٿر دل ماءُ حريم کي پئي ته اوچتو ڪانئس رڙ نڪري وئي. آخر اندر جو پاٽي اکين جا پردا ڦاڙي لڙڪ بنجي وهي اچي ان جهول ۾ ڪريو جنهن جهول ۾ اٺ سال اڳ حريم گلاب جي گل جهڙي ماها کي لولي ڏيندي هئي. پر افسوس جو اڄ ان ماها جي جاءِ تي ان جي موت جي غم ۾ لڙڪن جي آلاڻ هئي. حريم کي پنهنجي هٿن جي ويڙ ۽ بي حسي کيس شرمنده ڪري رهي هئي. ماها جيڪا اٺ سال اڳ جيجل جي جهوليءَ ۾ لولي ٻڌي آرام ڪندي هئي. افسوس جو اڄ ان ماها ماءُ جي جهوليءَ ۾ لولي ٻڌڻ لاءِ سڪندي سڪندي دم ڏٽيءَ حوالي ڪري هميشه لاءِ آرام ڪرڻ پسند ڪيو.

سڌير هڪ عياش پرست ۽ بي وفا دوست ضرور هو پر هڪ ڏينهن اڳ جنهن وقت حريم جو اولاد سان بي رحمي وارو روَيو ڏٺائين ته ان وقت ئي سڌير جي ذهن ۾ نوشين خلاف نفرتن جي ڏينهن پنهنجو مانارو ٽاهڻ شروع ڪيو. ڇاڪاڻ ته سڌير حريم سان پيار ڪرڻ سان گڏ ماها جهڙي

گل کي پڻ پائيندو هو. سندس خيال هو ته حريم اهو گلاب منهنجي گهر ۾ پاڻ سان گڏ کنيو ايندي. آءٌ ماها کي پيار ڏئي سهٽي پرورش ڪري وڏو ڪندس. مگر گذريل ڏينهن حريم جو پراڻو گهر ڇڏڻ وقت پنهنجي اولاد سان اهڙو تلخ روَيو جيڪو ويڳي ماءُ ۽ اولاد سان نه ڪري، سڌير زهر جو ڏڪ پري خاموشيءَ سان ڏسندو رهيو، ڪيڇي نه سگهيو. جڏهن سڌير کي ماها جي موت جي خبر پئي ته ان جي جسم مان اڌ ساهه ڇڏائجي ويو. سڌير جنهن ڪنهن لاءِ ڪڏهن نه لڙڪ نه ڳاڙيا، ماها جي مات سندس اکيون آليون ڪري وڌيون. سڌير ان بربادي جو زميوار نه رڳو حريم کي بلڪ پاڻ کي ۽ سمجهيو. سڌير سڌو گهر ويو. گهر ۾ ائين داخل ٿيو جيئن سانوڻ جي موسم ۾ آسمان تي بادلن جي گجگوڙ سان ڪنوڻ جي روشني دنيا تي نمايان نظر اچڻ سان گڏ ڪيترن انسانن جي دلين ۾ خوف تاري ڪري ڇڏيندي آهي. سڌير ڏٺو ته حريم افسوس ۾ اڳڻ جي هڪ ڪنڊ ۾ ڪُرسيءَ تي ڪنڈ هيٺ ڪري ويٺي هئي. حريم جي سڌير تي نظر پوندي ئي حريم تڪڙ ۾ اٿي بيٺي ۽ روئڻ لڳي.

خاموش! ناٽڪ بند ڪر، ظالم ۽ پٿر دل عورت، تنهنجي سيني ۾ ماءُ جي دل نه آهي. تون هڪ ماءُ جي روپ ۾ ڏاڻئڻ آهين. اگر تو ۾ انسانيت ۽ ماءُ جي دل هجي ها ته ڪالهه تون ماها کي پاڻ سان گڏ وٺي اچين ها. ماها ڪيترو تولاءِ تڙپي ۽ روئي رهي هئي ان جي دل ۾ تنهنجي لاءِ ڪيتري محبت هئي، ان جي محبت جو ثبوت ان جي موت آهي. حريم تون کڻڙي ماءُ آهين، جنهن کي ڪالهه ڏري برابر به پنهنجي ڇڙي جي روئڻ ۽ تڙپڻ جو ڪو به ڪهڪاءُ نه آيو. بس! هاڻي ناٽڪ بند ڪر. سڌير بي حد غصي ۾ حريم جي بيعزتي ڪئي.

سڌير هي وقت انهن ڳالهين ڪرڻ جو نه آهي مون کي ماها جو منهن ڏسڻو آهي. ڪجهه به ڪر مون کي ماها جو آخري ديدار ڪراءِ. حريم روئندي سڌير کي التجا ڪئي.

جيڪا عورت پنهنجي اولاد جي محبت جو احساس ۽ ان جي لڙڪن جي اهميت جو اندازو نه ڪري سگهي ۽ ڪنهن سان ڪجهه گهڙين جي محبت جي پويان پنهنجو آباد ۽ خوشحال گهر برباد ڪري،

هڪ وفادار مڙس ۽ معصوم ٻچڙا روئندا رڙندا ڇڏي بنا ڪنهن انسانيت، ماءُ جي جذبن ۽ احساس کان خالي هڪ نئين گهر ڏانهن وِک وڌائي، اها اڳتي هلي ضرور ان نئين گهر کي به ڪنهن ٽئين انسان جي محبت ۾ ائين ئي برباد ڪرڻ ۾ دير نه لڳائيندي. تون به پنهنجو وسندو جهڳو ويران ڪري آئي آهين. تون عورت نه بلڪ هڪ ڏانڪڻ آهين. ڪالهه تو مراد جو گهر برباد ڪيو. تنهنجي بي حسي سبب ماها جهڙو گلاب جو گل هميشه لاءِ ڪومائجي ويو. سياڻي تنهنجي زندگيءَ ۾ ڪو ٽيون وجود ايندو ته سڌير جو انجام به مراد جيان ٿيندو. مستقبل ۾ تنهنجي اهڙي ٻي حرڪت سبب منهنجي گهر ۾ به هڪ ٻي ماها حياتي تان هٿ ڪڍي ان کان اڳ آءٌ توکي طلاق، طلاق،طلاق ٿو ڏيان.

سڌير غصي ۾ حريم جي ٻانهن پڪڑي گهليندي گهر کان ٻاهر ڪڍي ڏکو ڏنو ۽ گهر جو در بند ڪري ڇڏيائين. نوشين جو اهو سامان جيڪو مراد جي گهر مان کڻي نئين گهر ۾ اڃا سجايو به نه هئائين، سڌير اهو سامان کڻي گهر کان ٻاهر حريم کي اڇلائي ڏنو. حريم گهٽيءَ ۾ روئندي رهي، دانهون ۽ ڪوڪون ڪندي رهي پر پاڙي جو ڪو به انسان سندس مدد ڪرڻ لاءِ ويجهو نه آيو.

آسائشن جو انتُ

بازار جي مرڪز ۾ طارق ڪپڙي واري جي دڪان سان لڳ انور موسم مطابق ميون جو جوس ٺاهي پنهنجو گذر سفر ڪندو هو. انور جي پنهنجي ڪارو بار ۾ ايمانداريءَ سبب گراهڪن جي وڏي ٻيهر هوندي هئي. گاڏي جي پر ۾ ذائقن جي ويهڻ لاءِ چار، پنج ننڍا استول رکيل هئا. باقي ٻيا گراهڪ گاڏي جي اوٽ ۾ بيهي شربت پيئندا هئا. گهٽي ٻيهر سبب ڪيترائي مرد توڙي عورتون جوس پارسل ڪرائي گهرن ڏانهن کڻي ويندا هئا. جڏهن ته بازار ۾ جوس جا ڪجهه ٻيا وڏا ۽ سينگاريل دڪان پڻ هئا، جن وٽ ويهڻ جو پڻ انتظام هو. پر ذائقي جي جيڪا ڳالهه انور جي ٺهيل جوس ۾ هئي سا ٻين جي ٺهيل جوس ۾ نه هئي. ان ڪري ڪيترن ئي ڳوٺن جا ماڻهو بازار ۾ خريداريءَ کان جڏهن به ايندا هئا اُڄ مٿائڻ لاءِ انور جو ٺهيل جوس ضرور اچي پيئندا هئا. انور وٽ ماڻهن جي رش ايتري ته وڌيڪ هوندي هئي جو پوري ڏينهن ۾ ڪيس اها سُڌ ئي نه هوندي هئي ته ڪير آيو ڪير ويو. بس! انور پنهنجي روزي ڪمائڻ ۾ مست رهندو هو. بازار جي ڪجهه دڪاندارن انور کي ڪاروبار ۾ چيهو رسائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ائين نه ٿي سگهيو. چاکاڻ ته جيڪو انسان رزق ۾ ايمانداري ۽ سچائي اختيار ڪندو آهي ان جي رزق ۾ برڪت ۽ حفاظت الله جي ذات خود ڪندي آهي. انور سڄو ڏينهن مصروف رهڻ سبب رات جو گهر وڃي ٽڪُ پٽيندو هو. رات جي ماني کائي آرام ڪرڻ کان اڳ ڪجهه گهڙيون گهر وارن سان ويهي حال احوال ڪري، دنيا جهان جون ڳالهيون، مٽن مائٽن جا ڏک ڏاکڙا، چڱايون مڻايون، گهر جا خرچ پکا ۽ پنهنجي اندر جي اڌورين خواهشن کي امڙ ۽ پيٽ آڏو رکي دل جو بوجهه هلکو ڪري رات جو دير سان گهر جي ڇت

تي جوپن جواني ۽ جي رات جا چار پهر وڃي آرامي ٿيندو هو. انور پنهنجي امڙ ۾ ننڍي پيٽ جميلا سان بي حد پيار ڪندو هو چاڪاڻ ته انسان شاديءَ کان اڳ جيڪڏهن سچائيءَ سان پيار ڪندو آهي ۽ پيار حاصل ڪندو به آهي ته صرف ماڻ، پيءُ، پينرن ۽ پائرن وٽان. باقي ته دنيا ۾ گهٽا گذارو ڪرڻ وارو پيار ڪري ناڪام عاشق ٿيڻ جي شهرت ماڻڻ لاءِ پيا جتي ڪتي پيا جانا هڻندا آهن، ڏٺو وڃي ته انهن نوجوانن جي ڪنهن به جاءِ تي عزت نه هوندي آهي. بس! اهي پنهنجي من ۾ پيا تڙندا آهن ته اسين صاحب عزت آهيون پر انهن جو مثال ائين هوندو آهي جيئن ٻليءَ جي خواب ۾ چيڇڙا. پر انور انهن انسانن مان بلڪل نه هو.

جميلا جي عمر لڳ ڀڳ 15 سال هئي نائين درجي جي ڏاڍي ذهين ۽ هوشيار شاگرد ياڻي هئي. جميلا جي تعليم جو پورو خرچ انور ڏيندو هو چاڪاڻ ته جميلا جڏهن پنجن سالن جي هئي ته سندس والد جو سايو سِر تان کڄي ويو هو اهڙيءَ حالت ۾ گهر جون تمام ذميواريون انور جي ڪلهن تي اچي پيون ۽ انور سهڻي انداز ۾ انهن ذميوارين کي نيائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري ڪا ڪسر نه ڇڏي. ايتري قدر جو جميلا کي زندگيءَ ۾ پيءُ جي پيار جي ڪنهن به موڙ تي ڪمي محسوس نه ٿيڻ ڏنائين. جميلا جي تربيت به ايتري ته نرالي ڪيائين جو جميلا پڻ پنهنجي پاڻ انور جي هڪ فرمانبردار پيٽ جو پورو پورو هر موڙ تي فرض نيائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. جميلا کي پنهنجي پاڻ انور تي ڏاڍو فخر هو.

انور جي والد جي وفات ڪانپوءِ سندس امڙ جي زندگيءَ مان مڙس جو جيڪو خال ٿي پيو ان جو افسوس ته پنهنجي جاءِ تي بلڪل هو. پر والد جي وڇوڙي کان پوءِ انور اهو ڪردار ادا ڪيو جو سندس جيجل جي نظر جڏهن به پنهنجي ٻچڙي تي پوندي هئي ته سڀ ڏک ڏاکڙا وسري ويندا هئس. نه رڳو ڏک ڏاکڙا بلڪ پٽ جي ڪردار ۾ بلند حوصلن کي ڏسي ايئن تندرست ۽ توانائي ٿي ويندي هئي جيئن ٿر جي اُجياري زمين برسات کان پوءِ سرسبز ۽ شاداب ٿي پوندي آهي. انور جو هڪ وڏو پاڻ اڪبر هو پر هو پيءُ جي هوندي ئي شاديءَ کان پوءِ جدا ٿي ڏار رهڻ لڳو ان جو گهر انور جي گهر جي ڀڪ ۾ هو. ٻنهين گهرن وچ ۾ هڪ ديوار هئي.

ٻنهين گهر جا ڀاتين جي پاڻ ۾ اوکي سوکيءَ ۾ ٿوري گهٽي ڏي وٺ. اويل سويل ۾ اڇ وڇ ۾ بيماريءَ ويل هڪ ٻئي ساڻ ساٺ ڏيڻ واري سِڪ ايجا سيني ۾ سمايل هئي. فرق صرف ايترو هو جو اڪبر شادي شده هئڻ ڪري پورو وقت پنهنجي ننڍڙي ڪتنب کي ڏيڻ ۾ پورو هوندو هو. انور غير شادي شده هئڻ سبب پنهنجي امڙ ۾ پيڻ لاءِ ڏهني سڪون جو ڪارڻ هو.

چنچر جو ڏينهن هو. رات جا يارهن ٿي رهيا هئا. انور گهر ۾ داخل ٿيو. انور جي حالت سڄي ڏينهن جي جدو جهد کان پوءِ ائين ٿي ويندي هئي جيئن جون جولاءِ جي نٿهڙ اُس ۾ هڪ مزدور جي سڄو ڏينهن جبل ڏارڻ کانپوءِ ٿي ويندي آهي. انور جي ڪپڙن تي شربت جا داغ، قميص جي ٻانهن جا بٽڻ ڪليل، هڪ عورت جي مڙس مرڻ کانپوءِ بيوه ٿيڻ تي افسوس ۾ ڪليل وارن جيان وکريل وار، ڏاڙهي بنا خطن جي وڌيل، شلوار جو هڪ پاڇو هيٺ تہ ٻيو مٿي. دڪان جو ڪجهہ سامان هڪ پاسي رکي وراندي ۾ رکيل ڪٽ تي اڇي وينو. ٽڏو ساهہ ڀري سيراندي ۽ کان رکيل ويهاڻي کي ٽيڪ ڏئي ٻئي پير پيراندي ۽ کان رکيل هڪ چوٽي رليءَ جي مٿان سڌا رکي ويهي رهيو. جميلا پاسي کان رکيل هڪ ڪٽ تي وينو ويهاڻي جي مٿان ڪتاب رکي اسڪول پاران مليل گهرو ڪم ڪري رهي هئي. انور تي نظر پوڻ سِت ئي پهريون پنهنجي مٿي تي رکيل رئي کي ٻيهر صحيح ڪري ڪتاب ۾ وهاڻو ٻئي ڪٽ تي پاسي کان رکي پاڻ انور لاءِ ٽڏو پاڻي ڀري آئي ۾ پاڻ پاڻ جي پڪ ۾ اڇي وينو. ايتري ۾ انور جي ماڻ بہ وراندي ۾ رکيل منجيءَ تان اٿي ان ڪٽ تي وينو جنهن تي انور وينو هو. سندس ماڻ ڀر ۾ ويهي وڏي پيار منجهان هڪ ڪلهي تي ٻاجهارو هٿ رکي پڇيو پٽ اڄ ڏاڍي دير ڪئي اٿئي گهٽو ٿَڪل ٿو لڳين. بازار ۾ اڄ گراهڪ وڌيڪ هئا ڇا؟ ماڻ سباجهڙي انداز ۾ پٽ انور سان مخاطب ٿيندي ٻالهايو.

ها امان اڄ هفتي جو آخري ڏينهن ۾ سياڻي موڪل هئڻ جي ڪري بازار ۾ ماڻهن جو ميڙاڪو گهٽو هو. ٻيو تہ تنهنجي دعائن سان بازار ۾ هر هڪ منهنجي شربت جو ديوانو آهي. ان ڪري گهٽي دير ٿي

وئي. پر ان ۾ ته منهنجو فائدو آهي. ماڻهو ڏورانهن علائقن کان بازار ۾ تنهنجي پٽ جو نالو پڇا ڪري اچي وڏي شوق سان جوس پيئندا آهن. انور ماءُ کي وڏي شان ۾ مان سان جواب ڏئي لاجواب ڪري ڇڏيو.

جميلا ڏيءَ ٻلا مانيءَ کڻي اچ ته گڏجي کائون. راشده رڌڻي ڏانهن ڪنڌ جو اشارو ڪندي چيو. انور، جميلا ۾ سندن والده (راشده) رات ۾ صبح جي ماني گڏجي کائيندا هئا. ٻلي کڻي رات جو انور ڪيتري ئي دير سان اچي پر ماني گڏجي کائڻ جي عادت هئي. جميلا ماني کڻي اچي ڪٽ تي سجائي پر دستر خوان سان ڏيکيل هئي. ادا مون اوهان جي لاءِ هڪ نه پر ٻه پسند جون شيون ناهيون آهن. هڪ ته ٻُڳل ٻلاءِ جنهن جي تازي تازي خوشبوءَ اوهان کي ايندي هوندي باقي ٻي ڪهڙي شيءَ آهي، اها اوهان لاءِ ڳجهارت آهي. جميلا ياءَ سان تمام هجائتي انداز ۾ ڪلندي لفظ دهرايا.

جڏهن منهنجي مومل ٻيٽ کي منهنجي خواهش، پسند جي شين ۾ منهنجي زندگيءَ سان لاڳاپيل تمام شين جي سھڻيءَ ريت معلومات آهي ته ڇا آءٌ پنهنجي ٻيٽ جي ان ڳجهارت کي ڇا نه پروڙي سگهندس؟ انور ٻيٽ ڏانهن وڏي پيار منجهان نهاريندي ڪنڌ کي هيٺ مٿي لوڏو ڏئي منڙي انداز ۾ هجائتو ٿي جواب ڏنو.

اڇا ٻلا ٻڌايو ڪهڙي شيءَ اوهان جي لاءِ تيار ڪئي اٿم؟ جميلا امڙ ڏانهن نهاريندي سڄي هٿ جي اشهد آڱر پنهنجي چپن تي رکي ماءُ کي اها ڳالهه راز ئي رهڻ جي گذارش ڪئي. راشده ائين مجبور ٿي وئي جيئن هڪ ننڍڙو ٻار هڪ ئي وقت ٻه شيون ٻن ماڻهن مطلب ماءُ ۾ پيءُ جي هٿ ۾ ڏسي فيصلو نه ڪري سگهندو آهي. جڏهن ته ٻئي شيون ماءُ ۾ پيءُ جي هٿن ۾ موجود ان ٻار لاءِ ئي هونديون آهن. راشده بهتر اهو سمجهيو ته جيڪڏهن ڪنهن هڪ جو ساڻ ٿي ڏيان پوءِ اهو پٽ هجي يا نياڻي تڏهن ٻه ٻئي کي ڏک پهچندو. ان لاءِ ٻلي ياءُ ۾ ٻيٽ ٻاڻ ۾ چرچو ڪري وٺن. ان لاءِ مرڪندي ڏسندي رهي.

جميلا پٽ هيڏانهن منهنجي پرسان اچي ويهه ته مان توکي ٻڌايان ڳجهارت جو جواب ڇا آهي. انور بريانيءَ جو هڪ گرنهن ناهي وات ۾

وجهي جميلا جي هڪ هٿ کان ونئي کيس پنهنجي پر ۾ ويهاريو. بريانيءَ جو پيو گرنهن ڪاهي پنهنجي هٿن سان جميلا کي وات ۾ وجهي مٿي تي هٿ رکي ان جي اکين ۾ اکيون وجهي وڏي محبت منجهان چيو منهنجي ملوڪ پيٽ ڪيرٽي ناهڙ ۾ جيڪا تنهنجي هٿ ۾ شيرين آهي، تنهن جي چا ڀگالهه ڪجي. جميلا يڪدم کٽ تان اٿي بيني ۾ پيار منجهان پاڪر پائي چيائينس ته ادا به ماشاءالله ڪيڏو سياڻو آهي، ڪيئن سمجهي ويو ته مان چا ڪاهيو آهي.

امان رب پاڪ هنهين پاءُ ۾ پيٽ ۾ محبتون هميشه قائم رکي شال سدائين پاڻ ۾ ڀهڪندا رهو. هاڻي اچو ته مانيءَ ٽڪر کائون. راشده هٿ ڪٽي ڏٽيءَ کي ڀاڏائيندي هنهين کي دعا ڏيندي چيو.

جميلا رڌڻي مان ٽڪڙ ۾ ڪيرٽيءَ جو ڍونگو ڪٽي اچي کٽ تي رکيو. پاڻ کٽ جي سيراندي ڪان ويهي، ادا هي خاص تحفو پيٽ جي طرفان پنهنجي پاءُ جي لاءِ، اگر قبول پوي ته کائجو نه ته گهبرائڻ جي ڪا به ڀگالهه نه آهي آڳ اها سموري ڪيرٽي اڪيلي سر کائي سگهان ٿي. جميلا انور سان ٻيهر مذاق ڪندي چيو. نه نه اهڙي ڪا به گهبرائڻ جي ڀگالهه ناهي اگر اگر تون ناراض نه ٿئين ته اها سڄي آڳ اڪيلي کائڻ جي صلاحيت رکان ٿو. بس هڪ ٻيرو ڪنڌ لوڏي هاڪار ڪر باقي منهنجو ڪم آهي. اها ڪيرٽي ختم ڪرڻ. انور پيٽ کي ان جي مذاق جو ڪلندي جواب ڏنو.

ڪاوڙي ڀگالهه نه آهي ادا سائين اوهان کاڏي مطلب ته مون کاڏي. آڳ ته اوهان کي تنگ ڪري رهي رهي هئس. منهنجي ته عادت آهي اوهان سان جيستائين چرچو نه ڪيان منهنجي نڙي مان پاڻي به ناهي گذرندو. جميلا پاءُ سان ڀگالهائيندي محبت پرين لفظن منجهه جواب ڏنو.

ماني کائڻ کان پوءِ جميلا ٽن رڪيبين ۾ ڪيرٽي وجهي انور ۾ ماءُ آڏو رکي، پنهنجي رڪيبي کٽي انور جي پر ۾ ويهي ڪلهي تي پنهنجو ڪنڌ رکي هڪ چمچو پري انور کي پنهنجي هٿ سان کارائي، ادا ڪيرٽي ڪيئن آهي؟ انور کان پڇا ڪيائين. واهه چا ته ذائقو آهي. اڄ ته دل خوش ڪري ڇڏي آ تو.

ادا مهرباني نہ چوندا اوهان؟ جميلا ٹورڙو منهن ناهي انور کي هجت منجهان چيو.

الله اها ڀگالهه تہ مان هميشہ وساري ويهندو آهيان. ايڇا مهرباني منهنجي پياري پيٽ تمام مهرباني. بس! هاڻي تہ خوش؟ انور پيٽ جي دل رکندي مهرباني چئي.

نہ خالي مهرباني نہ هلندي کو گفت بہ هجڻ گهرجي، ائين کم نہ هلندو. جميلا چيو. کهڙو گفت؟ حکم کر بابا، ڇا گهرجي، پلا ان کان اڳ مان پنهنجي پياري پيٽ کي کڏهن جواب ڏنو آهي؟ جيکو چوين. انور جميلا جي متي تي هٿ گهمائي وڏي سڀاجهڙي انداز منجهان مخاطب ٿيندي چيو.

ادا اوهان ناراض تہ نہ ٿيندا؟ جميلا ڀاءُ ڏانهن نهاري معصوميت واري لهجي ۾ سوال کيو.

اڳ بہ تو سان ناراض ٿيو آهيان، جو آڳ اڄ ناراض ٿيندس. انور جميلا جو هک کن کن پکڙي معمولي زور ڏئي پيار منجهان ناراضگيءَ واري انداز ۾ چيو.

نيک بابا اوهان کيرٽي کائي پوري کريو تہ آڳ اوهان جي آڏو پنهنجو عرض پيش کيان. جميلا ڀاءُ کي چيو.

نہ هاڻي ٻڌاءِ، نہ تہ مان کيرٽي نہ کائيندس. انور بيچين ٿي ويو ۽ جلد پيٽ جي خواهش ٻڌڻ لاءِ کيس چيو.

ادا اوهان تہ پنهنجي مصروفيت جي ڪري زندگيءَ ۾ گهٽو هار سينگار يا بن ٽن ٿيٽ پسند نہ ٿا کيو. جڏهن تہ اوهان جو بہ حق آهي پر ادا کيترن ئي ڏينهن کان منهنجو من ٿو چوي تہ مون وٽ بہ هک موبائل هجي. اسکول ۾ منهنجي سيني سهيلين کي پنهنجي والدين موبائل ونڊي ڏنو آهي هو هک ٻئي سان رابطو ڪري حال احوال ۽ اسکول جي ڪم بابت هک ٻئي کي معلومات ڏيندیون رهندیون آهن. چاچا اکبر بہ پنهنجي ٻنهين ڏيئرن کومل ۽ کونج کي بہ موبائل ونڊي ڏنو آهي. پر ها هڪڙي ڀگالهه اوهان جيکي روزانا مونکي خرچي ڏيندا آهيو ان مان روز کجهه پئسا آڳ رکندي هئس. کجهه پئسا گهٽ آهن. اوهان

جيڪڏهن اجازت ڏيو تہ ۽ ڪجهہ پئسا ڏيو تہ آءٌ پنهنجي اها منشا پوري ڪيان. ادا اوهان اگر دل سان ۽ رضا خوشيءَ سان مونکي اجازت ڏيو تہ ٺيڪ آهي نہ تہ منهنجي لاءِ پنهنجي پاءُ جي پيار ۽ ان جي خوشيءَ کان وڌ دنيا ۾ ڪا بہ شيءَ حيثيت نہ ٿي رکي. جميلا پنهنجو هٿ پاءُ انور جي هٿ تي رکي وڏي ادب ۽ احترام منجهان چيو.

بلڪل اوهان جي ڳالهہ ٺيڪ آهي، بلڪ ڪيترن ئي ڏينهن کان منهنجو بہ من ٿو ڪري تہ آءٌ بہ موبائل خريد ڪريان، اها ڳالهہ مونکي وٽي، تون سپاٽي امان سان گڏ وڃ ۽ بازار مان هڪ نہ بلڪ بہ موبائل وٺي، هڪ پنهنجي لاءِ ۽ ٻيو منهنجي لاءِ. هاڻي خوش. پر ها ان لاءِ تہ سِم ۽ بيلينس بہ تہ ايندو. خير ڪا ڳالهہ نہ آهي. منهنجي پيٽ کان وڌ اهي شيون ڪجهہ معنيٰ نہ ٿيون رکن. انور، جميلا جي ڳالهہ کي اهميت ڏيندي پيار منجهان چيو.

انور تمام گهٽو ٿَڪل هيو. ان ڪري کيرٽي کائي پاڻيءَ جو جگ پري ڇت تي آرام ڪرڻ لاءِ هليو ويو. جميلا ۽ سندس امڙ بہ وراندي ۾ رکيل کٽ تي گهر جي لائيٽ بند ڪري سمهي پيون.

صبح جو پکي پنهنجا پنهنجا ٽولا ٺاهي منڙيون منڙيون ٻوليون ڳائيندا اڏامندا رهيا، مسجدن مان آذانن ۽ پکين جي منڙين ٻولين جي آواز تي انور جي اک کلي، هوا کيون مهٽيندو هيٺ آيو. سندس امڙ بہ وضو ڪري رب کي ريجهائڻ جي تياري ڪري رهي هئي. جميلا رڌڻي ۾ چانهہ تيار ڪري رهي هئي. انور وضو ڪري نماز پڙهڻ لاءِ پاڙي جي مسجد ڏانهن ويو. جميلا ۽ راشده ٻنهين گهر ۾ نماز پڙهي قرآن جي تلاوت ڪئي، ايتري ۾ انور بہ نماز پڙهي واپس اچي ويو. ڪجهہ دير ۾ جميلا ناشتو بہ تيار ڪري ورتو. تنهين گهر ۾ ناتين گڏجي ناشتو ڪيو. انور قميص جي سائيڊ واري کيسي مان هڪ ٽيلهي ڪيي ان مان هزار هزار جا پندرهن نوٽ امڙ کي ڏنا راشده اهي پئسا پنهنجي رئي جي هڪ ڪنڊ ۾ ٻڌي ڇڏيا. جميلا تمام گهٽي خوش هئي. سندس ذهن ۾ اڳواٽ ئي سهيلين سان ڳالهہ ٻولهہ ۽ ميسيجن ڪرڻ جون دل ئي دل ۾ رٽائون رٽي رهي هئي. سندس من ۾ خوشيءَ جي لهر اهڙي طرح پيدا ٿي رهي هئي

جيئن کو هاري پنهنجي فصل جي لاباري وقت تمام گهٽو خوشيءَ منجهان جهومندو. لامارا ڏيندو نظر ايندو آهي.

انور روزگار سانگي نڪري هليو ويو. جميلا گهر جو ڪم اڪلائي رهي هئي پر بار بار سندن نظر گهر جي ديوار تي ٽنگيل گهڙيال ۾ ائين هئي جيئن سسئي پنهونءَ جي جدائيءَ ۾ پئي روز راهون ڏسندي هئي، جميلا کي اها تات هئي ته کهڙي وقت بازار کلندي ته آڻ امان سان وڃي موبائل خريد ڪري ايندس. ان انتظار ۾ موبائل جي خوشيءَ ۾ جميلا سيگهه ۾ سڄي گهر جو ڪم به اڪلائي ڇڏيو. ته اسڪول پاران مليل گهرو ڪم به سُٽت ئي پورو ڪري ورتو. جميلا ڪم مان هٿ اڪلائي چاچا اڪبر جي گهر انهن جي ٻنهين ڏيئرن ڪومل ۽ ڪونج کي موبائل جي خوشخبري وڃي ٻڌائي. اهي به ڏاڍو خوش ٿيون، انهن ٻنهين پنهنجا موبائل جميلا کي ڏيکاريا ۽ انهن جون خوبيون ٻڌائي اهڙو ئي موبائل ونڻ جي نصيحت ڪئي.

نيٺ انتظار جي آڙاهه جا ٽاندا وسامي ويا، ذهن مان بيچيني ائين ختم ٿي جيئن هوا جي گهلڻ تي ڇار جا ننڍڙا ننڍڙا ذرڙا اڏامي ويندا آهن. راشده ۽ جميلا رڪشه ڪرائي بازار مان به جديد موبائل ۽ انهن لاءِ به عدد سِم پڻ ورتيون. ۽ خوشيءَ ۾ سُٽت ئي واپس موٽي آيون. راشده ۽ جميلا جي گهر پهچڻ تي ڪونج ۽ ڪومل به اچي پهتيون، وڏي محبت منجهان پاڻ ڪومل ڪونج ۽ جميلا ائين مليون جيئن سالن جا سڪايل محبتي پاڻ ۾ ملندا آهن. هڪ ٻئي سان بازار جي خريداريءَ بابت حال احوال اوريائون، جميلا پنهنجي وڏي پرس مان هڪ موبائل جو ڊبو ڪڍيو، جنهن ۾ موبائل رکيل هئا، وڏي احتياط سان ان ڏهي مان جميلا موبائل ڪڍي ڪونج جي هٿ ڏنا، ٻنهين پينرن کي جميلا جو موبائل ڏاڍو وٽيو.

هاڻي هڪڙو ڪم ته اوهان کي ڪرڻو پوندو، اُهو اِهو ته اوهان کي موبائل استعمال ڪرڻ جو طريقو سيکارڻو پوندو. جميلا به ٿهڪ ڏئي ڪونج سان تاڙي ملائي ٻنهين پيٽين سان مخاطب ٿيندي چيو.

ها! چونہ اها به ڪا وڏي ڳالهه آهي. پر ها، پهريون اهو ٻڌاءِ ته موبائل ۾ بيلنس به وجهرايو اٿئي يا سکڙو سکڙ جو شوق اٿئي. ڪومل وڏي فخر

مان ڪلندي جميلا کي چيو.

بلڪل چريو سمجهيو اٿوَ چا، آڳ نہ رڳو بيلنس بلڪ ميموري ڪارڊ بہ وڃرائي آئي آهيان. متان نہ مڃين، جميلا چيو.

ائين ٿئي سهيليون پاڻ ۾ موبائل سمجهڻ ۾ سمجهائڻ ۾ اهڙيءَ ريت مصروف ٿي ويون، جيئن پراڻي دور ۾ هار شعلي فلم ۾ گبر سنگهہ جا سين وڏي شوق ۾ حيرت منجهان ڏسي اچرج ۾ پئجي ويندا هئا ۾ ان کي سچ سمجهندي سوچن ۾ مگن ٿي ويندا هئا. تہ هل پيٽا! ايڏو ظلم. هي پاسي جي ڪا سُڌ ئي ڪا نہ هوندي هئن.

جميلا، ڪومل ۾ ڪونج وڏي عرصي کان پوءِ اڄ پهريون پيرو موبائل جي ڪري ئي صحيح پر پاڻ ۾ وڏي سِڪ منجهان هڪ ٻئي سان چرچا بہ ڪري رهيون هيون تہ پروگرام سمجهڻ ۾ سمجهائڻ ۾ گم سم هيون. راشده بہ انهن جي پر ۾ وينو مسڪرائيندي رهي، ان جي من ۾ بہ اها خواهش هئي تہ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ آڳ بہ جميلا کان موبائل هلائڻ جو طريقو سکي وٺندس. نياڻيون پهريون پيرو پاڻ ۾ وينيون وندر پيون ڪن، چو نہ آڳ پاڻ ئي مانجهاندو تيار ڪري ونان. سو راشده پنهنجي ڪٽ تان سُرڪي خاموشيءَ سان رڌڻي ۾ ٻپهرو تيار ڪرڻ لڳي. راشده عمر مطابق گهڻي ڪمزور هئڻ ڪري ماني ٽڪيءَ گهڻي قدر نہ پچائي سگهندي هئي. پر نياڻيءَ جي خوشيءَ خاطر بهتر سمجهندي آهستي آهستي ماني تيار ڪري ورتائين.

امڙ پلا اڄ موبائل جي خوشيءَ ۾ ٻپهري جي ماني کائڻ ۾ پچائڻ بہ ياد آهي يا نہ؟ راشده اچي جميلا جي ڪلهن تي هٿ رکي، مُرڪندي چيو. جميلا يڪدم چرڪ پري الا! امان هاءِ هاءِ مون کان وسري وئي اها ڳالهہ، امان تون اتي ويهہ، مان تڪڙ ۾ مرچن ۾ پلاءُ ٿي ناهي ونان. جميلا پنهنجي ٻنهين هٿن سان ڪن پڪڙي ماءُ کان معافي گهرندي اهو چئي رڌڻي ڏانهن وئي. رڌڻي ۾ وڃي چا ڏِسي تہ ماني تہ پهريون ئي تيار آهي. جميلا رڌڻي مان رڙ ڪري چيو هاءِ الا امان هي تو چا ڪيو. تو هيءَ ماني ڪهڙي وقت تيار ڪئي، جيڪڏهن ادا انور کي خبر پئي تہ اڄ منجهاندو امڙ تيار ڪيو آهي تہ هو مون سان ناراض ٿي ويندو. جميلا اهو چوندي

رڌڻي مان ٻاهر نڪري راشده جي ويجهو اچي ماءُ کي پاڪر پائي ٻيهر پنهنجا ڪن پڪڙي ساري چيائين، پوءِ سيني گڏجي لڳ ڀڳ 5 بجي ٻيهرو ڪيو. ٻيهرو ڪرڻ بعد ڇوڪريون ٻيهر پنهنجي تفريح ۾ ائين مگن ٿي ويون جيئن ٽوپا ڪا شيءَ درياءَ مان ڳولهڻ لاءِ ٽپي هٽي گهٽي دير لاءِ گم ٿي ويندا آهن. جيئن ڪوننڍڙو ٻار بازار ۾ ڪنهن پولڙي واري کي ڏسي اتي ئي ٻيهي رهندو آهي.

رات جا ڏهه ٿي رهيا هئا. ڪومل ۽ ڪونج والد جي اچڻ کان اڳ جميلا کان موڪلائي پنهنجي گهر ويون. جميلا رڌڻي ۾ رات جي لاءِ رڌو پڪو ڪرڻ لڳي. پر پاڻ سان گڏ رڌڻي ۾ ٻه موبائل کڻيو ويئي. انور ٻه ڪجهه دير ۾ پهچي ويو. معمول مطابق انور وراندي واري کٽ تي چيلهه سڌي ڪري وهاڻي کي ٽيڪ ڏئي ويٺو. اڄ جميلا جي بدران سندس ماءِ پاڻيءَ جو گلاس پيري اچي ڏنس. انور ماءُ جي هٿ ۾ پاڻيءَ جو گلاس ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو. ٽپ ڏئي اُٿي ٻيٺو. ماءُ کان پاڻيءَ جو گلاس ونڊي، ماءُ کي کٽ تي ويهاري ادب ۽ احترام منجهان تمام هلڪي آواز ۾ ماءُ سان ڳالهائيندي چيو ته امان آءٌ ايترو ٻه ٽڪل نه هوندو آهيان جو منهنجي جيجل مون لاءِ پاڻي کڻي اچي ۽ آءٌ ٽيڪيو ويٺو هجان. جيڪڏهن جميلا واندي نه آهي ته ڪا وڏي ڳالهه نه آهي امان. تون مون کي شرمنده نه ڪندي ڪر. راشده انور جي انهن جملن تي سندس ڳلن تي ٻئي هٿ رکي مرڪندي ٽڏو ساهه پيري وڏي جمار ۽ سدا صحت سلامت رهڻ جي دعا ڪئي.

امان جميلا ڪٿي آهي؟

امڙ جميلا ياءُ آيو اٿئي ڏيءَ، انور جي پڇا ڪرڻ تي راشده رڙڪري جميلا کي ٻاهر اچڻ لاءِ چيو. جميلا ماءُ جي سڏ تي جلد ئي رڌڻي مان ٻاهر جيئن ئي نڪري آئي ڇا ڏسي ته. سامهون انور کٽ تي ويٺو هو ۽ ساڻس راشده ٻه ويني هئي. پهريان ته جميلا پنهنجي متي جو رئو صحيح ڪندي تکڙا تکڙا قدم پيري جهٽ پٽ ۾ پاڻيءَ جو گلاس پيري اچي ياءُ کي ڏنو. انور جميلا کي اهو محسوس نه ٿيڻ ڏنو ته اڄ تو پاڻي پيارڻ ۾ دير ڪئي آهي ۽ امڙ اهو ڪم سر انجام ڏئي چڪي آهي. ان ڪري انور پيڙ

جي دل رکندي اهو پاڻيءَ جو گلاس پيئڻ کان پوءِ گلاس جميلا کي هٿ ۾ ڏئي، کڻو موبائل ونڊي آئي آهين؟ مون کي بہ ڏيکار. جميلا جلدي ۾ وڃي کمري مان پاءُ جي خريد ڪيل موبائل ڪڍي آئي. انور کي اڇي ٻنهين هٿن سان ڏنائين. پاڻ ماءُ جي پر ۾ ڪٽ تي ويهي رهي. معمول مطابق مڙني گهر ياتين ماني کائي حال احوال اورڻ بدران انور ۽ جميلا موبائل سکڻ سيکارڻ ۾ مست ٿي ويا. راشده پنهنجي ڪٽ تي گهٽي ٽڪ ڪارڻ جنگهون سڏيون ڪري مٿان چادر وجهي سمهي پئي. ڇاکاڻ تہ راشده وڏي عرصي کانپوءِ اڄ رڌ پچاءَ جو ڪم ڪيو ان ڪري سندس سندن ۾ سُور پئجي ويو هو پرراشده پنهنجي تڪليف جي ڪنهن کي ڪا خبر چار نہ ڏني. رات جو پويون پهر هو گهٽي دير هئڻ سبب انور جون اکيون بہ ٻوٽيون پيون وجن تہ وري جميلا کي بہ اوباسين مٿان اوباسيون هيون. ان ڪري انور ڇت تي آرام ڪرڻ لاءِ هليو ويو. جميلا پنهنجي ماءُ سان ڪلهو هٽي سمهي پئي. انور کي ننڊ تہ ڪنيو پئي وڃي پر ڏهني طور تي انور بيڇين ۽ بي تاب هو. انور جو هڪ تمام جگري دوست فيصل هو جيڪو سدائين ڪنجوسي ۽ حد کان وڌ سادگيءَ جون معيارون ۽ طعنا تنڪا پيو هٽندو هو. هو هميشہ انور کي اها ڳالهہ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو هو تہ دنيا ترقي ٿي ڪري، پر تون اهو ئي پراڻي دور واري سوچ ۽ فقيراڻو لباس پائي پاڻ ٿو لڇائين. ڪمائين تہ سنو ٿو پر نہ موبائل، نہ موٽر، نہ ڪپڙا ڊنگ جا، نہ پيرن ۾ ڊول جي ڪا چپل. تون بس! شربت وڪڻي وڪڻي هڪ ڏينهن گاڏي تي ئي مري ويندين. اتان ئي تنهنجو جنازو نڪرندو، پر افسوس جو ڪٽي ڪجهہ بہ نہ ويندين. انسان هٿين خالي آيو آهي ۽ هٿين خالي موٽي ويندو. فيصل جي نصيحت جو اثر اڄ رات انور جي دماغ تي ويهجي ويوهو. انور جون اکيون آسمان جي تارن منجهہ ۽ اکين ۾ نقش صرف فيصل جي ڳالهين جو ڄانيل هو. انور کي فيصل جي اها ڳالهہ منجهائي رهي هئي تہ هو هميشہ انور کي اهو پڙ چوندو هو تہ مهانگائي وڌي وئي آهي. فائدو وڌيڪ حاصل ڪرڻو اٿئي تہ ڪجهہ ملاوٽ ڪرڻ جو ڏانءُ بہ رک. بازار ۾ سپ ڳوناڻا ئي تہ اچن ٿا، انهن کي ڪهڙي خبر تہ هاڻي تون ملاوٽ بہ ڪرين ٿو. اهي جنهن جو

گھٽو نالو ٻڌندا آهن. اتي سندن چهچٽو هوندو آهي، انهن کي کيڙي خبر ذائقي ۾ شهر جي خالص شين جي. ان تات ۾ انور جي ننڍ تہ ڦٽي وئي پر ڳلو بہ هر هر خشک ٽيٽ سبب بار بار پاڻيءَ جو گلاس هڪ ساهيءَ ۾ پي پيو ڇڏي. انور هونءَ پاڻ سان گڏ هڪ جڳ پاڻيءَ جو رکندو آهي پر اڄ اهو جڳ جلد ئي ختم ٽيٽ سبب ٻيو پاڻي پري آيو. هڪ ساهيءَ ۾ پاڻيءَ جو گلاس پيئڻ بعد انور اهو پڪو پهہ ڪيو تہ بس هاڻي حد ٽي وئي. هاڻي آڱ پنهنجي ذات تي ڪجهہ خرچ ڪندس ۽ پنهنجي شخصيت ۾ نکار پيدا ڪرڻ لاءِ خرچ ڪرڻ ۾ نہ گهبرائيندس. موبائل تہ ونڊي ڇڏيو آهي هاڻي آڱ هڪ موٽر بہ ونندس. ان لاءِ مونکي وڏي رقم جي اشد ضرورت پوندي. انور سوچن جي هڪ اهڙي ڄار منجهہ ڦاسي ڇڪو هو جنهن مان نڪرڻ ايترو تہ مشڪل هو جيئن هڪ ڪاري ڪبوتر کي شڪاري شڪار ڪري هڪ ڪاري هينيان لڪائي ڪاري مٽان ڪا ڳري شيءَ رکي ڇڏيندو آهي. ان بعد ان ڪبوتر جو تڙپڻ ۽ باهر نڪرڻ لاءِ پر هٽڻ آهي. رات ڪافي گذري چڪي هئي. آسمان تي نظر ايندڙ تارا پنهنجو سامان ميڙي پنهنجي منزل ڏانهن وڃڻ جون تياريون ڪري رهيا هئا. انور جي اکين سڄي رات جي اونهن خيالن سبب ننڍ سان وڏي ويڙهہ ڪري اوجاڳي جو جهنڊو ڦڙڪايو ئي مس تہ رات جي پوئين پهر جي مني ننڍ جي جهولن انور جي ذهن ۽ نيٽن تي اچانڪ اهڙو تہ حملو ڪيو نيٽ سندس اکيون ٻوٽجي ويون. انور جي اک جيئن لڳي تہ ڪيس جاڳ ان وقت ٽي جنهن وقت صبح جو سِڄ جي تيز ڪرڻن سندس اکين ۽ جسم تي حملو ڪيو. اچانڪ اک کولي ڏسي تہ چٽو ڏينهن ٽي چڪو آهي. جميلا پنهنجي وقت تي اسڪول وڃي چڪي هئي. انور ماءُ سان گڏجي ناشتو ڪري پنهنجو سامان کڻي تڪڙو تڪڙو بازار ڏانهن هليو ويو.

انور پڪو پهہ ڪري ڇڏيو تہ اڄ کان ڪير ۾ ملاوٽ ۽ فروٽ سادو استعمال ڪندس. انور گاڏي تي پنهنجو سامان سجائي رهيو هو تہ فيصل بہ گاڏي تي اچي پهتو. سلام ڪري هڪ استول تي پاڻ وينو ۽ ٻئي تي پنهنجون ڄنگهون هڪ ٻئي مٽان رکي اهڙيءَ ريت ويهي رهيو. جيئن

بازار جي مڙني گاڏن جو نيڪيدار هجي. ڇوپلا اڄ پيار و دير ڪري پهتو؟ خير ته آهي. ڪهڙا مڃيءَ مان ڪنڌا پيو ڪڍين جو دير ٿي ويئي. فيصل سگريٽ دکائي ڪش هڻي انور کي وري به چرچو ڪندي چيو.

پيارا ڏي خبر ڪو محنتي ڪم جو ڄاڻو ڇوڪرو نظر ۾ اٿئي ته ٻڌاءِ منهنجو ڪم وڏي ويو آهي، ان لاءِ انور پنهنجو ڪم به ڪري رهيو هو ته ساڻ فيصل سان به ان موضوع تي ڳالهائي رهيو هو.

بلڪل آهي: بازار جي منڊ ۾ رمضان وٽ ولو پراٺو ڪاريگر آهي. ان جو سنو تجربو به آهي، پر رمضان سندس ڏاڙي نه ٿو وڏائي. ان ڪري في الحال ولو گهر وينو آهي. جيڪڏهن تون کي واقعي گهرج آهي ته پوءِ ولوءَ کي هاڻي ئي نيا پو ڪيان. جيڪڏهن هتي پنج روپيه ڏاڙي سرسُ ملندس ته دل لڳائي ڪم ڪندو. توکي به هڪ آسرو ٿي پوندو. فيصل سگريٽ جو وڏو ڪش هڻي منهن مٿي ڪري وات مان دونهون ڪڍي انور ڏانهن ڪنڌ ڦيرائي مارڪيٽ جي دادا واروانداز ظاهر ڪندي کيس وراڻيو.

اڙي يار پوءِ دير ڇا جي ان ڏانهن هينئر ئي نيا پو موڪل، پڪ ونينس ته اڄ کان ئي پنهنجو ڪم شروع ڪري. انور ڪم ڇڏي فيصل ڏانهن نهاري ان جي ٻر ۾ ويهي فيصل جي گوڏن تي ٽپڪو ڏئي سُتت ئي گهرائڻ جي ڳالهه ڪري ٻيهر پنهنجي ڪم جاري رکندي چمڙي جو ٽيلهو کڻي ان ۾ برف جا وڏا وڏا ڳنڍيا وجهي ان ٽيلهي جو منهن بند ڪري ڪاٽ جي ڏنڊي سان برف ڪُٽڻ لڳو. انور پنهنجو ڪم ڪندي ٻيهر فيصل سان مخاطب ٿيندي چيو. وڏا پلا ڏي خبر جمعي تي واند ڪائي آهي؟

اڙي يار واند ڪائيءَ جي ڳالهه ڪهڙي ٿو ڪرين، اسين گهٽين جا سرويئر سڃو ڏينهن واندا، ابي جون زمينون ايتريون آهن جو اسان جا ست نسل به ويهي کائن. اسان کي ڪهڙو ڪم بس! گهر ۾ ويهي ڪٽن چنڻ کان پلو آهي ته ماٺهن سان ڪچهريون ڪري ياري ملهايون. حڪم ڪر وڏا ڪهڙو لاباروڪرائڻو اٿئي جو اڄ واند ڪائيءَ جي ڳالهه ٿو ڪرين، سو به تون، ڇا تو کي واند ڪائي ملندي؟ تون ته ايترو مصروف

هوندو آهين جو پنج سال ڏندن کي برش ۾ نہ هٽندو آهين سو تو کي وري کيڏانهن واندکائي ملندي. ڀگالھ ڪر پيارا، ڳونڙ ۾ رهندڙهي پاڙي ۾ ڪجھ اهڙيون عورتون ۾ هونديون آهن جن جو ڪم هيڏانهن جي هوڏي تہ هوڏانهن جي هيڏي هٽي پيون گھر ڀاهي فخر ڪنديون آهن. اهي عورتون ۾ هر هڪ سان ڊيڪ ڏئي ڀگالهائيندیون آهن، سو فيصل ۾ پهريان تہ انهن رنن وارا ڊيڪ ڇڏيندي انور سان ڀگالهايو. پوءِ حقيقت پڇيائينس.

ٻئي جگري يار هئا، ان ڪري هڪ ٻئي جي دل ۾ نہ رکندا هئا. انور فيصل جي يخي ٻڌي اڻ ٻڌي ڪندي وڏا سنگت جون ڀگالهيون دل ۾ گھر ڪري ويون آهن. انڪري هاڻي شان ۽ شوڪت واري زندگي گذارڻ جو پھہ ڪيو آهي. پر ان ۾ تنهنجي رهنمائيءَ جي هر موڙ تي ضرورت پوندي. ان لاءِ ڪجھ ڪپڙا ۽ موٽر خريد ڪرڻي اٿم. ڇا صلاح اٿي؟ انور پنهنجا شهپر وٺيندي فيصل سان دل جي ڀگالھ اوري.

نيڪ ڪم ۾ پڇڙ ڇا جو؟ پيارا، جمعي ۾ ۽ باقي ڏينهن تي ضرور هلندا سين. فيصل سگريٽ هيٺ اڇلائي، ان مٿان پنهنجي بوٽ جو زور ڏئي باھ وسائي استول تان اٿي بينو. تہ انور ملڪ روز ناهي هڪ گلاس پري فيصل کي ويهڻ جو چئي کيس گلاس آڏو رکيو. فيصل خوشيءَ منجهان گلاس کڻي هڪ ڊيڪ پري حيران ٿي انور ڏانهن ڏسڻ لڳو. چيائينس تہ پيارا اڄ ملڪ روز ۾ اهو ذائقو نہ آهي، خير تہ آهي؟ لڳي ٿو مندر اڄ ڪير ۾ جڳاڙ هٽي ويو. انور حقيقت ڄاڻي پيو، پر هو فيصل کي ڏسڻ کان لنوائي پيو. انور ڀگالھ نٽائيندي نرڙ تي گھنج وجهي فيصل ڏانهن نهاري چيو تہ بس! يار ڇا ڪجي هر پاسي بي ايماني وڌي وئي آهي. چئجي تہ ڪنهن کي چئجي.

فيصل ملڪ روز جا ۽ ڊيڪ بچائي گلاس پاڻيءَ واري بالٽيءَ ۾ سان رکي اٿي بينو انور جي ڪلهي تي هٿ رکي وڏو ساھ کڻندي چپن تي هلڪي طنزيہ مرڪ سجائي چيو "بس پيارا جھڙو ديس تھڙو ويس، دنيا کي ڪيئن گذارو ڪرڻو آهي اهو هر ڪو ڄاڻي ٿو. سمجهي ٿو ۾ ان جي مطابق ئي پنهنجي فن مان فائدو ونڻ ڄاڻي ٿو هڪ تون آهين جنهن جي

ذهن تي ايمانداريءَ جو پوت سوار آهي." ائين چئي فيصل پنهنجي ڪم سان هليو ويو.

انور اچرج ۾ پئجي ويو ته فيصل کي ڏائقي مان تمام جلد اندازو ٿي ويو ته اڄ ملڪ روز ۾ اها ڳالهه نه آهي. خير انور اهو سوچي پنهنجو پاڻ کي تسلي ڏني ته صبح کان وٺي هن محل تائين جن به گراهڪن شربت پيتو آهي ڪنهن اهڙي قسم جي ڪا به شڪايت ناهي ڪئي. هي پيارو دوست آهي ان لاءِ هن نخرو ڪيو هوندو. وڏن جو چوڻ آهي ته "هڪ الله جو نانءُ ۽ ٻيو حلوي سان ماني". اهو سوچي هو پنهنجي ڪم ۾ مست ٿي ويو. سڄو ڏينهن پنهنجي روزيءَ جو هر هلائي ڏاند ٻڌي رات جي وقت انور پنهنجي گهر ڏانهن رُخ ڪيو.

حقيقت ۾ اسان ظاهر ۾ جيڪا ترقي ڪيون ٿا، اها ترقي نه بلڪ تنزلي آهي. بس! فرق رڳو سمجهڻ جو آهي. ٻي ڳالهه ته اسين جيڪڏهن ڪنهن شيءَ جو صحيح استعمال ۽ وقت سر استعمال ڪندا سين ته زندگيءَ ۾ ڪنهن به موڙتي ان مان اسان کي گهاٽو نه رسندو، اها ئي حالت انور جي گهر ۾ موبائل جي اچڻ کان پوءِ پيدا ٿي چڪي هئي. محبتن جي ميلن ۾ هر ڪنهن کي هڪ ٻئي جي چهرن تي سجايل مُرڪ ئي نظر ايندي آهي. ان وقت ڪنهن کي به ڪنهن جي اندر ۾ جهاتي پائي نيتن جي اندازي ڪرڻ جو نه وقت هوندو آهي، نه ئي ان پاسي کو خيال هوندو آهي. هر کو هڪ ٻئي سان محبتون وندبندي نظر ايندو آهي. حقيقتن جو راز ته ميلي جي موٽ تي ظاهر ٿيندو آهي.

انور جي گهر داخل ٿيڻ تي گهر جي ماحول ۾ فرق ضرور هو پر محبتن جي مٺاس ۾ جيئن چانهه جي ڪپ ۾ ڪنڊ وڌيڪ وجهي ۽ چپڻي لوڻ وجهڻ سان لوڻ جو ذائقو محسوس به ناهي ٿيندو، بلڪل ائين ئي انور کي فرق محسوس نه پيو ٿئي. جميلا شام جي وقت وٽ ونان ڪري سيگهه ۾ رات جي ماني تيار ڪري چڏي هئي. جميلا پنهنجي ڪٽ جي سيراندي ڪان هڪ وهاٽي کي ٽيڪ ڏئي موبائل جي وندر ۾ مست هئي. ڪيس اها سمڪ به نه پئي ته ڪنهن پاتيءَ گهر ۾ قدم رکيو آهي. راشده پنهنجي ڪٽ تي سوير چيلهه سڌي ڪرڻ واسطي مٽان چادر وجهي

سمهي پئي هئي. انور فريزر مان پاڻي ڪڍي ٻيني پير هڪ ئي ساهيءَ ۾ پاڻي پي اڇي ڪٽ تي ويٺو ته جميلا جي نظر پاءَ تي پوڻ سِٽ ئي هوءَ چرڪ پري موبائل وهاڻي جي پر ۾ رکي اٿي بيٺي.

ادا اوهان پاڻي مون کي چؤها، جميلا حيراني منجهان پاءُ کي چيو.

ڪا ڳالهه نه آهي پٽ، پهريون اهو ٻڌاءِ ته امان کي ڇا ٿيو آهي جو سويل سمهي پئي آهي؟

ادا امان بلڪل ٺيڪ آهي، مون سوير ماني تيار ڪئي هئي، ان ڪري امان ماني ڪائي ڪجهه دير لاءِ چيلهه سڏي ڪري سمهي پئي آهي. اوهان ويهو ته آءٌ اوهان جي لاءِ ماني ڪڍي اچان. جميلا اهو چئي رڌڻي ڏانهن هلي وئي.

انور حيرت منجهه پنهنجي ڪٽ تي ويٺو، اهو سوچيندو رهيو ته امڙ اڪيلي سر ماني ڪيئن کاڌي؟

هو سوچي ئي رهيو هو ته جميلا ماني ڪڍي اچي انور آڏو رکي ۽ پاڻ پنهنجي ڪٽ تي وڃي ويهي پنهنجي وندر ۾ بيهر مست ٿي وئي.

جميلا پٽ! ڇو خير ته آهي، تون ماني نه کائيندين؟

نه ادا! مون کي بک نه آهي. جميلا بي فڪريءَ سان پاءُ کي چيو.

انور سپ ڪجهه محسوس ڪندي به ڳالهه کي در گذر ڪري ڇڏيو.

آسائشن جي آڙ ۾ خوشيءَ ۾ آهستي آهستي گهر جا ماڻهو جيڪي صبح جو ناشتو ۽ رات جي ماني هڪ ٻئي کان سواءِ کائڻ پسند نه ڪندا هئا، هينئر هر ڪو پنهنجي مُنهن ماني کائي اوڳرايون ڏئي پير ڊگها ڪري بي فڪر ٿي سمهي پوندو هو. ڪنهن جي دل تي ڇا ٿئي گذري، ڪير ڪنهن لاءِ ڇا ڪيو سوچي اهڙا اُلڪا سيني جي ڏهن مان ائين نڪري ويا جيئن ڪو لاوارث ماڻهو مرڻ بعد ڪٿي دفن ٿيو ڪنهن کي خبر ئي ناهي هوندي، اهي اُلڪا سندن ڏهن مان ائين متجي ويا، جيئن ڪنهن انسان جي وجود مان روح پرواز ٿي ويندو آهي ۽ خالي متيءَ جو پتلو بنا تڙ جي بانس ڪري ويندو آهي.

جمعي جو ڏينهن هو، صبح جو سوير انور جيئن ئي گاڏي تي پهتو ته اتي فيصل ۽ ولو اڳواڻ ئي بيٺا هئا. انور ۽ فيصل پاڻ ۾ ملايا، ولو انور سان

وڏي ادب منجهان جهڪي مليو.

ادا! هي ولو آهي، اوهان جي گاڏي تي ڪم لاءِ اندو اٿم. فيصل انور کي چيو.

انور! ها ادا بلڪل مون کي به ضرورت هئي ۽ مان پانيان ٿو ته ولو محنت ۽ سچائي سان پنهنجو ڪم ڪندو. انور ولوءَ کي سڄو ڪم سمجهايو. فيصل ۽ انور ٻئي خريداريءَ لاءِ نڪري هليا ويا. انور پهريون پيرو پنهنجو گاڏو ڪنهن جي حوالي ڪري پاڻ تفريح سانگي هليو ويو. ڪيس اها خبر نه هئي ته منهنجا گراهڪ ان ڪري به مون کي پسند ڪندا آهن ته ڪين عزت به ملندي آهي. ان جي غير موجودگيءَ ۾ ڪيترائي گراهڪ ڪيس نه ڏسي موٽي هليا ويا. ته ڪن وري شربت مان وڏون ڪيڊي شربت پيئڻ کان انڪار ڪيو ۽ واپس موٽي هليا ويا. شام تائين ٻئي دوست ائين غائب ٿي ويا جيئن گرمين جي ڏينهن اُس ۾ پکي پکڙ وٽن جي سوراخن ۾ وڃي لڪي ويهي رهندا آهن. انور ۽ فيصل جو به رات تائين ڪنهن پاسي کان ڪو پاڇو به نظر نه پيو اچي. هيڏانهن گاڏي تي به اُها هلت نه هلي جيڪا انور جي هوندي ٿيندي هئي. رات جا 10 ٿي رهيا هئا، فيصل ۽ انور هڪ ڏينهن زيرو ميٽر موٽر تي اچي پهتا. انور جو موبائل، جيڪو ڪجهه ڏينهن اڳ سندس پيءُ خريد ڪري آئي هئي، اهو به انور جي اڳيان واري ڪيسي ۾ رکيل هو. باقي ٻنهين دوستن جيڪي ڪاڏن جا چار پنج جوڙا خريد ڪيا اُهي اُتي ئي درزيءَ کي سبڙ لاءِ ڏنيون آيا. ٻئي دوست ڏاڍا خوش نظر اچي رهيا هئا خوشيءَ ۾ ننڍي ننڍي ڳالهه تي وڏا ٽهڪ ۽ تاڙا ملائي رهيا هئا. ٻنهين جي چهري تي خوشي ائين سمايل هئي، جيئن ڪنهن چنڊي ٻار جي ٻنا محنت جي سالياني امتحانن ۾ پاس ٿيڻ جي خبر تي سندس چهري تي خوشيءَ منجهان گلاب جا گل ٽڙندي پوندا آهن.

ادا ولو وڏي خبر بابا کا پريشاني ته نه ٿي؟ بابا گهٽو ڪمايو گهٽو خرچ ٿيو؟ انور خوشيءَ منجهان بي فڪريءَ واري حالت ۾ مرڪندي ولوءَ کان سوال ڪيو.

ولوءَ جي ٻئسن ڏيڻ تي انور جي ڏندين آڱريون اچي ويون. ڇاڪاڻ

تہ آمدني همیشہ جي مقابلي ۾ اڌ کان بہ گھٽ هئي. انور جي چهري تي مايوسي تاري تي پئي پر خوشيءَ منجهان هر ڳالهہ کي در گذر ڪندي پئسا سائيڊ واري کيسي ۾ وجهي ولوءَ کي سامان سميٽڻ جي ترڪيب ٻڌائي ٻئي دوست رات جي ماني هائي وي واري پشاوري هوٽل تي کائڻ جي سِٺ سٽيون آيا هئا. موٽر تي چڙهي عوامي ايڪسپريس جيان ٻئي اُڏامندا تي ويا. شهر کان ڪجهہ پريرو مين هائي تي پشاوري هوٽل جي ڪڑهائي ذائقي ۾ تمام مقبول هئي. شهر جي ڪنهن بہ سنگت سان کي جيڪڏهن چگو چوکو هوٽل تي کائڻ جي حب ٿيندي بہ آهي تہ سڏو وڃي پشاوري هوٽل تي بريڪ هڻندا آهن. ڏاڍو ڪڑهايون کائي تيلين سان ڏند صاف ڪندا گهر پهچندا آهن. هوٽل تي پهچي هڪ صندُل تي ڳاڙهي رنگ جي گول وهاڻن کي ٻئي دوست ٽيڪ ڏئي ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي ويهي رهيا. هوٽل تي ماڻهن جو وڏو ڇهڪتو هو. ايتري ۾ هوٽل جو بيرو آيو. سائين اوهان جي ڪهڙي خدمت ڪجي؟ بيري وڏي مان ۾ ادب منجهان چيو.

جاني! اڌ ڪلو ٻاڪري گوشت جي ڪڑهائي پر وي آئي پي هجي. آخر ۾ بہ ڪڙڪ چانهيون اهڙيون جو ٽڪ ئي لهي وڃي. فيصل بيري کي وڏي حجت واري انداز ۾ چيو.

جيسين ڪڑهائي تيار ٿئي تيسين خوشيءَ ۾ ڇڙواڳ ٿهڪن سان حوال ڪري ڪِلي ڪِلي ٻيٺا ٽيٺا پئي ٽيا، اڄ پهريون پيرو انور جوانيءَ جي مستي ۾ جهان جي فڪر کان آزاد ٿهڪن جي دنيا ۾ مست هو. هڪ ڪلاڪ جي وقفي کانپوءِ بيرو ڪڑهائي کڻي آيو. ٻنهين دوستن شوق سان ڪڑهائي کائي تن من تازو ڪيو. بِل انور ادا ڪيو ۾ بيري کي ٽپ (بخشش) بہ انور ئي ڏني.. انور جي نظر جيئن ئي گهڙيءَ تي پئي تہ رات جا 12 ٽي رهيا هئا. انور پهريون پيرو زندگيءَ ۾ گهر کان ٻاهر ماني کاڌي ۾ ٻاهر رهيو. ان ڳالهہ جو انور جي ذهن ۾ ڪوبہ اُلکو نہ ٿيو. هن زندگيءَ جا نوان رنگ ڏٺا تہ ٿر ۾ رهندڙ مور جي برسات پوڻ کانپوءِ مور جي جهومڻ وانگر مست هيو. بس! فرق ايترو هو تہ مور جهومي جهومي نيٺ پنهنجي پيرن ڏانهن ضرور نهاريندو آهي، پيرن ڏانهن نهاري پنهنجي ماضيءَ جي

اهميت کي ياد ڪندي روئندو آهي ۽ انور وندر جي بادلن ۾ گم ٿي ويو. اهو فڪر نه هو ته بادل اگر برسات بنجي زمين تي برسيا ته پوءِ منهنجو ڇا ٿيندو؟. زندگي بهار جي موسم جيان پُر بهار ۽ گلاب جي گلن جيان ڳاڙهسري ۽ خوشبوءَ سان حسين ۽ جميل لڳي پئي هئي. آخر ۾ چانهه جو چسڪو هڻي موٽر تي گهرن ڏانهن روانو ٿيا. انور پهريون فيصل کي پنهنجي گهر ڇڏيو. پوءِ هو پنهنجي گهر اچي پهتو. در کڙڪائڻ تي پهريون ته ڪو جواب نه مليس پر پوءِ ٻيهر دروازو کڙڪائڻ تي سندس ماءُ وراڻيو ته "ها پُٽ صبر ڪر اچان ٿي." راشده دروازو کوليو ته انور جي هٿ ۾ موٽر ڏسي اچرج ۾ پئجي وئي. انور در جا ٻئي تاڪ کولي موٽر اندر ڪئي ۽ در بند ڪيو. جميلا چادر ۾ ويڙهي سُڪ، نند ۾ گهوگهرا هڻي رهي هئي.

پٽ! خير ته آهي، شال! ڪوسو واءُ نه لڳي. ابا اڳ ته ايڏي دير ڪڏهن به نه ڪري آيو آهين، هيءَ موٽر گاڏي ڪنهن جي اٿئي پُٽَ؟. راشده دعا ڏيندي ٻئي هٿ انور جي ڳٽن تان گهمايا، موٽر ڏانهن هٿ جو اشارو ڪندي معلوم ڪرڻ چاهيائين.

انور کي اهو ذهن ۾ هو ته نئين گاڏيءَ جو امان ۽ جميلا کي اوچتو سرپرائيز ڏيندس. پر رات جو پويون پهر هو، ائين نه ٿي سگهيو. امان صبح ڏسيندو سان ۽ ته گاڏي ڪنهن جي آهي، ڳڻتي نه ڪر.

پُٽ! تون ساهه پَٽ، ته آءٌ تنهنجي لاءِ مانيءَ ڳيو ڪٽي اچان. راشده رڙٽي ڏانهن ويندي پٽ کي چيو.

انور وراڻيو نه امان نه آءٌ ماني کائي آيو آهيان. تون خفو نه ڪر. آءٌ گهٽو ٽڪجي پيو آهيان. تون به آرام ڪر، آءٌ به مٽي وڃان ٿو.

راشده اهو ٻڌڻ باوجود به ماني ڪٽي اچي ڪٽ تي رکي ڪٽ جي پيراندي ڪان ويهي رهي. پٽ آءٌ تنهنجي انتظار ۾ ڇڳي دير تائين ويني رهيس پر تون نه آئين، ڇا ڪيان ٻڇڙا عمر گهٽي ٿي وئي آهي. جڏهن بک برداشت کان وڌي وئي ۽ نند ستايو ڪٽ تي چيلهه سڌي ڪري تنهنجي انتظار ۾ ويني هيس. ڪنهن وقت اک لڳي به پئي ته تنهنجي تات ۾ وري نيٽن ۾ تنهنجو ديرڪرڻ وارو الڪو ستائي رهيو هو.

امان آءٌ ماني کائي آيو آهيان، تون کائي ڇڏ ۾ ها امان تنهنجي دعائن سان مون کي ڪجهہ بہ نہ ٿيندو. تون اُلڪو نہ ڪندي ڪر. ماءُ کي تسلي ڏئي انور پاٽي پري مٿي هليو ويو پر جميلا ننڊ ۾ سُڪ هئي.

راشده پهريون پيرو جبل جيڏو انتظار ڪرڻ کانپوءِ ويڳاٽن جيان اڪيلي سِر ماني جا بہ ٿي گرنهن هنيا پر نڙيءَ مان نہ پيا لهن ڇاڪاڻ تہ جڏهن انسان کي جنهن انداز ۾ ماني کائڻ جي عادت پئجي ويندي آهي پوءِ اوچتو ان جي تبديل ٿيڻ سان بي چيني ۾ اضافو ۾ ڪا شيءَ نہ وٽندي آهي. راشده ڪجهہ ڏينهن کان جميلا جو گهر ۾ موبائل اچڻ ڪري گهر جو گهٽي قدر ڪم ڪار بہ پاڻ ئي ڪري رهي هئي پر اها ڳالهہ انور کان مڪمل طور تي لڪائيندي رهي. جهوني عمر ۾ اوچتو گهر جو ڪم سگهہ نہ هجڻ باوجود بہ راشده گهر جي خوشين ۾ رونقن برقرار رکڻ جي خواهش سبب همت ڪري حالتن جو مقابلو ڪري رهي هئي. وري اولاد جي رات جو دير تائين نہ اچڻ جو اُلڪو سندس دل ڪمزور ڪري رهيو هو. ان ڪري راشده افسوس منجهان تارا ڏِسي ڏِسي گهٽ ۾ گهٽ انتظار جي اُلڪي کان آجي ٿي نيٺ اکين جا پردا بند ٿيا ۾ ڪهڙي وقت سکون نيٺن تي حاوي ٿيو ڪا خبر ئي نہ پئي.

ٻئي ڏينهن سِج روشنيءَ جي ڪرڻن سان گڏ تارن جي قافلي کي شڪست ڏئي آسمان تان اُس جي گولن جي هلڪي هلڪي ڪڻ ڪڻ برسائڻ شروع ڪئي. انور جي اک کلي پئي. هو هڪ اجنبي شهر ۾ هڪ رات لاءِ ٽِڪيل مسافر خاني ۾ مسافر جيان چٽ تان هيٺ لهي ناشتو ڪرڻ کان سواءِ گاڏي ڪڍي بنا موڪلائڻ جي هليو ويو. جڏهن تہ جميلا پڻ ان کان اڳ بنا ناشتو ڪرڻ جي اسڪول وڃي چڪي هئي. مطلب تہ جديد دور جي سائنسي آسائشن گهر جي ياتين ۾ جديد استينڈر جو جذبو پيدا ڪري رشتن جي احساس ۾ محبت جي مٺاس کان محروم ڪري ڇڏيو. هن وقت اها ماءُ جنهن کي وڏي عرصي کان مڙس جي ڪمي محسوس بہ نہ ٿيندي هئي اها گهر جي حالتن تي ڳٽتيءَ جي ڪاري ڪُن ۾ تڙپندي ٿي رهي پر ڪيس هٿ پکڙي کو تسلي ڏيڻ وارو نہ آهي. هر ڪو خيالي طور ترقي ڏانهن قدم وڌائڻ جو سوچيندي پاڻ تي فخر

ڪندي پاڻ کي سلام ڪري رهيو آهي پر حقيقت کي سمجهڻ جي ڪوشش نه ڪري رهيو آهي ته اسان جي گهر، رشتن ۾ روزگار کي اها اُڌهي کائي رهي آهي، جنهن جي مڪمل تباهيءَ کان پوءِ اسين پاڻ به سنيالي نه سگهندا سين. راشده ان اُڌهيءَ جي انجام کان بهتر انداز ۾ واقف هئي جنهن ڪري اندر ئي اندر ۾ پئي پڄرندي هئي پر ٻڪ نه ڪيندي هئي، اهوان ڪري ته اولاد آهي. سمجهي ويندا.

انور ۾ فيصل تمام سُنا دوست ٿي چڪا هئا سڄو ڏينهن موٽر تي تفريح ڪندا رهندا هئا. انور پنهنجي فضول خرچن ۾ اضافي ڪارڻ ڪير ۾ ملاوٽ ۾ غير معياري فروٽ جو استعمال وڌائيندو ويو. ٻئي پاسي ولوءَ ڏنو ته مالڪ پاڻ ئي جڏهن پنهنجي روزيءَ سان سچو نه آهي ته پوءِ آڏ ڪهڙي سچائي ڪريان. ولوءَ ڏنو ته مالڪ مڪمل طور تي تفريح ۾ مگن آهي، ان مان فائدو وٺندي بي ايمانيءَ جو ليڪو لنگهي ويو.

گراهڪ جيڪي انور جي اخلاق ۾ خالص شربت جي ڪري ڏورانهن علائقن کان اچي گرميءَ جي حالت ۾ به ٻيهي شربت پيئڻ پسند ڪندا هئا انهن گراهڪن جو آهستي آهستي ٻين دڪانن ڏانهن لاڙو ٿي ويو. ٻين جوس وارن جي ته رب ٻُڌي. انهن وقت مان فائدو وٺندي ڪجهه عرصي لاءِ شربت جو ذائقو وڌائي گراهڪن جي توجه پاڻ ڏانهن ڪرائڻ چاهي ۾ هو ان مقصد ۾ ڪامياب ٿي ويا.

گاڏي جي اُپٽ فائدي بدران نسورو نقصان ڏيڻ لڳي. روزانو مور به نه نڪرندو هو. ٻن مهينن جي عرصي ۾ انور ڪيترن ئي ماڻهن جو قرضي ٿي ويو. قرض جي انتها سبب انور وٽ ايترو هڙ ۾ نه هو جو هو موٽر ۾ پيٽرول وجهرائي سگهي. ولوءَ ڏنو ته انور قرض ۾ ڪارو ٿي ويو آهي، هاڻي ته هو منهنجي ڏهاڙي به نه ٿو ڏئي سگهي. نيٺ هو به اوچتو بنا ٻڌائي ڪنهن ٻي جاءِ تي پنهنجو بندو بست ڪري هليو ويو. فيصل به پنهنجا ڏند ڏيکاريا، بنا ڪنهن مقصد جي ڪنهن ڳالهه تي اُنڊ ڏئي جهيڙو ڪري انور کان ائين دور رهڻ لڳو جيئن زال ۾ مڙس طلاق کان پوءِ شرعي طور هڪ ٻئي کان پري ٿي ويندا آهن. ۾ هميشه لاءِ نه ختم ٿيڻ واري نفرت سندن ذهن ۾ ويهجي ويندي آهي.

انور کجھ ڏينھن جي تفريح جو ڇُسڪو وڻي،سڀ کجھ برباد ڪري جڏھن ھوش سنياليو تہ کيس ڀَالھ سمجھ ۾ آئي، پنھنجي ھٿ جي وڌي آھي.

انور ماضيءَ جا ورق اٿلائي زندگيءَ مان سبق حاصل ڪندي، دنيا جي رسم ۽ رواج، مفاد جي بنياد تي وقتي طور دوستيءَ جي شڪل اختيار ڪري تباھ ڪندڙ انسانن، جديد دنيا جي آسائشن بنا تجربي ۽ انھن جي غلط استعمال جي ڪري انسان جي تباھي ۽ برباديءَ جو ڏاڻُ سِکي نيٺ پنھنجي ان ئي گاڏي تي اچي پير پختا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنھن گاڏي تي انور ايمانداري ۽ سچائيءَ جي طاقت جي زور تي جنگ وڙھي شھر جي بازار ۾ پنھنجو نالو سرھو ڪرڻ ۾ اھم ڪردار ادا ڪيو ھو، پر افسوس جو جھڙيءَ ريت جنگ احد جي ڪاميابيءَ کان پوءِ مسلمانن جي ٽورڙي غفلت، مطلب تہ ڪافرن کي ميدان جنگ ۾ نہ ڏسندي مسلمانن جو مورچا ڇڏي خالي ميدان ۾ مال غنيمت ميڙڻ جي لالچ ۾ اچي گڏ ٿيڻ، مال گڏ ڪرڻ جي غلطيءَ واري عمل اوچتو حالتن کي تبديل ڪري ڇڏيو، جنھن جي نتيجي ۾ مسلمانن کي وڏو ڇيھو رسيو. اھڙي طرح انور بہ دولت کي مال غنيمت سمجھي ميڙڻ جي غفلت ۾ رشتن جي احساس، حلال ۽ حرام جي فرق، صحيح ۽ غلط جي سُجاڻ جي فرق کان محروم ٿي ويو، جنھن جي نتيجي ۾ بربادي سندس زندگيءَ جو مقدر بڻجي وئي، اھا حقيقت آھي تہ انسان خطا جو پُتلو آھي برباد ٿيڻ کان پوءِ بہ جيڪڏھن ھوش سنياليو ڏاڍيءَ در پنھنجي گناھن جي معافي گھري، ٻيھر پنھنجي دين ۽ ايمان جي طاقت سان پنھنجو پاڻ کي طاقتور ڪرڻ جي ڪوشش ڪري تہ اھو بلڪل ممڪن آھي، ڇاڪاڻ تہ اللہ غفور ۽ رحيم آھي. پر اھا پڻ حقيقت آھي تہ برباديءَ کان پوءِ انسان کي پنھنجي پيرن تي ٻيھر ٻيھڻ تائين ضرور وقت لڳندو آھي. ان ڪري اھڙين حالتن ۾ انسان کي گھرجي تہ پنھنجا حوصلا بلند رکي، صبر مان ڪم وٺي، سرھو ٿيڻ تائين مايوسي جو شڪار نہ ٿئي تہ يقينن ھو منزل ضرور ماڻيندو. اللہ جي ذات وٽ دير آھي پر انڌير نہ آھي، ھو پنھنجي بندن سان دنيا جي ستر مائرن کان وڌ پيار ڪري ٿو.

انور پکو پهُ ڪري ڇڏيو تہ آءٌ ايمانداري، سچائي ۽ محنت سان زندگيءَ کي سر سبز ۽ شاداب بڻائيندس. انور پنهنجي خزان جي موسم ۾ پن ڇڻيل وڻ جهڙي زندگيءَ کي پاڻي ڏئي سرهو ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ شروع ڪئي.

ڪالهہ جنهن انور جي گاڏي تي شربت پيئندڙ گراهڪن جو وڏو ميڙاڪو هوندو هو، اڄ اهو ميڙاڪو ائين غائب ٿي ويو جيئن 2010ع جي ٻوڏ سڀ ڪجهہ ٻوڙي ڇڏيو. انور جي گاڏي تي جيڪڏهن ڪجهہ ماڻهو هئا بہ تہ اهي سندس قرضي هئا. گاڏي مان اُپٽ نہ ٽيڻ سبب انور پنهنجي خرچن ۾ گهٽتائي آڻي ڇڏي. رمضان کير واري جا 40000 روپيہ، نصير فروٽ واري جا 35000 روپيہ مٿان چڙهي ويا هئا. ٻنهين انور کي ڏاڍو ستايو. نيٺ انور موٽر، موبائل ۽ هڪ سوني منڊي وڪٽي پنهنجو قرض ادا ڪري قرض جي مصيبت کان آجو ٿيو.

انور ڪجهہ مهينا اڳ ايمانداري ۽ سچائي سان گهٽو ڪمائڻ باوجود بہ سادگي اختيار ڪندو هو. دنيا جي آسائشن جي لالچ ۾ جيئن ئي هن ڪاروبار ۾ بي ايماني ڪرڻ شروع ڪئي تہ بربادي بہ سندس قدم چميا. جنهن ڪارڻ اڄ انور سڄو ڏينهن هڪ استول تي ويهي گراهڪن جي انتظار جي اميد تي راهون ڏسندو رهندو هو. ڪجهہ گراهڪ جيڪي انور جي اخلاق جي ڪري ايندا هئا انهن انور کي گاڏي تي ڏسي ٻيهر موٽ ڪاڏي. پوءِ بہ اها موٽ نہ ملڻ سبب انور پنهنجي غفلتن ۽ آسائشن واري رنگين دنيا جي عارضي لطف وٺڻ جي عيوض تباهي تي ڪنهن وقت افسوس ڪري رهيو هو تہ وري ڪنهن وقت پنهنجي حوصلن کي بلند ڪري رهيو هو.

رات جا 11 ٽي چڪا هئا. هر ڪو ڪاروبار جو وقت پورو ڪري پنهنجي ٻچڙن کي وقت ڏيڻ ۽ آرام ڪرڻ جي نيت سان پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن وڃي رهيو هو. انور اوچتو اٿيو. سندس نظر کير تي پئي، ڇا ڏسي تہ 10 ڪلو کير ڦٽي چڪو آهي. سواءِ ڪجهہ گراهڪن جي سڄو ڏينهن ڪنهن بہ گاڏي طرف اک ڦيرائي نہ ڏٺو. نہ ئي ڪنهن انور کي سلام ڪرڻ پسند ڪيو. انور گاڏي جو سامان سميٽي هڪ ٽڪل

مسافر جيان ماضيءَ جي حرڪتن تي افسوس ڪندو گھر پھتو.

انور پُر لطف زندگيءَ جا مزا ماڻيندي روزانو رات جو دير سان اچڻ ڪري ماءُ کي دروازو ٻيڪڙي ڇڏڻ جو چئي ڇڏيو ھو ۽ مانيءَ جو انتظار نہ ڪرڻ جي ھدايت ڪري ڇڏي ھئي. ان ڪري سندس والده در جا ٻئي تاڪ ٻيڪڙي آرامي ٿيندي ھئي. انور گھر جا ٻيڪڙيل تاڪ کولي جيئن ئي اندر داخل ٿيو. چا ڏسي تہ گھر ۾ ڪو بہ ياتي نہ آھي. انور جميلا کي سڏ ڪندو سڏو رڌڻي ڏانھن ويو. رڌڻي ۾ بہ ڪو موجود نہ ھو. صبح کان بکايل انور رڌڻي ۾ ڪجھ کائڻ لاءِ ڳولا ڪئي تہ رڌڻي ۾ بہ ڪاريءَ وارا ڪک ھٿ. مايوس ٿي ٻاھي آيو. ماءُ کي سڏ ڪيائين تہ بہ ڪو جواب ڪونہ مليس. حيرت ۾ پئجي ويو تہ سڀ ياتي ويا ڪيڏانھن؟ ساھ پٽڻ لاءِ اچي ڪٽ تي ويٺو. تہ ڪٽ جي سيراندي‌ءَ کان ھڪ ڪاغذ جو ٽڪرو پيو ھو. ڏسي تہ اھو ٽڪرو جميلا جي ڇھ ماھي امتحانن جي نتيجي جي مارڪس شيٽ آھي. ان مطابق جميلا پنجن پيپرن مان چئن ۾ فيل ھئي ۽ ھڪ ۾ رڳو 40 نمبر ڪٽي پاس ٿي ھئي. انور وڏي رڙ ڪري جميلا کي سڏ ڪرڻ چاھيو. ايتري ۾ اڪبر جي ڏيءَ ۽ سندس پائٽي ڪونج گھر ۾ داخل ٿي. چاچا چا اوھان کي خبر نہ آھي؟ ڪونج حيرت منجھان انور کان پڇا ڪئي.

نہ پُٽ خير تہ آھي؟ انور ڪونج جي اھڙي سوال تي حيرت منجھان اٿي ٻيٺو سبب معلوم ڪرڻ چاھيائين. چاچا اڄ اوھان جي والده رڌڻي ۾ ڪم ڪندي اوچتو ڪري پئي، گھر ۾ ڪو بہ نہ ھو. نيٺ جميلا ان کي اسپتال کڻائي وئي آھي. اسان بابا سائين کي فون تي اطلاع ڪيو سين ابو بہ ھاڻي اتي اسپتال ۾ موجود آھي. اسان اوھان سان رابطو ڪرڻ چاھيو سين پر اوھان جو نمبر بند ھيو. چاچا ھينئر بابا سائينءَ فون ڪري ٻڌايو تہ ڏاڏي راشده جي ٻن ھنڌن تان ٽنگ ڀڃي پئي آھي. ڊاڪٽر جي چوڻ مطابق جوڙڻ جي ڪوشش ڪندس پر عمر مطابق ڪم مشڪل آھي.

انسان جڏھن بيمار ٿيندو آھي تہ ڪمزوري گھٽي ھڏ سبب ٻہ چار ٻيون بہ بيماريون ان تي حملو ڪنديون آھن. اھڙي حالت ۾ گھر جي

پاتين، متن مائٽن ۾ سنگت ساڻ جي طرفان حوصلي جي ضرورت هوندي آهي، جنهن ڪري اهو انسان انهن بيمارين جو وڏي بهادريءَ سان مقابلو ڪري صحت جو تاج پنهنجي جسم تي سجائيندو آهي. اهڙي طرح زندگيءَ ۾ جيستائين خوشحالي آهي تہ هر پاسي کان اوهان کي ساوڪ ئي ساوڪ نظر ايندي، هوا جو هر جھونڪو اوهان لاءِ خوشين جو پيغام ڪٽي ايندو. صبح جو اپرندڙ سِج اوهان جي زندگيءَ ۾ ڪاميابيءَ جي نئين خوشخبري ڪٽي ايندو. پر جيڪڏهن زندگيءَ ۾ ڪا تڪليف يا مصيبت مٿان اچي پوي ٿي تہ پوءِ ان هڪ مصيبت پويان پنج ٻيون پريشانيون بہ انسان مٿان اچي پونديون آهن. اهڙيءَ حالت ۾ انسان کي همت ۽ حوصلي مان ڪم وٺڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ جهڙيءَ ريت هڪ ڪٽ جا بہ حصا آهن، هڪ سيراندي تہ ٻيو پيراندي. انهن ٻنهين جي پنهنجي پنهنجي حيثيت ۽ ڪم آهي. اهڙي طرح خوشي هجي يا غم، اهي ٻئي انسان جي زندگيءَ جا بہ پهلو آهن. ماءُ جي ان ڳالهہ جو انور کي وڏو صدمو رسيو. انور ان حيرت ۾ هو تہ امڙ رڙٽي ۾ ماني ڪڍهن کان پچائڻ شروع ڪئي؟. ۽ جيڪڏهن صرف اڄ بہ تہ اُها کهڙي مجبوري هئي جو امڙ کاڏو پاڻ پچايو. انور جي جسم مان اڌ ساهہ ڇڏائجي ويو. هڪڙا پگهر لهن پيا تہ ٻيا چڙهن پيا. انور وراندي ۾ رکيل ان ڪٽ تي آهستي آهستي وڃي وينو جنهن ڪٽ تي ڪن ڏينهن ۾ سڀ گهر جا ياتي ملي رات جي ماني کائيندا هئا. سندس اکين مان نير وهي آيا تہ اڄ اها جيجل جيڪا مون سان گڏ ماني کائيندي هئي سا اسپتال ۾ داخل آهي. ڪٽ تي نہ وهاڻو موجود، نہ پيراندي ۽ کان رلي رکيل. ٽڏو ساهہ ۾ري انور آسمان ڏانهن نهاري الله کان پنهنجي گناهن جي معافي گهرندي چيو منهنجا مالڪ تون رحمن رحيم آهين. مالڪ تون معاف ڪر. انور بک ۽ اُڄ تي ڪٽ جي پيراندي ۽ کان مٿو رکي هڪ ٻانهن مٿي هيٺيان رکي افسوس جي آڙاهہ ۾ سڙندو پڄرندو رهيو. اهو چاهيندي بہ تہ آڻ امڙ ڏانهن اسپتال وڃي ساڻس گڏ رهي رات خدمت ڪندس، پر انور جي جسم مان همت ختم ٿي چڪي هئي، ذهني طور تي اداس ۽ اکين آڏو اونداهين ڪيس ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. ڪجهہ دير ڳٽتيءَ جي عالم ۾ ڪو بہ

فيصلو نہ ڪري سگھيو. اوچتو سندس حوصلا بلند ٿيا. ٽپ ڏئي اٿيو. اهو سوچي تہ آڻ هر حال ۾ پنهنجي زندگي ۾ گهر ۾ اهي خوشيون، رونقون ۽ محبتون واپس آڻڻ لاءِ هر طرح جي قرباني ڏئي پنهنجي مقصد ۾ ضرور ڪاميابي حاصل ڪندس. انور گاڏي ڪيي وڏي حوصلي منجهان اسپتال ويو.

ثقافتي ارڏايون

اسڪول جي مرحبائي هال ۾ رکيل ڪُرسين تي ويهارو ڪن نوجوان ۽ اڌڙوٽ عمر جا استاد نوڪريءَ لاءِ انٽرويو ڏيڻ لاءِ پنهنجي پنهنجي واريءَ جو انتظار ڪري رهيا هئا. سڀني نوجوانن ۽ اڌڙوٽ عمر وارن استادن کي پينٽ، شرٽ پاتل هئي ۽ اُنهن ٽائي به لڳائي هئي. ڪجهه نوجوان ته ٿري پيس سوٽ ۾ به آيل هئا. انهن نوجوانن جي وچ ۾ امجد شلوار قميض ۾ انتهائي سادگيءَ سان وينو هو. ٻيا نوجوان هڪ ٻئي جي ڪنن ۾ سُس پُس ڪري هڪ ٻئي کان پڇي رهيا هئا ته پٽيوالن جي نوڪريءَ جو اشتهار به آيو هو ڇا؟ جو هي ماڻهو آيل آهي. امجد جي سادگيءَ جي ڪري هر هڪ ان جي پرسان ويهڻ ۾ عار محسوس ڪري رهيو هو ۽ هر هڪ حقارت وارين نظرن سان نهاري رهيو هو. ٻئي پاسي چوڪرين جي وڏي قطار هئي. جن کي ابايا، اسڪارف، حجاب ۽ ڪي وري سهي سنبري نوڪريءَ لاءِ آيل هيون.

امجد پاڪستان اسٽڊيز ۾ ايم. اي فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪري نوڪريءَ لاءِ ڪراچي آيل هو. آچر جي ڏينهن روزاني جنگ ۾ ڪراچيءَ جي نامياري اسڪول ۾ پاڪستان اسٽڊيز جي سبجيڪٽ لاءِ هڪ استاد جي ضرورت هئي. سو امجد به ٻئي ڏينهن سبح جو سوير ئي شلوار، قميض ۾ انٽرويو ڏيڻ لاءِ آيل هو.

اسڪول جي ڊائريڪٽر جي آفيس ٻاهران گهرو نيري رنگ جي پينٽ شرٽ ۾ هڪ پٽيوالو بينل نظر آيو. جيڪو واري واري سان نمبر جي مطابق وڏي ادب ۽ احترام سان نالا پڪاري ڪين آفيس ۾ اندر موڪلي رهيو هو.

پٽيوالي امجد جو نالو ڪنيو. امجد پنهنجي جاءِ تان اٿيو ۽

ڊائريڪٽر جي آفيس ۾ اندر ويو. سلام ڪري آفيسر آڏو رکيل ٽن ڪرسين مان هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. ڊائريڪٽر امجد کي شلوار قميض ۾ نا اهل ۽ ڳوناٽو انسان سمجهندي حقارت جي نظر سان گهوري گهوري ائين ڏسي رهيو هو جيئن سالن کان پوءِ ڪنهن وياجي واٽيي جي نظر ڪنهن پراٽي قرضي تي اوچتو پئي هجي ۽ هوان کان وياج سميت پئسا کيڙ جي سوچ ۾ غرق ٿي چڪو هجي.

سائين منهنجو نالو امجد علي، آءٌ ايم اي پاڪستان استڊي ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪئي اٿم. امجد، ڊائريڪٽر جي خاموشي ۽ گهوري ڏسڻ واري رويي تي پنهنجون نظرون جهڪائي تعارف ڪرايو.

اوهين ڪهڙي شهر سان تعلق ٿا رکو؟ ڊائريڪٽر اها سوچ رکي ته هي ڳوناٽو ماڻهو جنهن کي ڪپڙن پائڻ جو ڍنگ ناهي اهو منهنجي اسڪول جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيندو، هي ته منهنجي هڪ سوال جو جواب به نه ڏئي سگهندو. ان ڪري اهڙا سوال ڪيانس جو ٻيهر ڪراچي شهر جي ڪنهن اسڪول ۾ انٽرويو ڏيڻ کان اڳ هزار ڀيرا سوچڻ کان پوءِ به قدم وڌائڻ جي همت نه ڪري سگهي. ان لاءِ ان سپ کان اڳ شهر يا ڳوٺ جي رهائش بابت سوال ڪيو.

سائين منهنجو تعلق خيرپور شهر سان آهي. هن وقت گلشن اقبال ۾ رهائش اختيار ڪئي اٿم. امجد نهايت ادب منجهان جواب ڏنو.

ڊائريڪٽر مسلسل مذهب، سائنس، عام معلومات ۽ ٻيا ڪيترائي سبجيڪٽ کان هٽي ڪري سوال ڪري امجد کي نااهل قرار ڏيڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪئي. پر امجد به قابليت ۽ حوصلي ساڻ پنهنجو پاڻ مڃائيندي مڙني سوالن جا جواب ڏئي ڊائريڪٽر جي ڏندين آڱريون ڏئي ڇڏيون. هو اچرج ۾ پئجي ويو ته هي ڪهڙي شخصيت آهي جنهن کي هر عنوان تي مهارت حاصل آهي. ان حقيقت کان کو به انڪار نه ڪندو ته سندس جي ٻين شهرن جي اسڪولن ۾ پڙهندڙ شاگردن کي انگريزي گرامر ۽ سبجيڪٽ تي وڏي مهارت حاصل هوندي آهي. پر ڪيس انگريزي ڳالهائڻ ۾ ڪجهه مونجهارو محسوس ٿيندو آهي، جڏهن ته انهن شاگردن ۾ گهٽو انگ سرڪاري اسڪولن ۾ تعليم حاصل

ڪندڙن جو هوندو آهي. سنڌ جي شهر ڪراچيءَ جو شاگرد گهٽي پاڻي انگريزي روانيءَ سان ڳالهائڻ جي مهارت تہ رکندو آهي پر ڪيس انگريزي گرامر تي تمام گهٽ مهارت حاصل هوندي آهي. امجد جي جوابن ڊائريڪٽر جي ذهن تان شلوار قميض ۽ پينٽ شرٽ واري فرق جو نشو ٽوڙي ڇڏيو. نيٺ امجد جي قابليت آڏو پنهنجي تجربي جي هار مڃيندي فرق ۾ ارڏاين جون ديوارون ٽوڙي امجد کي سني پگهار تي ان وقت ئي اسڪول ۾ پاڪستان اسٽڊي جو استاد مقرر ڪيائينس.

ٻئي ڏينهن پهرين تاريخ هئي. امجد ہ ڪاٽن جا ڪلف لڳل ڪپڙا پائي سهي سنبري نوڪري ملڻ جي خوشيءَ ۾ خوش ٿيندو اسڪول اچي پهتو. اسڪول جي پرنسپل ميڊم حريم هئي. جيڪا اسڪول ۾ وڏي عرصي کان پرنسپل طور پنهنجا فرض سر انجام ڏئي رهي هئي. امجد وقت کان اڳ پهچي ميڊم حريم جي آفيس ۾ ساڻس ملاقات ڪئي. ميڊم حريم امجد کي ٽائيم ٽيبل سمجهايو. ايتري ۾ اسيمبلي جو وقت ٿي ويو سڀئي شاگرد گرائونڊ ۾ گڏ ٿيا. استاد ۽ پرنسپل صاحبہ ہ جيئن ئي اسيمبلي لاءِ گرائونڊ ۾ پهتي مڙني ٻارن استادن ۽ ميڊم کي سلام ڪيو. اسيمبليءَ جي ڪاروائي شروع ڪئي وئي. اسيمبلي پوري ٿيڻ تي سڀئي شاگرد قطارن ۾ پنهنجي پنهنجي ڪلاسن ڏانهن روانو ٿيا.

امجد جي قابليت مطابق اسڪول جي ڊائريڪٽر ڪلاس ٽيچر بنائڻ جو پرنسپل صاحبہ کي حڪم ڏنو هو. ان مطابق امجد نائين ڪلاس جو ڪلاس ٽيچر مقرر ڪيو ويو. امجد ٽائيم ٽيبل موجب پنهنجي ڪلاس ۾ داخل ٿيو. سڀني شاگردن وڏي ادب منجهان هن کي اٿي ٻيهي هڪ آواز ۾ سلام ڪيو.

وعليڪم سلام! ويهو پُٽ. امجد شاگردن کي شفقت منجهان جواب ڏيندي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ويهڻ لاءِ چيو.

ڪلاس جي مانيٽر ٿمره هئي،استاد جي ڪلاس ۾ داخل ٿيڻ تي ٿمره نہ سلام ڪيو ۽ نہ ئي پنهنجي جاءِ تان اٿي. امجد ٿمره جي ان قسم جي رَويي تي بيحد حيران ٿيو. پر پهريون ڏينهن هئڻ ڪري امجد ان

ڳالهه کي در گذر ڪرڻ بهتر سمجهيو. ڪلاس ٽيچر جي حيثيت سان امجد سپ کان پهريون شاگردن جي حاضري پري. ان وقت به امجد اها ڳالهه محسوس ڪئي ته ٻين شاگردن پنهنجي حاضري لاءِ ڪرسيءَ تان اٿي ٻيهي "حاضر سائين" جو لفظ استعمال ڪيو. جڏهن ته ٿمره نه پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿي، نه ئي هن زبان سان ڪو جواب ڏيڻ پسند ڪيو صرف هٿ مٿي ڪري ٿورو هِلائي وري هيٺ ڪري ڇڏيو. ٿمره جي بداخلاقي وارين حرڪتن ڪارڻ ڪيترن ئي مهينن کان سندس هم ڪلاسي به عاجز اچي چڪا هئا. پر ڪُجهي ان ڪري نه سگهندا هئا جو ٿمره هڪ ته پوزيشن هولڊر شاگرد ياڻي هئي، ٻيو ته وري پرنسپال صاحب جي گهڻ گهري پٽ هئي، جنهن سبب ٿمره کي تمام گهٽو گهمنڊ هوندو هو ته اسڪول ۾ صرف آڳ ئي قابل عزت آهيان باقي ٻين شاگردن ۾ استادن جي ڪا به عزت نه آهي.

امجد حاضري پرڻ بعد سيني شاگردن ۾ شاگرد ياڻين کي سماجي اڀياس جو ڪتاب پنهنجي آڏو رکڻ جي هدايت ڪندي سليبس موجب ٽيون باب پڙهائڻ شروع ڪيو. سماجي اڀياس ۾ ٽيون باب پاڪستان جي آئين بابت آهي. امجد آئين جي وضاحت ۾ ان جي اهميت واضح ۾ آسان لفظن ۾ اهڙيءَ ريت سمجهائي جو نه پڙهڻ وارن شاگردن جي توجه به سندس سمجهاڻيءَ ڏانهن کپي پئي. پوري ڪلاس ۾ سانت ائين ٿي وئي جيئن ڪنهن قبرستان ۾ ميت جي دفن ڪرڻ ڪانپوءِ دعا گهرڻ دوران خاموشي ڇانئجي ويندي آهي. 55 منٽ گذري ويا ڪا خبر ئي نه پئي. شاگردَ اچرج ۾ پئجي ويا ته ڇا ته بهترين سمجهائڻ جو انداز هيو. نه صرف شاگرد بلڪ امجد به شاگردن جي دلچسپي ۾ توجه مان ڏاڍو متاثر ٿيو. جيئن ئي ٻئي پيريڊ جو گهنڊ وڳو ته ٿمره امجد کان پاڻيءَ جي اجازت گهري، امجد کيس اجازت ڏني. هوءَ سڌي پرنسپال صاحب جي آفيس ۾ وئي.

ميڊم! هي جيڪو سماجي اڀياس جو نئون استاد مقرر ڪيو ويو آهي، ان کان بهتر ته شاگردن کي آڳ پڙهائي سگهندس. ان کي ته پڙهائڻ جو ڪو ڏاڻءُ ئي نه آهي. نه سماجي اڀياس جي مضمون بابت ڪا ڄاڻ

اٽس ۽ نہ ئي وري ڪا شاگرد ياڻين سان ڳالهائڻ جو ڪوڊنگ يا تميز اٽس. مونکي تہ هڪ نسورو ڳوناڻو ٿو لڳي. ان جي ابتي سبتي ڇاڻ سان اسان جو امتحاني نتيجو بُري طرح متاثر ٿيندو. ثمره وڏي غصي منجهان پرنسپال صاحب سان مخاطب ٿيندي امجد جي شڪايت ڪري غصي ۾ آفيس مان ٻاهر نڪري ڪلاس ۾ هلي وئي. ڪلاس ۾ اچي پنهنجي ڪرسيءَ تي ڪنڌ جهڪائي ڳٽتي واري حالت ۾ خاموشيءَ سان ويهي رهي.

ڊائريڪٽر صاحب ان ڳوناڻي جاهل کي ڪهڙي بنياد تي منتخب ڪيو؟ ڪهڙي خاصيت نظر آئي سر کي جو هڪ ڇٽ کي عزت ڏني اٽائين. هن جي حرڪتن سان اسڪول جو ماحول تہ ويتر خراب ٿيندو. حريم (پرنسپال) حيرت منجهان پنهنجي مُنهن سوچيندي رهي. حريم ان وقت ئي ثمره جي شڪايت جو قدر ڪندي ڊائريڪٽر صاحب وٽ وڃي سر امجد جي شڪايت پهچائي. جڏهن تہ 50 منٽن جي پهرين پيريڊ ۾ ثمره ڪلاس ۾ هڪ استاد جي موجودگيءَ ۾ بداخلاقيءَ جو تمام حدون اورانگهي چُڪي هئي. ان بداخلاقيءَ جا گواهہ ان جي ڪلاس جا شاگرد ئي هئا جيڪي سندس حرڪتن تي خاموشيءَ سان افسوس ڪري رهيا هئا. پر امجد ہ سياڻپ ۽ عقلمنديءَ مان ڪم وٺندي برداشت ڪرڻ ئي بهتر سمجهيو.

سر امجد جو ٽائيم ٽيبل موجب ٻيو پيريڊ نائين بي ڪلاس ۾ هيو. هو نائين اي مان نڪري سڌو ڪلاس نائين بي ۾ ويو. ان ڪلاس ۾ ہ امجد ساڳيو باب آئين بابت پڙهائي شاگردن ۽ شاگرد ياڻين جي دل کٽي ورتي. نائين بي ۾ سڀيئي شاگرد ۽ شاگرد ياڻيون وڏي ادب ۽ اخلاق وارا هئا. امجد ہ 45 منٽن ۾ پنهنجو پاڻ مڃائي ڏيکاريو. ڪلاس جي شاگردن ۾ هڪ خوشيءَ جي لهر پيدا ٿي وئي. سر امجد جي موجودگيءَ ۾ سيني پيريڊ جي آخري پنجن منٽن ۾ سر امجد جا ٿورا مڃيا ۽ اقرار ڪيو تہ اسان کي اڄ تائين ڪو ہ اهڙو استاد نہ مليو آهي جنهن ايتري سڃائي ۽ آسان طريقي سان اسان کي پڙهايو هجي ۽ حيرت جي ڳالهہ اها تہ اڄ پهريون پيرو ڪلاس جي مڙني شاگردن وڏي سنجيدگيءَ سان سر امجد جي سمجهاڻي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري اهو ثبوت پيش

ڪيو ته جيڪڏهن استاد جي سمجهاڻي با اثر ۽ سچائيءَ سان ڀرپور آهي ته پوءِ شاگرد بنا ڪنهن جهجهڪ ۽ خوف جي با آساني سمجهاڻي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري شوق سان پنهنجو پاڻ اڳتي وڌڻ جون صلاحيتون پيدا ڪري سگهن ٿا. ڪلاس جي سيني شاگردن سر امجد جي تمام گهڻي عزت ڪندي اٿي بيهي تاڙيون وڄائي شڪريو ادا ڪيو. ايتري ۾ ٻئي پيريڊ جو گهنڊ وڄڻ کان اڳ ڪلاس جي ٻاهران ڊائريڪٽر صاحب جو پٽيوالو اچي ٻينو. سر امجد سان ادب سان پيش ايندي ڪيس چيو ته پرنسپال صاحب اوهان کي ياد ڪيو آهي.

نيڪ آهي آڻ وڃان ٿو. امجد پٽيوالي کي هائوڪار ڪئي، ٻئي پيريڊ جو گهنڊ وڳو. امجد ڪلاس مان نڪري سڌو پرنسپال صاحب جي آفيس ۾ ڪانئس اجازت وٺي اندر داخل ٿيو. آفيس ۾ ڪاٻي پاسي ڪان رکيل ڪرسين مان هڪ ڪُرسيءَ تي ويهي پرنسپال صاحب سان مخاطب ٿيندي وڏي ادب منجهان چيو. ميڊم اوهان ياد ڪيو.

محترم اوهان جي شڪايت آئي آهي ته اوهان کي هڪ ته پنهنجي مضمون تي مڪمل طور تي ڪا به ڄاڻ حاصل نه آهي. ٻيو ته اوهان کي اها خبر به نه آهي ته ڪلاس ۾ شاگردياڻين سان ڪهڙيءَ ريت ورتاءُ ڪرڻ گهرجي؟ اوهان ته هڪ پيريڊ ۾ ان ڳالهه کي واضح ڪيو ته آڻ هڪ ڳوناڻو ۽ گهٽ پڙهيل لکيل انسان آهيان. هڪ استاد کي اها خبر هجڻ گهرجي ته ڇوڪرين سان ڪهڙيءَ ريت ڳالهائڻ گهرجي. اوهان ان شاگردياڻيءَ سان بد اخلاقي ڪئي آهي، جيڪا اسڪول جي پوزيشن هولڊر شاگرد ياڻي آهي. محترم آڻ سمجهان ٿي ته اوهان ان کان اڳ شهر جي ڪنهن نامياري اسڪول ۾ پڙهائڻ جو تجربو نه ٿا رکو. مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته سر اوهان جي ڪهڙي قابليت تي اوهان کي ترجيح ڏيڻ پسند ڪئي. اوهان هن بين الاقوامي شهر ۾ پڙهائڻ لاءِ هڪ نامياري اسڪول ۾ هڪ استاد جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيا آهيو اوهان کي شهر جي نامور اسڪولن ۾ استادن جي لباس ۽ هلت چلت جو سهڻي نموني ڏاڻو هجڻ گهرجي. اسڪول جا شاگرد اوهان جي لباس کي پسند نه ٿا ڪن. شاگردن ۽ شاگردياڻين اوهان جي لباس کي نا پسند

ڪندي اها خواهش ظاهر ڪئي آهي ته اسان کي ڪو شهري، پڙهيل لکيل ۽ تجربي ڪار استاد گهرجي. ان لاءِ آءٌ به ذاتي طور اوهان مان بلڪل مطمئن نہ آهيان. حريم رسم و رواج جي فرق واري نفرتن ۾ڏون امجد مان ڪيڏندي جيترو ڪيس چوٽو هو بنا ڪنهن رڪاوٽ جي چئي ڏنو. نيٺ جڏهن لفظن جي ڪوٽ ٽي ته هوءَ اسڪول جي هڪ فائل ڪڍي، اکين ويجهو واري نظر جو چشمو لڳائي ان جي اندر رکيل ڪجهہ ڪاغذن تي لکيل تحرير تي نظر ثاني ڪرڻ لڳي.

محترم اوهان استاف روم ۾ وڃي ويهي سگهو ٿا اوهان بابت فيصلو ڊائريڪٽر صاحب ڪندو. في الحال اوهان وڃي سگهو ٿا. هن ڏيان ڪم ۾ رکندي غصي جي حالت ۾ امجد کي استاف روم روم ڏانهن وڃڻ جي هدايت ڪئي.

امجد پنهنجي قابليت ۽ سچائي سان ڪم سر انجام ڏيڻ باوجود پاڻ مٽان لڳايل ڪوڙن الزامن تي افسوس ۾ ڪنڌ جهڪائي خاموشي اختيار ڪندي پرنسپال جي آفيس مان ٻاهر نڪري ٽڪل مسافر جيان ننڍڙا ننڍڙا قدم کڻي استاف روم جي هڪ ڪُنڊ ۾ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. ڪجهہ استاد جيڪي استاف روم ۾ موجود هئا، اهي سندس خاموشي ۽ پريشاني ڏسندي دلاسو ڏيڻ ته پري پر حقارت جي نظرن سان نهاريندي هڪ ٻئي ساڻ اشارن منجهہ ٻُڌل ڪندا رهيا. امجد صبح نوڪري ملڻ جي خوشيءَ ۾ سهي سنبري تازو توانو ٿي نون جزبن ۽ سڀي سوچ ساڻ آيو هيو پر ڇا خبر ته ساڻس اهڙو ورتاءُ ٿيندو. پهرين ڏينهن ئي امجد مٽان ٽڪيل الزامن سندس حوصلن کي ڪمزور ڪري ڇڏيو. سندس اکين آڏو اونداهہ اچي چڪي هئي. امجد ان حيرت ۾ هو ته مون ڪهڙي شاگرديائيءَ ساڻ بد اخلاقي ڪئي؟ هن شهر ۾ پڙهيل لکيل ماڻهن کي شلوار قميض جي ثقافت يا لباس سان آخر نفرت ڇا ڪاڻ آهي؟ سنڌ صوبو هجي يا ڪٽي پاڪستان پر اصولي طور شلوار قميض ته پاڪستان جي ثقافت جو حصو آهي. مشرقي لباس آهي، اسلامي لباس آهي، هن شهر جا ماڻهو مغربي لباس استعمال ڪري پاڻ ئي پنهنجي مشرقي ۽ اسلامي لباس کي غلط ۽ طنز جو نشانو بڻائي رهيا آهن. امجد

ان اچرج ۾ ڪيتري دير تائين گم سم رهيو. شاگردن جي رسيس ختم ٿي هئي، ڊائريڪٽر صاحب جو پٽيوالو سليم استاف روم ۾ سر امجد کان اندر اچڻ جي اجازت گهُري داخل ٿيو.

سائين اوهان کي ڊائريڪٽر صاحب ياد ٿو ڪري، سليم وڏي ادب منجهان سر امجد کي ڊائريڪٽر صاحب جو نياپو پهچائي واپس هليو ويو. سليم جي ان نياپي کان پوءِ امجد کي پورو يقين ٿي ويو ته بس هاڻي نوڪري وئي. امجد جي حوصلن ٻيهر ڪُر ڪنيو ۽ همت ڪندي توڪل جي عقيدي کي سامهون رکندي پاڻ کي يقين ڏياريو ته رزق رب جي ذات ڏيڻ واري آهي، هتي نه ته ڪنهن ٻي جاءِ الله جي ذات کو نه ڪو رستو ضرور کولينديِ امجد توڪل جي طاقت سان پنهنجو پاڻ کي طاقتور ڪري ٽڏو ساهه ڀري وڏي ڏڙتيءَ سان اٿي، ٻنهين هٿن سان پنهنجي پيشانيءَ تان پگهر صاف ڪري ڊائريڪٽر صاحب جي آفيس ۾ اجازت گهري اندر داخل ٿيو.

سائين حڪم ڪيو، اوهان ياد ڪيو. امجد هڪ ڪرسيءَ تي ويهي ڊائريڪٽر سان بنا ڪنهن جهجهڪ ۽ بنا ڪنهن پريشانيءَ جي مخاطب ٿيو.

امجد صاحب ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ نه آهي اوهان قابل انسان آهيو پر افسوس ان ڳالهه جو آهي ته اوهان جو ڪردار منهنجي سمجهه کان ٻاهر آهي، اوهان پهرين ڏينهن شاگردن ۽ شاگردياڻين ساڻ اهڙو روَيو اختيار ڪيو جو جو اوهان جي رپورٽ بلڪل خراب آئي آهي. ڊائريڪٽر ناراضگيءَ جو اظهار ڪندي امجد سان مخاطب ٿيو.

سائين مون کي ڳالهائڻ جي اجازت آهي؟ امجد وراڻيو ڊائريڪٽر وچ ۾ ڳالهه ڪٽيندي: اوهان چڏيو ڇا آهي ڳالهائڻ لاءِ بهرحال چئو ڇا ٿا چوڻ چاهيو؟ سائين رزق ڏيڻ واري الله جي ذات آهي، رهي ڳالهه ڪردار جي، اوهان پهريون شاگردن کان حقيقت معلوم ڪريو. جيڪڏهن ڪا به غلطي ثابت ٿئي ته آءٌ سزا جو حقدار آهيان اوهان جيڪا به سزا ڏني مونکي قبول آهي. پر منهنجي ڪردار تي بنا ڪنهن تصديق جي مهرباني ڪري گند نه اڇلايو. امجد وڏي همت ۽ جذبي ساڻ جواب ڏنو.

ڊائريڪٽر، امجد جي جواب تي لاجواب ٿي ويو. پنهنجي ڪُرسيءَ تان اُٿي امجد کي پاڻ سان گڏ هلڻ جو اشارو ڪندي ڪلاس نائين اي ۾ پهتو.

سڀيئي شاگرد ڊائريڪٽر صاحب جي احترام ۾ اٿي بيٺا ۽ سلام ڪيائون. وعليڪم سلام ڊائريڪٽر صاحب وراٽيو. هٿ جو اشارو ڪندي ويهڻ لاءِ سيني کي چيائين.

ڪلاس ۾ ٿمره پڻ موجود هئي، هوءَ پرنسپال صاحبہ جي سڪيلڊي ضرور هئي پر ڊائريڪٽر صاحب کان وٺون ويندي هئي سندس آڏو حواس ڪم ڪرڻ ڇڏي ويندا هئا. ڇاڪاڻ تہ ان جي غلط حرڪتن جي پنيرائي اسڪول ۾ صرف پرنسپال صاحبہ ئي ڪندي هئي باقي اسڪول جا شاگرد ۽ استاد ڪيس ناپسند ڪندا هئا.

ٻارو اوهان کان جيڪو سوال ڪيو ويجي، ان جو جواب سوچي سمجهي ۽ درست ڏجو. ڪنهن کان ڊڄڻ ۽ گهبرائڻ جي ڪا بہ ڳالهہ نہ آهي. اوهان اسڪول ۾ سماجي اپياس جي مقرر ڪيل نئين استاد جي قابليت ۽ ڪردار کان ڪيتري قدر مطمئن ۽ نامطمئن آهيو؟ ڊائريڪٽر صاحب سيني شاگردن ۽ شاگردياڻين سان مخاطب ٿيندي راءِ ونڻ چاهي.

ڊائريڪٽر صاحب جي ان جملي پوري ٿيڻ بعد يڪدم ڪلاس جي شاگردن ۽ شاگردياڻين جي تاڙين سان ڪلاس گونججي ويو. ٿمره تاڙيون نہ وڄايون، هوءَ ڪنڈ جهڪائي خاموشيءَ سان بيٺي رهي. ڪلاس جي سيني شاگردن جي سر امجد جي حق ۾ ايڏي سهڻي موٽ امجد جو ڪنڈ اونچو ڪري ڇڏيو. نہ رڳو امجد، بلڪ ڊائريڪٽر صاحب جو غصو پڻ خوشيءَ ۾ تبديل ٿي ويو. فرق اهو رهيو تہ ڊائريڪٽر جو غصو جيڪو امجد تي هئو اهو هاڻي پرنسپال صاحبہ ڏانهن ڦري ويو. ڊائريڪٽر (نبيل احمد) شاگردن کي ويهڻ جي هدايت ڪئي، امجد جي هٿ ۾ هٿ وجهي ڪلاس کان ٻاهر نڪري سڌو نائين بي ۾ داخل ٿيو. نبيل جي احترام ۾ شاگردن اٿي سلام ڪيو ڪين سلام جو جواب ڏئي، انهن شاگردن کان بہ ساڳيو ئي سوال دهرايو ويو. شاگردن ۽ شاگردياڻين واري واري سان امجد جي حق ۾ جواب ڏنا ڪلاس جي مانيٽر نازيہ

ڊائريڪٽر نبيل سان ڳالهائيندي چيو ته سر اسان جي اسڪول ۾ هن وقت تائين سماجي اڀياس جو اهڙو ڪو به استاد پر تي نه ٿيو آهي جنهن جي پڙهائڻ ۾ ايتري شفقت ۽ سچائي هجي، سر امجد نه رڳو هڪ قابل استاد آهي بلڪ سهڻي شخصيت ۽ تمام سٺي ڪردار جو مالڪ پڻ آهي، اسان سڀئي شاگرد اوهان جا شڪر گذار آهيون جو اوهان اسان کي تمام بهترين استاد ڏنو آهي. نازيه جي جملي مڪمل ٿيڻ

سِت ڪلاس جي مڙني شاگردن ۽ شاگردياڻين اُتي بيهي تاڙيون وڄائي سر امجد ۽ ڊائريڪٽر صاحب جو شڪريو ادا ڪيو. اسڪول ۾ عجيب ماحول پيدا ٿي چڪو هو. شاگرد حيران هئا ته آخر ٿيو ڇا آهي جو ڊائريڪٽر صاحب پاڻ ڪلاس روم ۾ اچي هڪ نئين استاد جي تصديق ڪري رهيو آهي. نيٺ نبيل صاحب امجد سان سيني شاگردن آڏو پاڪر پاتو ۽ ٿورا مجيندي امجد جي ڪلهن تي هٿ رکي شاباشِي ڏني، ٻيهر امجد جي هٿ ۾ هٿ وجهي آفيس ڏانهن ويا. جيئن ئي آفيس ويجهو پهتا، ڇا ڏسن ته ڪلاس نائين اي جا تمام شاگرد سواءِ ٿمره جي آفيس ٻاهران قطار ۾ نظم ۽ ضبط واري انداز ۾ بيٺا ڊائريڪٽر صاحب جو انتظار ڪري رهيا آهن. ڊائريڪٽر ويتر اچرج ۾ پئجي ويو.

ڊائريڪٽر شاگردن کان آفيس آڏو بيهڻ جو سبب معلوم ڪرڻ چاهيو ته شاگردن آفيس ۾ اندر هلي مسئلو بيان ڪرڻ جي اجازت گهري. ڇا آفيس ۾ سر امجد جو هجڻ ضروري آهي يا رڳو آءٌ هجان؟ ڊائريڪٽر شاگردن کان پڇيو.

سائين سر امجد جو هجڻ به تمام ضروري آهي. هڪ شاگرد ياڻيءَ وراڻيو.

سڀئي آفيس ۾ اندر داخل ٿيا. ها ڇا مسئلو آهي؟ ڊائريڪٽر شاگردن سان مخاطب ٿيندي چيو.

سائين اوهان کي سر امجد خلاف شڪايت يقينن اسان جي ڪلاس فيلو ٿمره ڪئي هوندي جيڪا هن وقت اسان سان گڏ موجود نه آهي. سائين اها حقيقت آهي ته ٿمره پوزيشن هولڊر شاگرد ياڻي آهي ۽ اسان جي اسڪول جي پرنسپال صاحبه جي گهڻ گهري آهي، پر ان جو

مطلب اهو هر گز نہ آهي تہ ٹمره اسکول جي ڪنهن شاگرد يا استاد جي عزت ئي نہ ڪري. اوهان هن وقت اسکول جي مڙني استادن کي گهرائي ٹمره جي رويي بابت ڄاڻ ونڊي سگهو ٿا. حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ هن وقت تائين اسان کي سماجي اپياس جي هڪ پيريڊ ۾ اهڙي ڄاڻ ڪنهن نہ ڏني جهڙيءَ ريت سر امجد اسان کي ڄاڻ ڏني آهي سر امجد جي سمجهاڻيءَ کان نہ رڳو پڙهندڙ شاگرد پر نہ پڙهندڙ شاگردن ۾ پڻ دلچسپيءَ نظر آئي. ٹمره ان استاد جي شڪايت ڇا لاءِ ڪئي اوهان ان کان معلوم ڪيو تہ آخر ڇو؟ سر اسان هن وقت تائين ٹمره جي بد اخلاقي برداشت ڪندا آيا آهيون پر هاڻي حد ٿي چڪي آهي. اسين شاگرد اوهان کي گذارش ٿا ڪريون تہ ٹمره کي دائري اندر رهڻ جي هدايت ڪئي وڃي ۽ سر امجد کي اسان جي بهتر امتحاني نتيجي کي آڏو رکندي مستقل ڪيو وڃي. ڪلاس جي مانيٽر اسلم سيني شاگردن پاران ڊائريڪٽر صاحب سان ڳالهائيندي پنهنجو مؤقف آڏو رکيو.

سائين اسين گذريل ٻن سالن کان ٹمره جي حرڪتن ۽ بد اخلاقيءَ کان تنگ اچي چڪا آهيون. ٹمره ميڊم جي گهڻ گهري آهي ان ڪري اسين ڪجهہ ڪري بہ نہ ٿا سگهون، جيڪڏهن ڪو ٹمره جي شڪايت ٿو ڪري تہ ان خلاف ميڊم ڏهہ شڪايتون گڏ ڪري ان جي والدين کي گهرائي ذليل ٿي ڪري ان لاءِ اسان صبر ڪيو آهي. پر اڄ جيڪڏهن ڳالهہ کلي آهي تہ پوءِ اوهان اسان جي هن مسئلي کي حل ڪندا تہ اوهان جي مهرباني ٿيندي. ورده پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو. ورده جي ان ڳالهہ تي سيني شاگردن هائوڪار ڪئي.

ٹمره ڪٿي آهي؟ ۽ ڪير آهي؟ ڊائريڪٽر شاگردن کان سوال ڪيو.

ورده: سائين ٹمره هن وقت بہ ڪلاس ۾ اڪيلي موجود آهي. ڪيس هوشيار هئڻ تي گهڻو ناز آهي ۽ ٻيو تہ ميڊم جي سپورٽ هئڻ سبب هوءَ ڪلاس ۾ شينهن جيان ويني هوندي آهي.

ڊائريڪٽر: پٽ ورده، اوهان ٹمره کي ونڊي اچو.

جي سائين آڳ ونڊي ٿي اچان. اهو چئي ورده، ٹمره کي ونڊ وئي.

ڊائريڪٽر ان حقيقت کان واقف هو تہ پرنسپل جيڪا رپورٽ ٺاهي پيش ڪئي هئي، ان ۾ صرف ٿمره جونالو هو.

شاگردن پاران مجموعي طور تي ٿمره جي خلاف شڪايت تي ڊائريڪٽر حقيقت تائين پهچڻ جو پڪو پهہ ڪري ڇڏيو. نبيل سوچي رهيو هو تہ ٿمره بہ آفيس ۾ اجازت گهري اندر داخل ٿي، پر ٿمره گهٽو گهبرايل هئي. هوءَ جاڻي پئي تہ هاڻي ڳالهہ ڳڇيءَ ۾ پئي آهي. وري بہ پرنسپل صاحبہ جو آسرو هيس، اوهان کي سر امجد کان ڪهڙي شڪايت آهي؟ ڊائريڪٽر صاحب ٿمره کان سخت لهجي ۾ سوال پڇيو.

سائين مون تہ سر امجد خلاف ڪا بہ شڪايت نہ ڪئي آهي. سر آڳ پنهنجي ڪم سان ڪم رکڻ پسند ڪندي آهيان. رهي ڳالهہ سر امجد جي، آڳ پڻ سر جي قابليت کان متاثر آهيان، مون اهڙي ڪا بہ شڪايت نہ ڪئي آهي. ٿمره جواب ۾ پنهنجي ڳالهہ تان ڦري وئي.

نبيل ٿمره جي ان جواب تي حيرت ۾ پئجي ويو.

نبيل: يڪدم گهنٽي وڄائي.

پٽيوالو: سائين حڪم ڪيو.

ڊائريڪٽر: پرنسپل کي وٺي اچ.

جي سائين بلڪل.

پرنسپل صاحبہ آفيس ۾ پهچي وئي. شاگردن جو ٽولو ڏسي اچرج ۾ پئجي وئي. سندس نظر جيئن ئي ٿمره تي پئي تہ ويتر ڳٽتيءَ ۾ اچي وئي.

ميڊم اوهان جي رپورٽ موجب، سر امجد ناقابل، نا اهل ۽ بد اخلاق انسان آهي. ان رپورٽ ۾ شڪايت ڪندڙ ٿمره ۽ ٻيا لفظ استعمال ٿيل آهي. ڇا اوهان اهو ٻڌائيندا تہ ٻيا لفظ موجب اُهي ڪهڙا شاگرد آهن؟. جڏهن تہ اوهان کي اهو معلوم هجي تہ اسڪول جا سڀيئي شاگرد خاص طور تي نائين اي جا شاگرد اوهان جي آڏو بينا آهن، انهن جو چوڻ آهي تہ اسين سر امجد جي قابليت ۽ ڪردار کان بي حد متاثر آهيون. رهي ڳالهہ ٿمره جي، هن وقت ٿمره جو چوڻ آهي تہ مون اهڙي قسم جي ڪا بہ شڪايت نہ ڪئي آهي. ڊائريڪٽر صاحب پرنسپل صاحبہ سان مخاطب ٿيندي چيو.

ٿمره اوهان اڄ پهرين پيريد ۾ سر امجد جي شڪايت ڪندي ڇا چيو هو؟ اوهان اهو پڻ چيو ته سر امجد مون ڏانهن گهٽو نهاري رهيو آهي. پرنسپل صاحب وڏي حيرت منجهان ٿمره کان شڪايت جي تصديق ڪرڻ چاهي، پر ٿمره پنهنجي عزت بچائڻ وڌيڪ بهتر سمجهندي ڳالهه مڃڻ کان انڪاري رهي.

ميڊم هي اوهان ڇا پيا چئو؟ مون ته اهڙي ڪا به شڪايت اوهان نه ڪئي آهي، بلڪ آءٌ ته صبح کان اوهان جي آفيس ۾ داخل ئي نه ٿي آهيان. اوهان ايڏو وڏو الزام منهنجي مٿان هڻي رهيا آهيو آخر منهنجو قصور ڇا آهي؟ ٿمره ميڊم کي جواب ڏيندي روئي پئي، روئندي آفيس کان نڪري گهر هلي وئي.

پرنسپل صاحب ٿمره جي ان رويي تي لا جواب ٿي وئي. پر هاڻي ڪجهه ڪري به نه پئي سگهي. ڪالهه تائين پرنسپل صاحب ٿمره جا گيت ڳائيندي هئي، ان ٿمره جي حرڪتن ڪري اسڪول مان ڪيترن ئي استادن ۽ شاگردن کي ڪڍي ڇڏڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هئائين. سياڻن جو قول آهي ته ڏاڙهه به هڪ گهر ڇڏيندي آهي ٿمره ته اها حد به اورانگهي وئي. ٿمره پرنسپل صاحب جو ڳلو خشڪ ڪري وڌو. اها بندوق جيڪا ٿمره هميشه پرنسپل صاحب جي ڪلهن تي رکي وار ڪندي رهندي هئي، اڄ ان بندوق جو رخ سر امجد بدران ابتو پرنسپل صاحب جي پيشانيءَ تي ٿهيو ٿڪيو پيو هو. پرنسپل صاحب پنهنجا ڪرم ياد ڪندي بي مثال ٿي وئي. وڌيڪ لفظ ساڻ نه پيا ڏين، جو هو پنهنجي جندُ ڇڏائڻ لاءِ استعمال ڪري. حريم ڳٽتين جي ڪُن ۾ غوطا کائي رهي هئي. نبيل گهنٽي وڄائي سيڪريٽري کي گهرايو.

جي سر حڪم ڪيو. سيڪريٽري عاجزيءَ منجهان پڇيو.

ها اوهان جلد ۾ ميڊم حريم جو ٽرمينيشن ليٽر تيار ڪيو ۽ مونکان دستخط ڪرائي ميڊم کي فارغ ڪيو. آءٌ وڌيڪ برداشت نه ٿو ڪري سگهان. نبيل تمام گهٽو غصي ۾ سيڪريٽريءَ کي حڪم ڏنو. ۽ شاگردن کي ڪلاس ۾ وڃڻ جي هدايت ڪيائين. سيڪريٽري سان گڏ شاگرد به هليا ويا.

حريم اوچتو پنهنجي نوڪري ختم ٿيڻ جو ٻڌي حيرت ۾ پئجي وئي. پر ڪجھ ڪيڻي نہ سگھي، ڇا ڪاڻ تہ ھوءَ ڄاڻي پئي تہ ھن وقت تمام بندوقن جو رُخ منھنجي پاسي آھي، ان ڪري منھنجي ڪا بہ ڳالھ بي معنيٰ ئي ھوندي. ھن وقت منھنجي دال نہ ڳرندي، ان کان بھتر آھي تہ آڱ خاموش رھان.

سائين ھڪ عرض ڪيان جيڪڏھن اوھان ناراض نہ ٿيو تہ؟ امجد ڊائريڪٽر کان عاجزانہ انداز ۾ اجازت گھري.

ڊائريڪٽر: جي چئو.

سائين ڏٺو وجي تہ ميڊم حريم جيڪا رپورٽ ٺاھي ھئي، اھا منھنجي خلاف ھئي. اھا بہ حقيقت آھي تہ ميڊم ذاتي طور تي يا ڪنھن جي چوڻ تي منھنجي عزت تي حملو ڪيو ھو. جيڪي ڪجھ بہ ٿيو حقيقت اوھان جي آڏو آھي. سائين عزت ۽ رزق عطا ڪرڻ واري الله جي ذات آھي. ميڊم حريم جيڪي ڪجھ ڪيو منھنجي ذات کي ڇيھو پھچائڻ لاءِ ڪيو. پر آڱ ميڊم حريم کي دل سان معاف ٿو ڪيان، اوھان منھنجي خاطر ميڊم کي نوڪريءَ مان نہ ڪيو. ان لاءِ ميڊم ياران آڱ اوھان کان معافي ٿو گھران. اسين ڳوٺاڻا دل وڏي رکندا آھيون، ساده ۽ سچا آھيون پر الله جي ذات تي توڪل رکندا آھيون. ڪنھن تي مشڪل وقت ڏسي برداشت نہ ڪري سگھندا آھيون. ڪنھن کي اسان مان تڪليف پھچي، ان ڳالھ کي نا پسند ڪندا آھيون، سائين آڱ ايترو بہ ڄاڻان ٿو منھنجي لباس جي ڪري مطلب تہ شلوار قميض جي ڪري مونکي جاھل، جت ۽ ڳوٺاڻو سمجھي نا پسند ڪيو ويو. پر اھو طريقو بلڪل غلط آھي، اوھان کي ايترو ٻڌائيندو ھلان تہ پاڪستان جو اسلامي ۽ مشرقي ثقافتي لباس حقيقت ۾ شلوار قميض آھي تہ پوءَ ان لباس سان ايڏي نفرت ڇا لاءِ؟. سائين آڱ نہ ٿو چاھيان تہ منھنجي خاطر ڪنھن کي ايڏي وڏي سزا ملي، جيڪو ٿيو سو گذريو. آڱ اوھان کي ھٿ ٻڌي عاجزانہ گذارش ٿوڪريان تہ ميڊم کي نوڪريءَ مان نہ ڪيو.

امجد ھٿ ٻڌي ڊائريڪٽر آڏو بينو رھيو ۽ حريم کي معاف ڪرڻ جي گذارش ڪندو رھيو. امجد جي لفظن حريم جي پٿر دل ۾ نرمي پيدا

ڪري ڇڏي ۽ سندس اکين مان لڙڪ وهي آيا. حريم پنهنجي هٿ ۾ موجود هڪ ٽشو پيپر سان لڙڪ اگهيا ۽ پنهنجي ڪرسيءَ تان اُٿي سر امجد جي ويجهو آئي، امجد جا ٻئي هٿ هيٺ ڪري وڏو ساهه پري اکين تان پري جي نظر جو چشمو هڪ هٿ سان لاهي ٽيبل تي رکي، سر اوهان عظيم انسان آهيو، مون اوهان جي پرک ۾ غلطي ڪئي آهي، بس! اسان بنا سوچي سمجهي ٻڌل هٿ نوڪي ٻگالهين کي پنهنجي دلين ۾ ويهاري نفرتن جون ديوارون اڏي هڪ ٻئي کان ايترو ته پري ٿي ويا آهيون جو اصل حقيقت کي سمجهڻ جي ڪوشش به نه ٻيا ڪريون. اسان ۾ غلط ڪو به نه آهي بس! صرف ڪجهه غلط فهميون آهن جن کي جيڪڏهن اسين گڏجي سوچيون ته مون کي يقين آهي اسان جي وچ ۾ وهندڙ نفرتن جا درياءَ سُڪي خشڪ ٿي ويندا. سر آڻ اوهان جي قصور وار آهيان، سزا جي مستحق آڻ آهيان، جيڪا سزا ملي مونکي قبول آهي. پر اوهان سر کان معافي گهري مونکي شرمنده نه ڪيو. اڄ اوهان جي شخصيت ۽ وڏ ماڻهپي منهنجي دل ۾ اهو احساس پيدا ڪيو ته انسان جي سُڄاڻ لباس سان نه پر ڪردار ۽ شخصيت سان ڪرڻ گهرجي. اها پڻ حقيقت آهي ته شلوار قميض ته نه رڳو پاڪستان جو بلڪ اسلام جي مطابق به ثقافتي لباس آهي. سر اوهين مهان شخصيت آهيو، اوهان جي عاجزي، اوهان جي ڪردار ۽ اوهان جي زبان منهنجي اندر جي انسان کي جاڳائي وڏو آهي. حريم سر امجد سان ٻگالهائيندي ٻيهر روئي ڏنو.

ٻيڙ اوهان کي ان ٻگالهه جو احساس ٿيو. اها وڏي ٻگالهه آهي. امجد حريم جي اڌ مٿي تي رکيل رئو پنهنجي هٿن سان درست ڪري مٿي تي شفقت منجهان هٿ رکي، اکين ۾ اکيون ملائي نماڻي انداز ۾ چيو. اوهان منهنجي ٻيٽين جيان آهيو. ڪو به هڪ ٻئي کان وڏ نه آهي هڪ ٻاءُ جو عرض آهي ته اوهان روئڻ بند ڪيو. ميڊم حريم پنهنجي ڪُرسيءَ تي ويني، ٻيهر ٽشوءَ سان پنهنجا لڙڪ اگهي ٽڏو ساهه ٻريائين ته ايتري ۾ سيڪريٽري به حريم جو ٽرمينيشن ليٽر تيار ڪري اچي ڊائريڪٽر جي ٽيبل تي رکيو. پاڻ آفيس کان نڪري واپس هلي وئي.

ڊائريڪٽر صاحب ليٽر هٿ ۾ کڻي حريم ڏانهن نهاريو کان پوءِ سر

امجد سان ڳالهائيندي چيو ته "مون کي فخر آهي ته مون اوهان جهڙي عظيم شخصيت کي پنهنجي اسڪول ۾ مقرر ڪيو آهي. پر اوهان اڄ کان پوءِ هن اسڪول ۾ هڪ استاد جي حيثيت سان نه پر وائيس پرنسپل جي حيثيت پنهنجا فرض سر انجام ڏيندا. رهي ڳالهه ميڊم حريم جي ته ميڊم چئي نبيل خاموش ٿي ويو. ٻنهين هٿن سان ٽرمينيشن ليٽر ڦاڙي جملو پورو ڪندي ميڊم حريم کيڏانهن ويندي، حريم پرنسپل ئي رهندي. ڇاڪاڻ ته آڳ ايترو سمجهي سگهان ٿو ته اسڪول ۾ فساد جي جڙ ثمره آهي، غلطي حريم جي اها آهي ته ثمره کي گهٽي عزت ڏيندي رهي، هميشه ياد رکو ته هر انسان کي ان جي حيثيت کان وڌ عزت ڏيڻ سان يا ته ان ۾ تڪبر پيدا ٿيندو آهي يا ته وري اهو انسان عزت ڏيڻ واري انسان جي عزت تي ئي وار ڪندو آهي.

ٻئي ڏينهن تي صبح جو ميڊم حريم پنهنجي عهدي تي معمول مطابق ڪم ڪندي نظر آئي پر سر امجد کي اسڪول جي وائيس پرنسپل جي حيثيت سان ڪم سر انجام ڏيندي سيڀئي شاگرد، استاد ۽ ٻيو عملو اچرج ۾ پئجي ويو. هڪ ڏينهن ۾ سر امجد پنهنجي ڪردار جي هٿوڙي سان اهڙو ته لوهه سڏو ڪري ڇڏيو جو هر هڪ جي زبان تي سر امجد جي تعريف هئي. هر هڪ سر امجد کي سندس ڪاميابيءَ تي دل جي گهرائين سان مبارڪ پيش ڪئي.

ثمره ڪڏهن به موڪل ڪرڻ پسند نه ڪندي هئي، اها اڄ اسڪول کان غير حاضر هئي. ڪجهه دير گذرڻ بعد ثمره جو والد ۽ والده اسڪول ۾ پهتا، ڊائريڪٽر صاحب سان ملاقات ڪري حقيقت معلوم ڪيائون. هو ٻئي پڙهيل لکيل ۽ سُلجهيل انسان هئا. انهن حقيقت کي سمجهي ورتو. ثمره جون ڇهه پينرون ان ئي اسڪول مان سهٽي انداز ۾ ميٽرڪ ڪري مختلف يونيورسٽين ۾ تعليم حاصل ڪري رهيون هيون. ثمره جي وڏي پيٽ ڊاڪٽر هئي. پر ثمره آخري هٿ ڪري سڪيلڏي هئي. پر ان مان ثمره ناجائز فائدو حاصل ڪندي پنهنجو وقار اسڪول ۽ گهر ۾ وڃائي ويٺي هئي. سندس والدين به ثمره جي حرڪتن کان سُهٽيءَ ريت واقف هئا ۽ گهڻو پريشان هئا. ثمره جو والد پنهنجي

نياڻيءَ جي اهڙي ڪُڌي حرڪت تي ڏاڍو شرمنده هيو. ان سر امجد کان ۽ ميڊم حريم کان معافي گهري. ٿمره جو والد تمام سخت مزاج انسان هو. آخر ويندي ويندي هن ڊائريڪٽر صاحب کي چيو ته "هاڻي ٿمره اسڪول نه ايندي چاڪاڻ ته هوءَ علم حاصل ڪرڻ جي لائق نه آهي. ان جي سزا اِها آهي ته هوءَ اڻ پڙهيل رهندي. پنهنجي ماءَ سان گهر جي ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊائيندي ۽ پنهنجي ڇهن وڏين ڀيٽين جي خدمت ڪندي. اهو چئي ڊائريڪٽر کي ٿمره جو اسڪول مان نالو خارج ڪرڻ جي هدايت ڪندي پنهنجي گهر واريءَ سان گڏ نڪري هليو ويو.

صبر جو سوادُ

عشاءَ جي آذان اچي رهي هئي، قادر سگريٽن جي مانڊڙي بند ڪري پنهنجي ننڍي پُٽ سان گڏ بازار کان ٻاهر مسجد ۾ نماز پڙهي گهر وڃڻ کان اڳ هڪ هوٽل جي ٻاهران ڪُنڊ ۾ بن پراٽين ڪُرسين تي ويهي چانهِ پيئڻ سانگي ويهي رهيو. هوٽل تي ڪجهه ماڻهو اندرين حصي ۾ پاڪستاني فلم ڏسي رهيا هئا. هوٽل جي اندرين حصي مان فلم کان وڌيڪ ماڻهن جون رڙيون ۽ هوڪرا هئا. هوٽل جي ٻاهران ڪجهه ماڻهو ڪرسين تي ۽ ڪاٺ جي ٿهيل صندل تي ويهي دنيا جهان جا حوال ڪري ٿهڪن ۾ مست هئا تہ ڪي وري پاڻ ۾ ٻتاکون هٽي دل وندرائي وقت جي گاڏي کي ڏڪي رهيا هئا. قادر هميشہ دڪان بند ڪري گهر وڃڻ کان اڳ بابوءَ واري هوٽل تي هڪ ڪنڊ ۾ ويهي تڪڙ تڪڙ ۾ چانهہ ساسر ۾ وجهي پيئڻ بعد شڪور ٽيبل واري کي پئسا هٿ ۾ پڪڙائي گهر ويندو هو. اڄ پهريون پيرو قادر سان سندس پُٽ سرمد بہ ساڻُ هو. سرمد کي هوٽل تي ويهندڙ ماڻهن جو ماحول عجيب لڳي رهيو هو. هو ان ڳٽتيءَ ۾ هو تہ بابا سائين هميشہ تربيت ڪندي مونکي هوٽل تي ويهڻ کان منع ڪندو آهي، پر اڄ ابو پاڻ مونکي هوٽل تي وٺي آيو آهي.

سرمد ڇهين درجي جو شاگرد هو. هو نهايت گهٽو ذهين، هوشيار، سليڇڻو، قد بت ۾ پورو سارو پر رنگ جو سانورو هو. اسڪول ۾ پاڙي وارا سرمد جي ڏاڍي عزت ڪندا هئا. ڪيس ڏاڍو پائيندا هئا. سرمد جو هڪ وڏو ياءِ منير ۾ بہ وڏيون پينر رضيہ ۾ مديحہ سرمد جي سانوري رنگ جي ڪري ڪيس ناپسند ڪندا هئا. منير، رضيہ ۾ مديحہ تہ پاڻ ۾ ڪير ڪنڊ هئا پر سرمد سان هر ڳالهہ ۾ ويڳن پائرن جيان ناروا سلوڪ اختيار ڪندا

هئا. جڏهن ته سرمد به انهن جو سڳو پاڻ هو.

سرمد جي اسڪول ۾ امتحانن ۾ ڪاميابي، پاڙي ۾ عزت ۾ والد جو گهٽ گهرو هجڻ سبب گهر جا ڀاتي ڪيس نفرت ۽ حسد جي نگاهه سان ڏسندا هئا. اڪثر مديحه ۽ رضيه سرمد جي ماني تيار ئي نه ڪنديون هيون ۽ جيڪڏهن گهر ۾ والد جي موجودگيءَ سبب سرمد جي ماني رکنديون به هيون ته منير لڪي ڇپي ان جي حصي جي ماني پڻ کائي نکري هليو ويندو هو. پينر ان ڳالهه کان واقف هوندي به پيءُ آڏو اڻ ڄاڻائي ظاهر ڪري ويندیون هيون. ان باوجود به سرمد صبر جو ڏڪ ڀري پيءُ کي بنا ٻڌائي بک تي سمهي پوندو هو. اهو ويچار ڪندي ته جيڪڏهن بابا سائينءَ کي انهن جي شڪايت ڪندس ته انهن جو ويڑ ويتر مون سان وڌي ويندو.

سرمد هوٽل تي جيتري دير وينو رهيو هيڏانهن هوڏانهن جي ماحول ڏانهن حقارت جي نظر سان نهاري رهيو هو. شڪور ٽيبل وارو آيو ۽ اچي قادر سان هٿ ملائي سرمد سان به هٿ ملايائين.

چاچا قادر چا پلا اڄ سرمد کي به اسان جي هوٽل جي چانهه پيئڻ جو شوق جاڳيو آهي چا؟ شڪور، سرمد جي پناڻ تي پيار منجهان هٿ ڦيرنديءِ خوشيءَ منجهان قادر کان پڇا ڪئي.

نه ادا! اڄ سرمد سان دل جا حال اوريا هانءَ تان ڪجهه وزن هلڪو ڪرڻ لاءِ سرمد کي هتي وٺي آيو آهيان. قادر، سرمد ڏانهن نهارنديءِ شڪور کي مرڪندي جواب ڏنو. ادا شڪور هاڻي تون اسان کي اسان جي حال تي ڇڏي ڏي، اڏ ڪلاڪ کان پوءِ به چانهيون باقائده ڪڙڪ ڪٽي اچجان، قادر شڪور کي هلڪي آواز ۾ چيو.

ها چاچا، جيڪو اوهان جو حڪم. شڪور ادب ۾ ٻئي هٿ ٻڌي هاڪاري ڪنڊ لوڏي هليو ويو.

پُٽ سرمد، آءٌ پايان ٿو ته تون هن هوٽل تي ويهي تمام عجيب ۽ بُرو محسوس ڪندو هوندين، مان سمجهان ٿو ته هن ماحول کي تون نا پسند ڪندو آهين ۽ اها تربيت به مون ئي توکي ڏني آهي، پر تون هن وقت مون سان گڏ آهين، گهبرائڻ جي ڳالهه نه آهي. قادر آهستگيءَ ۾ سرمد کي

سمجهايو.

ها، بابا سائين، اوهان جو سايو سِر تي هُجي، تہ پوءِ دنيا جون وڏيون وڏيون آفتون منهنجو وار بہ لوڏي نہ سگهنديون. هي تہ هڪ معمولي هوتل آهي. سرمد ادب سان ۽ معصوميت واري انداز ۾ پيءُ کي وراڻيو.

سرمد جي اهڙي اخلاقي جواب قادر جو من موهي ڇڏيو. هو پنهنجي ڪُرسيءَ تان اٿيو. پنهنجي ڪرسي هڪ هٿ سان کڻي سرمد جي پاسي ۾ رکي ان تي ويهي رهيو. قادر پنهنجو ساڄو هٿ سرمد جي پٺاڻن تي رکي کانئس اکيون اکين ۾ ملائي پيار منجهان ڏسڻ لڳو. ڏسندي ڏسندي ٻئي هٿ جي آڱرين سان سرمد جي کاڏي پکڙي ساڻس مخاطب ٿيندي چيو تہ "پُٽ آءٌ جڏهن بہ تنهنجي سُلجهاڻپ، ادب ۽ اخلاق واريون ڳالهيون ۽ سهڻو ڪردار ڏسندو آهيان تہ يقين ڪر منهنجا ٿَڪ لهي ويندا آهن. اکين کي آرام ۽ دل کي سڪون ملي ويندو آهي. ان ڪري آءٌ اڄ تو سان ڪجهہ سلهڙ ٿو چاهيان.

ها بابا سائين، اها تہ منهنجي لاءِ وڏي سعادت آهي، جو اوهان مون کي ان لائق سمجهيو ٿا. سرمد ڪنڌ جهڪائي پيار منجهان پيءَ جي آڏو شرمائيندي وراڻيو.

پُٽ آءٌ جاڻان ٿو تہ تنهنجي امڙ جي وفات کان پوءِ تنهنجي پاءُ ۽ پينرن جو رويو تون سان بهتر نہ آهي، پُٽ تون منهنجو سڪيلڏو ۽ فرمانبردار پُٽ هئڻ ڪري پنهنجي پينرن ۽ پاءُ جي اک ۾ ڪنڊي جيان هر وقت چيندو رهين ٿو. هو توکي گهر ۾ ڏسي سڙيون ٻوٽيون ٻيا کائيندا آهن. الله تہ ڪري خير، جنهن ڏينهن مون اک ٻوٽي تہ. ...

سرمد يڪدم پنهنجو هٿ قادر جي چپن تي رکي زور ڏئي وڏيڪ لفظ اچارڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، سرمد جون اکيون آليون ٿي ويون ۽ لڙڪ اکين جا پردا ڦاڙي سندس ڳلن تي ڪري پيا. نہ بابا سائين رب اوهان کي وڏي ڄمار عطا ڪري، اوهان آهيو تہ آءٌ بہ آهيان. اوهان کان سواءِ آءٌ اڌورو ۽ ڪجهہ بہ نہ آهيان، ائين نہ چئو بابا سائين، اوهان جا اهي لفظ منهنجو هانءُ ٽڪا جهورين. اوهان اهڙا لفظ ڪڍي منهنجي طاقت ۽ منهنجي جذبن کي ڪمزور نہ ڪيو. سرمد، قادر کي اهڙا جملا نہ ڏهرائڻ

جو عرض ڪندي سڏڪن ۾ پئجي ويو.

قادر، سرمد جو هٿ پڪڙي هيٺ ڪيو نيٺ نيٺن سان ملائي يڪدم سرمد کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لائي، سرمد جا لُڙڪ اڳهي پيشاني چمندي ڪيس پر چايو. بابا رب نہ ڪري جوائين ٿئي.

قادر، سرمد کي آٽت ڏئي پنهنجي ڳالهہ ٻيهر شروع ڪئي. پُٽ آءٌ چاهيان ٿو تہ تو کي زندگيءَ ۾ خوشحال ڏسان. منهنجو ڪاروبار تہ ايترو آهي جو گهر جو خرچ آسانيءَ سان هلي پيو. اهوئي گنج آهي. رهي ڳالهہ اها تہ آءٌ توکي ڊاڪٽري يا انجنيري تہ نہ ٿو پڙهائي سگهان، ها ايترو ڪري سگهان ٿو تہ تون ڪو هنر سکي پنهنجي تعليم حاصل ڪر جيترو ٿي سگهئي. ايئن تون مرضيءَ جو راڻو هوندين. حيثيت آهر جيترو وڌئي، جيڪو وڌئي علم پرائي پنهنجي ٻار، زندگي سنوار، مونکي ڪجهہ ٿي ڏيکار. هاڻي کان ئي ڪو هنر سِکي پوندين تہ اڳتي هلي ان هنر جي ڪمائيءَ مان تعليم بہ حاصل ڪري سگهندين. تيستائين آءٌ بہ ٻيڙو ٿي ويندس تہ پُٽ، تو جهڙو فرمانبردار اولاد مون کي بزرگيءَ ۾ ٽڏي ڇانوَ ۾ ويهاري کارائيندو. ان ڪري منهنجو خيال آهي تہ تون ڪو صاف ستڑو ۽ عزت وارو ڪو هنر سک. قادر جي نصيحت سرمد جي ذهن ۾ وينِي.

بابا سائين مونکي يقين آهي تہ اوهان منهنجي لاءِ جيڪو بہ سوچيندا، اهو منهنجي حق ۾ بهتر هوندو. بابا سائين اوهان جو حڪم منهنجي اکين تي، جڏهن چئو، جيئن چئو اوهان جو سرمد اوهان جي خوابن جي تعبير ٿيڻ لاءِ سڀ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار آهي. سرمد پنهنجي ڪرسيءَ تان اُٿي، قادر سان ٻاڪر پائي، قادر جي ڪلهن تي پنهنجو ڪنڌ رکي چهري تي مُرڪ سجائي پيار ۽ ادب واري انداز ۾ جواب ڏنو.

پُٽ مون مجاهد درزيءَ سان ڳالهايو آهي، اهو پڻ منهنجي ان فيصلي تي تمام گهڻو خوش پيو ٿئي. هن ڇيو آهي تہ سرمد کي سياڻي دڪان تي موڪلجانءِ تہ آءٌ ڪيس ڪم سيکاري ڪاريگر ڪندس. سياڻي پُٽ، تون اسڪول کان موٽي سڏو ادا مجاهد جي دڪان تي هليو وڃجان. قادر کي اهو يقين هيو تہ سرمد منهنجي ڳالهہ نہ ٽاريندو.

چاڪاڻ تہ هو هڪ فرمانبردار پُٽ آهي.

بلڪل بابا سائين آڱ سُياڻي ائين ئي ڪندس، مونکي اوهان جي فيصلي تي تمام گھٽي خوشي ٿي آهي، بس! بابا سائين اوهان جو پيار، اوهان جو منهنجي مٿان سايو ۽ اوهان جون دعائون منهنجي زندگيءَ جي تمام رستن ۾ ڪاميابي ۽ خوشين جا گُل نڇاور ڪندیون. سرمد وڏي فخر سان قادر کي پاڪر پائي وراڻيو.

شڪور چانهہ ڪٽي آيو. قادر روز جيان ساسر ۾ چانهہ پيئندي دير ئي نہ ڪئي. سرمد ڪوپ ۾ چانهہ پيتي. چانهہ پيئڻ بعد ٻئي پيءُ، پُٽ ڪُرسين تان اُٿي شڪور کي پئسا ڏئي گھر ڏانهن روانا ٿيا.

ٻئي ڏينهن سرمد اسڪول کان موٽي، ڪتابن جو ٿيلهو رکي، بنا ماني کائڻ جي هنر سکڻ جي حب ۾ تڪڙو تڪڙو دڪان تي وڃي پهتو.

سائين آڱ اوهان جي دوست قادر جو فرزند آهيان. سرمد وڏي ادب ۽ احترام سان ٻئي هٿ اڳتي ڪري مجاهد سان هٿ ملائي سلام ڪيو ۽ پنهنجو تعارف ڪرايو.

پُٽ آڱ توکي سُجاڻا ٿو. مجاهد شفقت واري لهجي ۾ سرمد سان هٿ ملائي جواب ڏنو ۽ پاسي ۾ رکيل هڪ استول تي ويهڻ لاءِ چيو.

پُٽ! پهريون مانيءَ گرهن کائي پيٽ گذر ڪيون، بعد ۾ آڱ تو کي سمجهايان ٿو تہ هي ڪم سکڻ لاءِ تو کي ڇا ڪرڻو پوندو. ۽ هاڻي تنهنجي منجهند جي ماني اسان سان گڏ هوندي. ٺيڪ آ پُٽ. مجاهد اخلاق وارو طريقو اختيار ڪندي سرمد سان پيش آيو. دڪان جي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ شاگرد چادر وڇائي ماني رکي، سيني کي سڏ ڪيو. سيني شاگردن ۽ ڪاريگرن لاءِ مانيءَ جو بندوبست مجاهد جي گھران ٿيندو هو. هر هڪ پيٽ پري ماني کائي شڪر ادا ڪيو. چانهہ جا ٻہ ٻہ ڀُڪ پري هر ڪو پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ مصروف ٿي ويو. پوءِ مجاهد شفقت واري انداز ۾ سرمد کي پنهنجي پر ۾ هڪ استول تي ويهاري طريقي سان هنر سکڻ جا ڪارگر گُر سمجهايا. دڪان تي ڪم ڪندڙ 3 ڪاريگرن ۽ ٻن شاگردن کي سرمد سان هر معاملي ۾ تعاون ڪرڻ جي هدايت ڪئي. مجاهد ڇاڻيندو هو تہ سرمد ذهين، فرمانبردار، سُلجھيو ۽ محنتي

پارُ آهي. هي نہ رڳو تمام جلد هنر سِکي ونڻندو پر استاد جي ادب جو پڻ هر موڙ تي خيال رکندو. ان کري مونکي ان جو احساس ۽ قدر ڪندي سچائيءَ سان ڪم سيکارڻ گهرجي.

سرمد بہ دڪان تي وڃي چاهہ سان ڪم سِکي رهيو هو. هو دڪان تي ڏاڍو خوش هو. امڙ جي وفات کان پوءِ هاڻي وڃي سُک جو ساهہ ڪنيائين. سرمد اڏ ڏينهن اسڪول تہ باقي وقت دڪان تي گذاري رات جا بہ پهر گهر اچي آرام ڪندو هو.

سرمد وڏي چاهہ سان بن سالن ۾ تمام سُٺو ڪاريگر ٿي ويو. هن وقت هو اٽين درجي جو شاگرد هو. دڪان تان جيڪي بہ ڪمائيندو هو. سڀ اچي قادر جي هٿن ۾ ڏيندو هو. قادر کيترائي ڀيرا سرمد کي منع ڪيو تہ مونکي انهن پئسن جي ضرورت نہ آهي. پر سرمد هڪ سُلجهيٽو ۽ فرمانبردار پُٽ هئڻ جي ناتي ڪمائي والد جي هٿ ۾ ڏيڻ مناسب ڀيو سمجهي. قادر انهن پئسن مان ڪجهہ خرچ ڪري باقي ٽاريندو رهندو هو. بچت ڪيل رقم مان سرمد ۽ پنهنجي لاءِ لٽو ڪپڙو ونڻندو هو. سرمد جي ڪاريگر ٽيڻ تي قادر ڏاڍو خوش هو. هو هميشہ هٿ کڻي سرمد کي دعائون ڏيندو هو. ۽ سرمد بہ هاڻي پنهنجي ڪمائي آهر پنهنجو خرچ پاڻ ڪندو هو.

سرمد جا نائين جا سالیانا امتحان ٿي رهيا هئا. چنچر جو ڏينهن هو. آخري پيپر هو سرمد صبح سوير پيپر ڏيڻ لاءِ والد کان موڪلائي اسڪول ويو. ڪجهہ دير کان پوءِ دڪان جو سامان وڻڻ لاءِ پنهنجي دوست ڪريم رکشہ واري سان گڏ شهر هليو ويو.

منجهند جو هڪ ٽي رهيو هو. پاڙيوارن جي ڪنن تي ايمبولنس جي گهنٽيءَ وارو آواز ٻڌجڻ ۾ آيو. ننڍڙو پاڙو غريباڻي آبادي، هر ڪو هڪ ٻئي سان پيار ۽ محبت سان رهڻ وارو ماحول پسند ڪندڙ ڏک، سُک ۾ هڪ ٻئي جي ڪم اچڻ وارا پورهيت سڀيئي پنهنجا ڪم ڪاريون ڇڏي اچي ٻاهر بينا، ڇا ڏسن تہ ايمبولنس قادر جي گهر وٽ ٻاهران بيني آهي. ويجهو وڃي ڏسن تہ ڪريم جي مٽي تي پٽي ٻڌل هئي، پر ۾ قادر جو لاش پيو هو. پاڙيوارا سڀ افسوس ۾ پئجي ويا، ڪجهہ

ماڻهن همت ڪري لاش ايمبولنس مان ٻاهر ڪڍي گهر جي وراندي ۾ رکيل هڪ کٽ تي رليون وڇرائي رکيو. اوڙي پاڙي جون عورتون ۽ مرد جمع ٿي ويا، روج راڙو شروع ٿي ويو گهٽيءَ ۾ پٿر رکيو ويو. ڪريم ٻڌايو ته اسان جي رکشه جي پويان هڪ ٽرڪ واري اچي ٽڪر هنيو رکشه ڪلٽي ٿي پئي، قادر ٽڏي تي دم ڏٽيءَ حوالي ڪيو مونکي ڳجها ڏڪ لڳا. اتي موجود ماڻهن ۽ پوليس وارن کٽائي اسان کي اسپتال پهچايو. اسپتال وارن منهنجي پٽي ڪري ايمبولنس ۾ قادر جو لاش رکرائي اسان کي اجازت ڏني.

سرمد آخري پيپر ڏئي جيئن ئي گهر واري گهٽيءَ وٽ پهتو. ڇا ڏسي ته گهٽيءَ ۾ فراسيون ۽ رليون وڇايون پيون آهن. ڪيترائي ماڻهو وينل آهن. سرمد پري کان ماڻهن جي خاموشي ڏسي محسوس ڪيو ته پاڙي ۾ ڪو وفات ڪري ويو آهي. سرمد جيئن ئي ويجهو آيو ته پاڙي جي هڪ بن بزرگن سرمد کي سيني سان لاتو. بزرگن جي ان طريقي تي سرمد جي جسم مان اڌ ساهه ڇڏائجي ويو. سرمد پڇا ڪرڻ چاهي پر سندس زبان ۾ ٻگالهائڻ جي سگهه نه رهي. نه ئي وري پاڙي وارن ٻڌائڻ پسند ڪيو. پاڙيوارن کي اها خبر هئي ته قادر جو سڪيلڊ وپٽ سرمد آهي.

سرمد پاڙي جي بن بزرگن ساڻ جيئن ئي گهر ۾ اندر داخل ٿيو ته سامهون لاش تي نظر پوندي ڏوڙندو اچي پيءُ جي مٿان پيءُ جي پيشاني چمي، اپ ڏارينڊڙ رڙيون ڪري روئڻ لڳو. پاڙي جي ڪيترين ئي هڏ ڏوکي عورتن، بزرگن، مٽن مائٽن، منير ۽ سندس پيٽين سرمد کي ڏيرج ۾ آڻڻ لاءِ وڏا وس ڪيا پر سرمد کي اوچتو پيءُ جي وڇوڙي جيئري ئي ماري وڌو. سرمد رڙيون ڪري هڪ جملو بار بار دهرائي رهيو هو ته "بابا سائين تون ته مون سان هر موڙ تي قدم قدم سان گڏ ڪٽي هلندو هئين پر اڄ تون اڪيلو ڇو وئين، بابا سائين تنهنجي سرمد کهڙو ڏوهه ڪيو جو تون اڪيلو ڇڏي وئين." سرمد والد جي لاش مٿان هنجون هاري نيٺ ڏنڊٽين پئجي ويو. پاڙيوارن سرمد جا ڏنڊڻ ڀڳا پر هو زنده لاش، بي حال هو. ڪيس دنيا جي ڪا خبر نه هئي. ڪيس بزرگن سهارو ڏئي ٻاهر مردن ۾ وچ ويهاري چئن چڱن صبر ڪرڻ جي تلقين لاءِ وڏا زور لاتا، سلجهڻو ۽ سلجهيل ٻار

هو. وڏن جي ڳالهه ذهن ۾ وينس، نيٺ ڏيرج ۾ آيو. پر رت جي رشتي جي ڳنڍ جو اثر، والد جي ويجوڙي جي جدائيءَ جي صدمي جيءُ جهوري ڇڏيو هو. اندر جو پاڻي اکين جا پردا ڦاڙي لڙکن جي قطار ۾ وهي رهيو هو. سرمد ظاهري طور تہ صبر ڪيو پر اندر ۾ جهري رهيو هو. وقت مطابق ڪفن دفن جو انتظام ڪري رب جي امانت کي متيءَ ماءُ حوالي ڪري ڇُل بخشي سپيئي گر موتي آيا، ڪانڊيو. ٽيجهو نيٺ فاني دنيا جا رهجي ويل پکي پنهنجي پنهنجي آکيرن ڏانهن عبرت جو مقام حاصل ڪري اڏامندا موتي ويا، هر ڪو هن فاني دنيا جي ڪارخاني ۾ پنهنجا پنهنجا فن ڏيکارڻ ۾ مصروف ٿي ويو. تان جو قادر جي ويجوڙي کي 15 ڏينهن بہ مس ٿيا، ايا تہ ويجوڙي جي ياد ۾ اکيون بہ آليون هيون، سُڏڪن جي تار بہ هلي رهي هئي تہ اوچتو منير، رضيہ ۽ مديحہ پنهنجا تارا متي ڪيا ۽ اصليت ڏيکاري. انهن اُندہ ڏئي سرمد سان جهيڙو ڪري ڪيس گهر مان ڪڍي ڇڏيو. سرمد کي اهو يقين هو تہ بابا جي وفات کان پوءِ ڪنهن بہ وقت مون سان اهڙو ورتاءُ ٿيندو.

سرمد ننڍو ضرور هو، ڏوهہ جواني هئس، پيءُ جي اثرائتي تربيت جي ڪري سندس جذبا بلند هئا، ننڍ پڻ کان هو ذهين ۽ سليڪٽو هو. والد جي هوندي سندس والد علم ۽ هنر جي دولت سان مالا مال ڪري ڇڏيو هيس. محنتي ٻار هئڻ سبب ننڍ پڻ ۾ ئي پنهنجي پيرن تي بيهي رهيو هو. سرمد همت نہ هاري، سڏو استاد مجاهد وٽ دڪان تي آيو ۽ سڄي حقيقت کولي ٻڌايائينس. استاد مجاهد هنر سيکارڻ واري عرصي دوران سرمد جي فرمانبرداريءَ وارا جوهر ڏسي کيس پُٽ ڪري سڏيو هو. مجاهد کي هڪ نياڻي هئي. مجاهد پنهنجي نياڻي ناديہ سان بيحد پيار ڪندو هو پر پوءِ بہ پُٽ جي اولاد کان سکايل هو. ڊاڪٽرياڻيءَ سندس گهر واريءَ کي آپريشن کان پوءِ اولاد نہ ٿيڻ جي حقيقت کان آگاهي ڏئي ڇڏي هئي. پر اڄ سرمد جهڙي سُلجهيل، محنتي، نماڻي ۽ فرمانبردار ٻار، مجاهد کي پنهنجو هڏ ڏوکي استاد سمجهندي زندگيءَ جو سورُ سليو تہ مجاهد کيس پاڪر پائي آڻت ڏني.

پُٽ سرمد! آءٌ توکي قادر وانگر پُٽ سمجهندي اهو ئي پيار ڏيندس.

جنهن پيار لاءِ تون ڪجهہ ڏينهن کان اُجايل آهين. سرمد کي پُٽ جهڙي آڏت ڏيندي مجاهد جي اکين مان لڙڪ وهي پيا. مجاهد سرمد کي پاڻ سان گڏ موٽر سائيڪل تي سڏو گهر ونڊي آيو. ٻئي اچي ڪمري ۾ وينا.

مجاهد پنهنجي زال بشيران ۽ نياڻي ناديہ کي سڏ ڪري ڪمري ۾ ويهاريو.

بشيران سرمد اڄ کان پوءِ اسان سان رهندو. جهڙيءَ ريت اسان جي ڏيءَ ناديہ آهي، اهڙي طرح سرمد بہ اسان جو پُٽ آهي. مجاهد سرمد کي پاڪر ۾ هٿي مٿي تي هٿ ڦيرائي، بشيران سان مخاطب ٿيندي چيو.

بشيران هڪ ماءُ جي ناتي پُٽ جي اولاد لاءِ سڪايل هئي، نہ رڳو بشيران پر ناديہ کي پڻ هڪ پاءُ جي پيار جي ڪمي هميشہ محسوس ٿيندي هئي. ڪيتري عرصي کان حقيقت ۾ ٻئي سرمد جي سلجهاڻپ ۽ اخلاق کان سهڻيءَ ريت واقف هيون، ان لاءِ اها ڳالهہ تہ سندن دل کي ڏاڍي وٺي ۽ بنهين سرمد کي وڏي محبت مان سڏ ڪري پنهنجي وچ ۾ ويهاري پيار ڏنو.

سرمد پندرهن ڏينهن کان پيءُ جي وڇوڙي ۾ جهري پيو هو. وري اڄ ساڻس پائرن ۽ پينرن ويڳاڻن وارو رويو رکندي گهر کان بي گهر ڪري ڇڏيو. پر اڄ مجاهد جي سچائيءَ، بشيران جي پاران هڪ ماءُ جو پيار ۽ ناديہ جي طرفان هڪ پيءُ جي پيار سندس سيبيئي ڏک ڏاکڙا ختم ڪري ڇڏيا. بس! سرمد کي پنهنجي والد قادر جي ڪمي محسوس ٿي رهي هئي.

مجاهد جو سهارو ۽ گهر ۾ وڏي سچائيءَ سان ملندڙ عزت جي ڪري اڇڪلهہ سرمد خوش گذاري رهيو هو. هڪ پاسي سرمد کي سچي پيار ۽ قرب جي ضرورت هئي، ٻئي پاسي مجاهد ۽ بشيران کي پُٽ جي ۽ ناديہ کي هڪ پاءُ جي ضرورت هئي، سرمد جي اچڻ کان پوءِ سيني جون اميدون پوريون ۽ خواب ساڀيان ٿي ويا. هاڻي سيبيئي گهر جا ياتي هڪ رت جي رشتي جيان سچائي، پيار، محبت، سهپ ۽ اخلاق جي دائري اندر هڪ خوشحال گهراڻي جيان زندگي گذاري رهيا هئا. وقت گذرندو ويو. سرمد ٻارهين درجي جو امتحان سٺن نمبرن سان پاس ڪيو.

سرمد اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪراچي وڃڻ جو ارادو ڪيو.

رات جو وقت هو. هڪ ڪمري ۾ مجاهد، سرمد ۽ بشيران دنيا جهان جون ڳالهيون ڪري رهيا هئا. بابا سائين ۽ امان اوهان سان هڪ عرض ڪرڻو آهي. سرمد وڏي ادب منجهان نماڻائيءَ واري انداز ۾ اجازت گهري.

ها پُٽ! ڳالهه ڪر، خير ته آهي؟ مجاهد ۽ بشيران ٻنهين منڊي آواز ۾ وراڻيو.

بابا سائين! جيڪڏهن اوهان اجازت ڏيو ته آءٌ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪراچي وڃان، سرمد گهبرائيندي نماڻائيءَ منجهه مجاهد پنهنجي دل جي ڳالهه مجاهد ۽ بشيران جي آڏو رکي.

پُٽ! تون جيترو چاهين تعليم حاصل ڪر، تو کي اسين نه روڪينداسين، پر ...! مجاهد خاموش ٿي ويو. پر پُٽ! تون رهندين ڪٿي؟ ماني ٽڪي، لٽو ڪپڑو ڏوئڻ، اهو سڀ پرديس ۾ تون ڪهڙيءَ ريت ڪندين؟. مجاهد جملو پورو ئي مس ڪيو ته بشيران يڪدم چيو، آءٌ پنهنجي ٻچڙي کي اڪيلو ڪڏهن به نه ڇڏيندیس. سرمد ڪراچيءَ ۾ ئي اعليٰ تعليم حاصل ڪندو. آءٌ سرمد سان گڏ ڪراچيءَ وڃي رهنديس. اهو ٿي نه ٿو سگهي جو اسين پنهنجي هانءَ جو ٽڪرو اڪيلو ڇڏي ڏيون. شبيران سرمد جي مٿي تي هٿ ڦيرائي پيار منجهان چيو.

ايتري ۾ نادیہ به اچي وئي، ڪهڙي ڪچهري ٿي هلي؟ ادا سرمد مون کي به ته خبر پوي. نادیہ سرمد جي پرسان ڪُرسيءَ تي ويهي پاڻ سان حجت واري انداز ۾ ڳالهايو. ڏيءَ اسان فيصلو ڪيو آهي ته سرمد اعليٰ تعليم لاءِ ڪراچي وڃي رهيو آهي ان ڪري آءٌ به ساڻس گڏ ويندیس ۽ تون هتي پيءُ سان گڏ هوندينءَ. بشيران نادیہ کي جواب ڏنو. ها بلڪل، امان آءٌ بابا جي خدمت لاءِ ڪافي آهيان، ادا سرمد پڙهي لکي وڏو آفيسر ٿئي، ان کان وڌيڪ اسان لاءِ ٻي خوشيءَ جي ڪهڙي ڳالهه. نادیہ خوشيءَ ۾ سيني سان مخاطب ٿي چيو.

مجاهد: مون کي به ڪو اعتراض نه آهي بلڪ اها ته خوشيءَ جي ڳالهه آهي، رهي ڳالهه منهنجي مون سان نادیہ هوندي. اوهان به ڏينهن

ترسو. آڻ افضل سان ڳالهايان، هو منهنجو پراڻو يار آهي، هاڻي ڪراچيءَ ۾ ٿو رهي، هن کي سڃو حوال ڏيانس ٿو. پوءِ ڏسان هو ڪهڙي مدد ٿو ڪري. ٻيو نہ تہ رهڻ جي جاءِ جو بندو بست تہ ڪندو. آڻ ٻہ اوهان سان گڏ هلندس، ڪراچيءَ ۾ ڪرائي جي گهر جو ٻلو ڪريءِ گهر جو استعمال ۾ ايندڙ سامان سڙو وڻي ڏئي پوءِ آڻ ءِ نادير واپس موٽي ايندا سين. سرمد کي دلي خوشي پهتي. ٻئي ڏينهن مجاهد، ڪراچيءَ واري دوست افضل سان فون تي رابطو ڪري ڪيس ٻڌايو.

افضل ڏاڍو خوش ٿيو، هن جاءِ ڪرائي تي ونڻائي ڏيڻ جي خاطري ڪئي. افضل ءِ مجاهد ننڍ پڻ ۾ هڪ ئي استاد وٽ درزڪو ڪم سِکيو هو. ٻئي گهاٽا يار هئا، ان ڪري هاڻي ٻہ هڪ ٻئي جي تمام گهڻي عزت ڪندا آهن.

ٻئي ڏينهن سيبيئي تيار ٿي، استيشن تي پهتا. مجاهد قطار ۾ بيهي ٽڪيٽون ورتيون، ريل 10 بجي اچڻي هئي. انتظار گاهہ ۾ ويجي ريل جي انتظار ۾ ويهي رهيا. سرمد اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جي خوشيءَ ۾ ڏاڍو خوش نظر اچي رهيو هو، نادير کي ياءُ جي ڀاڻي ڪراچي گهمڻ جو موقعو مليو تہ اُها ٻہ ڏاڍي خوش هئي.

وقت ٿي ويو ريل گاڏيءَ پري کان ئي هارن ڏيندي اچي پليٽ فارم تي پهتي، هي ٻہ پنهنجي بوگيءَ جو نمبر تلاش ڪري پنهنجي پنهنجي سيٽن تي ويهي رهيا. صبح 7 بجي ريل ڊرگ روڊ جي استيشن تي اچي بيٺي. ٽيڪسي ڪري سچل ڳوٺ ۾ افضل جي گهر پهتا.

افضل ءِ سندس گهر ياتين سيني جي تمام سهڻيءَ ريت مهمان نوازي ڪئي. افضل سچل ڳوٺ ۾ مسواڙتي هڪ ننڍي گهر جو انتظام ڪري ڇڏيو هو.

مغرب جي نماز مسجد ۾ پڙهي افضل، مجاهد ءِ سرمد دڪان تي ڪچهري ڪري رهيا هئا، افضل ءِ مجاهد وڏي عرصي کان پوءِ مليا هيا، سو ننڍ پڻ جون ڳالهيون ڏُهرائي خوش ٿي رهيا هئا، سرمد سندن حوالن مان انهن جي ننڍپڻ وارين حرڪتن کان واقف ٿي رهيو هو. ڪجهہ دير ۾ افضل جي دڪان تي طارق ءِ سليم اچي سرمد ءِ مجاهد سان مليا، خير

خيريت معلوم ڪري يونيورسٽيءَ جي داخلا بابت سرمد کي ٻڌايائون تہ داخلائون جاري آهن. ان سان گڏ داخلا ڊيارڪ ۾ سهڪار ڪرڻ جي خاطري ڪيائون. افضل خاص خور تي طارق ۽ سليم کي گهرايو ئي سرمد جي داخلا جي سلسلي ۾ هو. سليم ۽ طارق افضل جا پراٽا گراهڪ آهن. ٻئي هميشہ افضل کان ڪپڙا سبرائيندا رهندا آهن. ان ڪري افضل جي سڻي عزت ڪندا آهن. ٻئي ڏينهن سرمد، سليم ۽ طارق سان گڏجي يونيورسٽي ويو ۽ داخلا فارم پري جمع ڪرائي آيو. شام جو سپيئي پاتي پنهنجي مسواڙ واري جاءِ ۾ وڃي رهيا. سامان سڙو جيڪي ڪٽي آيا هئا سو عارضي طور سجائي رکيائون. وڌيڪ جنهن جنهن سامان جي ڪين ضرورت هئي اُهو ويجهو واري بازارين مان گهمي ڦري خريد ڪري آيا. ڪجهہ ڏينهن بعد مجاهد ۽ ناديہ ٻئي واپس ڳوٺ ويا. سرمد جي داخلا بہ يونيورسٽيءَ ۾ ٿي وئي، پرديس ۾ ڪنهن منزل تي پهچڻ لاءِ انسان کي محنت وڌيڪ ڪرڻي پوندي آهي ۽ هُو ڪشالا ڪيڙ سان ئي سرخرو ٿيندو آهي. سرمد افضل جي دڪان تي اڌ ڏينهن سلائي ڪري پنهنجو خرچ ڪيندو هو. سرمد کي سي، ايس، ايس ڪرڻ جو گهڻو شوق هو. وڏي محنت ڪندو هو. وڏي محنت ۽ جدوجهد ڪري سرمد پهرين پوزيشن سان گريجوئيشن جو امتحان پاس ڪيو. بشيران هر موڙ تي سندس ٻانهن ٻيلي هئي. ان عرصي دوران ڪڏهن مجاهد ملڻ لاءِ ايندو هو تہ وري موڪلن ۾ بشيران ۽ سرمد بہ ڳوٺ جو چڪر هڻي ايندا هئا. وقت جو ڦيٽو بهار جي موسم ۾ گلشن جي گسن تان خوبصورت رواني‌ءَ ساڻ، مينهوڳي‌ءَ ۾ بارن جي مست مستاني‌ءَ جيان ڦري رهيو هو.

سرمد کي سُڌ پئي تہ سي، ايس،ايس جا امتحاني فارم پرجي رهيا آهن. سو سرمد بہ الله جو نالو وٺي فارم پري چڏيو. ان ڏينهن کان مقابلي جي امتحان جي تياري‌ءَ جا جوهر ڏيکارڻ ۾ مست ٿي ويو. ڇا جو ڏينهن، ڇا جي رات، پرهہ ڦٽي پريات ۾ بہ سرمد ڪتابن ۾ ويڙهيو پيو هوندو هو. انهن ڏينهن ۾ تہ وري بشيران بہ خدمت جا رڪارڊ ٽوڙي چڏيا. هن ڪا ڪسر نہ چڏي. بشيران هڪ سڳي ماءُ جو ڪردار ادا ڪري اهو ثابت

ڪيو ته جيڪڏهن انسانن جون دليون صاف آهن ته پوءِ انسانن منجهه انسانيت جي سڳنڌ سان ماحول مهڪي پوي ٿو. سرمد به ڪنهن موڙ تي ۽ ڪنهن ڳالهه ۾ انسان ته ڇا پر پکي پکڙ کي به اهو محسوس ٿيڻ نه ڏنو ته اسان جي رشتي جي ڏور ڪهڙي ڏاڻءَ سان جڙيل آهي. اهڙي رشتي جي سچائيءَ آڏو سڳو ۽ ويڳو لفظ ڪا به حيثيت ۽ معنيٰ نه پيو رکي. مجاهد ڪجهه سال اڳ جيڪا ان رشتي جي ڳنڍ ڳنڍيي هئي، ان کي مضبوط ڪرڻ ۾ هر هڪ ڀاتيءَ پنهنجي پنهنجي سچائيءَ جو مظاهرو ڪري ايترو ته مضبوط ڪيو جو اها ڳنڍ خلوص ۽ سچائيءَ جي طاقت سان رت جي رشتن جيان مضبوط ٿي چڪي آهي.

سي، ايس، ايس جي امتحانن جي تاريخ جو اخبارن ۽ ٽيليويزن تي اعلان ڪيو ويو. لکت جي امتحان ۾ سرمد جو نالو پوري پاڪستان ۾ ٽئين نمبر تي آيو. سندس جذبا ويتر وڌي ويا، سرمد محنت ۽ جدوجهد جا ڏيئا مسلسل ٻاريندو رهيو. زباني امتحان جي تياريءَ لاءِ سرمد ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏي. نيٺ زباني امتحان ۾ پڻ سرمد جذبن جا جوهر ڏيکاري پنهنجو پاڻ مڃائي منزل مقصود ماڻي ڏيکاري. سرمد جو خواب نيٺ ساڀيان ٿيو. ۽ پوليس کاتي ۾ اي. ايس. پي طور پر تي ٿيو.

سرمد گهر اچي ماءُ جيجل جا پير چمي زندگيءَ جي وڏي ۾ وڏي خوشخبري کان آگاهه ڪيو سندس ماءُ جوهانءُ ٺري پيو.

بشيران خوشيءَ مان نه پئي ماپي، پُٽ کي سيني سان لائي دعائن جا ڍڳ ڪڍي سرمد جي جهوليءَ ۾ رکيائين.

سرمد فون ڪري مجاهد ۽ پيڻ ناديه کي به سُٽت ئي گهرائي ورتو. اهي به ڪراچيءَ پهچي ويا. سڀ گهر جا ڀاتي خوشيءَ مان نه پيا ماپن. گهر ۾ بهار جي موسم واريون ٽڏڙيون هوائون سيني جي ڏهنن کي سڪون بخشي رهيون هيون. هيءَ ڪاميابي حقيقت ۾ صرف سرمد جي نه بلڪ سيني گهر جي ڀاتين جي هئي.

سنگت ساٿ، پاڙيوارن ۽ مٽن مائٽن ۾ جيڪي ڪراچيءَ ۾ هئا مٺايون ورهايون ويون. هر پاسي کان مبارڪن جا پيغام اچي رهيا هئا.

ڪجهه ڏينهن ۾ سرمد کي ٽريننگ لاءِ ويڙهو هيو. رات جو پهر هو،

سڀ گھر جا ڀاتي هڪ ڪمري ۾ وينا آهن.

بابا سائين هڪ عرض ڪيان؟ پر اوهان کي مڇڻو پوندو. سرمد هٿ ٻڌي مجاهد کي فرمانبردار اولاد جيان عرض ڪيو.

جيءُ ڪيان پُٽ ڇا مون ڪڏهن تنهنجي ڳالهه ٽاري آهي، ڳالهه ڪر پُٽ، مجاهد فخر سان سرمد جا ٻئي هٿ هيٺ ڪري شفقت ڀري لفظن ۾ ڳالهه ڪرڻ جي اجازت ڏني.

بابا سائين اوهان ڪجهه سال اڳ پنهنجي گھر ۾ هڪ ٻوٽو پوکي ايتري عرصي تائين ان جي ڪڙمت ڪري اڄ ان کي ميوي دار ۽ ڇانوَ ڏيندڙ وڻ تيار ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر ناهي ڇڏي. بابا سائين اوهان ايڏي ته جدو جهد ڪئي جو لڦن منجهه هٿ جون لڪيرون به لِڪي ويون. وقت اڇي ويو آهي، هاڻي اوهان جي جدو جهد جي ڦل ملڻ جو. بس! هاڻي اوهان وڌيڪ محنت نه ڪندا. هاڻي هي اوهان جو ٻڇڙو اوهان جي خدمت ڪندو. بابا سائين آڳ سمجهان ٿو ته آڳ اوهان جي خدمت ۾ زندگي گذاري اڇو مٿو به ڪيان ته به اوهان جو مقابلو نه ڪري سگھندس.

بابا سائين ۽ جيجل مونکي اوهان جي خدمت ڪرڻ جو ڏاڍو دلي شوق آهي، امان مونکي پنهنجو فرض نيائڻ ڏيو، مون کي جواب نه ڏيو. سرمد پنهنجي جاءِ تان اٿي بيٺو، ٻيهر پيءُ ۽ امڙ آڏو هٿ ٻڌي نماڻو عرض ڪندي روئي ڏنو. بابا سائين اوهان جي خدمت ۽ اوجاڳن پارس جي پٿر جيان سرمد کي سون برابر ڪري ڇڏيو، اوهان جي قرب، پيار ۽ سهاري مونکي هڪ نئين زندگي بخشي. جيجل آڳ اوهان جي آڏو ٻالڪڙو آهيان، انسان خطا جو پتلو آهي جيڪڏهن خدمت ۾ ڪا ڪسر رهجي وڃي ته بابا سائين ۽ جيجل معاف ڪجو. بابا سائين آڳ کڻي به منزل ماڻيان، ڪيڏو به آفيسر ٿي وڃان پر آڳ زندگيءَ جي هر موڙ تي اوهان جي تربيت ۽ پيار جو محتاج ئي رهندس. جيجل دعا ڪر ته رب مونکي اوهان جي سني نموني خدمت ڪرڻ جي توفيق عطا ڪري ۽ اوهان جي پيار، محبت ۽ شفقت جي اوسيئڙي ۾ منهنجي باقي زندگي به گذري. سرمد هانءُ ڏاريندڙ پيار پريا لفظ چئي ماءُ جي پيرن تي هٿ رکي سڏڪن ۾ پئجي ويو. بشيران پنهنجي ٻچڙي جا جذبا ڏسي نه رهي سگھي ڪيس

پنهنجي سيني سان لائي هڏڙن سان لڙڪ اُگهي مٿو چمي پاڻ ۾ روئي ڏنو. سرمد جي لفظن تي مجاهد جون اکيون ۾ آليون ٿي ويون. ٻئي پاسي کان مجاهد ۽ سرمد کي سيني سان لاتو.

پُٽ سرمد! تنهنجي فرمانبرداري ۽ هر موڙ تي اسان جي خدمت سان اسان جي دل ۾ اهڙا ته گلاب جا گُل ڦڙيا انهن جي خوشبوء سان سيئي واسجي ويا سون. پٽ! جيئن تون چوندين ائين ئي ٿيندو. تون پنهنجي خواهش پوري ڪر. مجاهد سرمد کي وڏي پيار منجهان پنهنجي خواهش پوري ڪرڻ جي تسلي ڏني.

بابا سائين بس! هاڻي اوهان درزڪو ڪم ڇڏي ڪراچي اچو. هتي اسين پنهنجي جاءِ ونندا سين. منهنجي پگهار مان اسين سڀ خوشحال طريقي سان زندگي گذاري سگهنداسين. سرمد وڏي فخر ۽ خوشيءَ منجهان چيو.

پُٽ! جنهن ۾ تون راضي، آءٌ تنهنجي خواهش جو قدر ڪندي ائين ئي ڪندس. مجاهد، سرمد کي سيني سان لائي اکيون اکين سان ملائي پيار منجهان اجازت ڏني.

اٽپوري خواهش

ٻہ ڊگھيون قطارون، ھڪ قطار ۾ شاگردن جي ڀيڙ تہ ٻيءَ ۾ شاگرديائٽيون پنھنجي واريءَ جو انتظار ڪري رھيون ھيون، گرمي ايتري جو سيئي پگھر ۾ ٻڏل ھئا. شاگرديائٽيون ٿوري ٿوري دير ۾ رئي جي ڪُنڊ سان مُنھن تان پگھر اگھي رھيون ھيون. سرڪاري ٻئنڪ جي آھستگيءَ سان ڪم ڪرڻ واري انسانيت کان ٻاھر ۽ بد اخلاقيت واري عمل جي ڪري شاگرديائٽيون چپن سان مڙ مڙ ٻہ ڪري رھيون ھيون، پر مجبوريءَ جي ڪري ڪجھ ڪري ٻہ نہ پيون سگھن، ڇاڪاڻ تہ ڪاليجن ۽ يونيورسٽين يا سرڪاري ادارن ۾ في يا ڪا ٻہ رقم جمع ڪرائڻ لاءِ ھر صورت ۾ ڪنھن نہ ڪنھن سرڪاري ٻئنڪ جي عملي جي بد اخلاقي برداشت ڪرڻي پوندي آھي، اھا حقيقت آھي تہ انھن کي مٿي ۾ ڪڏھن ڪڏھن ڪو مٿي ڦريل اھڙو تہ ٽڪرائجي ويندو آھي جو اڳيون پويون ڪسرون برابر ٽي ويندين آھن ۽ اھو ٻئنڪ جو عملو ڪيتري دير تائين پيو ڪياڙي ڪنندو رھندو آھي. ڇوڪرا ھڪ ٻئي سان احوال ڪري ھڪ ٻئي کي پنھنجو تعارف ڪرائي وقت کي ڏڪو ڏئي رھيا ھئا، گرمي شاگردن کي ٻہ بي حال ڪري ڇڏيو ھو. انھن جي ھٿ ۾ ڪنھن کي رومال ھو تہ ڪنھن وٽ ٽشو پيپر ھئا، ڪري تہ اُھي ٻہ ڪجھ نہ پيا سگھن. اڄ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا جي آخري تاريخ آھي. گھٽي قدر ماڻھن جي اھا پراڻي رسم آھي تہ ھر ڪم تڏھن يا ڏاينڊو آھي جڏھن ڏيڳڙو دم تي ھوندو آھي. ھوڏانھن سرڪاري ٻئنڪ جو عملو ٻہ من مانيءَ سان ائين ڪم ڪري رھيو ھو جيئن ڪنھن ڳوٺ جي ڏڻن ڏِکن يا ٽر جي پيچرن تان ڪا ڏاند گاڏي ھلي رھي ھوندي آھي. وسيم ٻہ ان قطار ۾ ٻين شاگردن جيان انتظار جي بٿيءَ ۾ پجري رھيو ھو.

وسيم هڪ غريب گهراٽي سان تعلق رکندڙ پنهنجي محنت پاڻ جي تحت زندگي گذارينڊڙ بجليءَ جي ڪم جو ڪاريگر. محنت ڪري علم حاصل ڪرڻ واروبا شعور نوجوان هو.

انتظار جا ڏونگر ڏاري نيٺ منزل تي وڃي پَير کپيا. وسيم جو نمبر آيو. وسيم پنهنجا سرٽيفڪيٽ، چالان فارم ۾ هڪ هزار روپيه بئنڪ جي ديوار ۾ ننڍڙي دريءَ مان هٿ ٽپائي ڪيشيئر کي ڏنا. ڇوڪرا هنن ۾ پنجاهه روپيه گهٽ آهن 1000 روپيه داخلا في ۾ 50 روپيه لائبريري جا، جلدي ڪر 50 روپيه ڏي. ڪيشيئر وسيم کي بداخلاقي واري انداز ۾ چيو.

وسيم اوچتو اها ڳالهه ٻڌي اچرج ۾ پئجي ويو. هڪ ٽه گرميءَ جي حالت ۾ جبل جيڏو گس اورانگهي اچي چوٽيءَ چڙهيو ته جبل اهڙو جو نه مٽس وڙ ۾ نه مٽس پاڻيءَ جو ڪو قطرو، ڳٽتيءَ ۾ ڳلوبه خشڪ ٿي ويس.

وسيم وٽ داخلا جي في لاءِ اڳوات کيل 800 روپيه هئا، 220 روپيه هڪ درزي دوست کان هڪ هفتي جي رکت تي ونڻي يونيورسٽيءَ آيو هو پر اوچتو وڌيڪ پنجاهه روپين جي ڳالهه سندس حواسن جو ڪم لاهي ڇڏيو. 2 ڪلاڪ مسلسل گرميءَ جي پيڙ ۾ انتظار ڪرڻ بعد نمبر اچڻ تي پنجاهه جي حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه ۾ وري ڪيشيئر جي بد اخلاقي واري انداز وسيم جي جسم جواڏ ساهه ڪڍ ڇڏيو.

هي پنهنجو فائل ۾ رقم واپس وٺ، اسان جو وقت برباد نه ڪر پويان ٻيا به ڪيترائي شاگرد انتظار ۾ بينا آهن. ڪيشيئر وسيم کي ڪاوڙ ۾ چڙب ڏئي فائل ۾ رقم واپس ڏيندي چيو.

وسيم آسرو پلي، لاچار ٿي پنهنجو فائل واپس ونڻ لاءِ جيئن ئي هٿ وڌايو ته برابر واري دريءَ مان جنهن ۾ چوڪريون قطار ۾ بيهي في جمع ڪرائي رهيون هيون، ان وقت وسيم سان گڏ جنهن چوڪريءَ جو نمبر آيل هو، ان يڪدم پنهنجي مُٺ مان پنجاهه روپيه ڏار ڪري چوڪرن کان في جمع ڪرڻ واري ڪيشيئر کي سڏ ڪري پنجاهه روپيه هٿ ۾ ڏيندي چيائينس ته هي ادا ان چوڪري جا باقي پنجاهه روپيه ونو. ادا ان چوڪري کي موتائڻ جي ڪا به ضرورت نه آهي. هيڏا ڪشالا

ڪيڙ کان پوءِ وڌين مشڪلن کان پوءِ وڃي نمبر آيو اٽس، وري خسيس پنجاهه روپين جي ڪري موتي وڃي اها سڻي ڳالهه نه آهي.

ڪيشيئر ان ڇوڪريءَ کان پنجاهه روپيه ونڻي، وسيم جا سرٽيفڪيٽ ۽ پئسا واپس پنهنجي ٽيبل تي رکي رجسٽر ۾ نالو درج ڪري سندس رسيد ٺاهڻ لڳو. وسيم، ان ڇوڪريءَ جو انسانيت ۽ احساس وارو اخلاق ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو. ڪيس نظرون چورائي نماڻين نظرن سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ان ڇوڪريءَ جي اوچتو ساڻس مدد واري رويي کان پوءِ وسيم وٽ اُهي لفظ نه هئا جو چئي سندس ٿورو مڃي ها. ان وقت حيرت ۾ وسيم ان ڇوڪريءَ جي اوچتو واري احسان ۾ اهڙيءَ ريت ڊٻجي ويو جو ڪنڌ ڪٽي مهرباني چوڻ جي به همٿ نه ٿيس. ان اڻڄاڻ ۽ سهڻيءَ سيرت جي مالڪ ڇوڪريءَ انسانيت جي ناتي وسيم جي مدد ڪري اهو ثبوت پيش ڪيو ته دنيا ۾ اڃا به ڇڳا انسان موجود آهن. وسيم انهن خيالن جي ڪن ۾ ٻڌل هو ته اوچتو سندس ڪنن تي آواز پيو.

هيءَ رسيد وٺ ۽ ٻئي شاگرد کي موقعو ڏي. ڪيشيئر ڪُتن لفظن ۾ وسيم سان ڳالهايو ۽ ڪيس رسيد دريءَ ويجهو ٽيبل تي اڇلائي ڏني.

ان آواز تي وسيم جيئن ئي هوش ۾ آيو ته ٽيبل تان پنهنجي رسيد ڪٽي ڇوڪرين واري قطار ۾ جيئن نهاريائين ته اهاڇوڪري پنهنجي في جمع ڪرائي ائين هلي وئي، جيئن سانوڻ جي موسم ۾ آسمان تان ڪنوڻ ڇمڪو ڏئي وسامي ويندي آهي.

وسيم رسيد ونڻي قطار کان ٻاهر نڪري، اڳتي وڃي هڪ وڻ کي ٽيڪ ڏئي اڻڄاتل ڇوڪريءَ جي ساڻس مهرباني‌ءَ واري ڳالهه تي سوچيندو رهيو. شديد گرميءَ جي ڪري سندس لڳ ساٽا ٽي پيا. نيٺ سوچن جي ڄار مان پنهنجو پاڻ ڇڏائي گهر ڏانهن روانو ٿيو.

اٽندي، ويهندي، ڪائيندي، پيئندي، هر ڪم ۾ وسيم جي ذهن تي صرف اها ڳالهه تاري هئي ته هي سڀ ڪجهه ڪيئن ٿي ويو. جنهن منهنجي ايڏي وڏي مدد ڪئي، آءٌ ڪيس مهرباني به نه چئي سگهيس، هو ڇا سوچيندي هوندي ته ڪم ظرف انسان سان پلائي ڳيم. جنهن ٿورو

مڃڻ ۾ پسند نه ڪيو.

پنج ڏينهن مسلسل وسيم جي ذهن مٿان مهرباني ڇوڙ واري حسرت جا پکي ڦيرا ڏئي رهيا هئا. وسيم ان حقيقت کان نڪورو نا واقف هو ته مون يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ته پڙهڻ لاءِ ورتي آهي پر ڪهڙي خبر ته هو مستقبل جي ريشمي سُٽ جي جهنجهريل ڏاڪڻ جيان زندگيءَ ۾ جهنجهوڙجي ويندو. ان اٽڄاڻ ڇوڪريءَ جي مون ساڻ پلائي منهنجي زندگيءَ جي ڦيٽي جو رُخ ڪهڙي منزل ڏانهن موڙي ڇڏيندي؟ مون ڪهڙي مقصد لاءِ يونيورسٽي ۾ داخلا ورتي آهي پر منهنجي مقصدن کي عشق جي اُڌهي ڪهڙيءَ ريت اندر ئي اندر ۾ ڪمزور ڪري پورا پورا ڪري ڇڏيندي؟ ان جو اندازو وسيم کي نه هو. وسيم هڪ سادو سڀاجهڙو انسان لڳاتار پنج ڏينهن ڪارن ڪرن منجهه لِڪيل چند جيان دنيا کان بي خبر خيالن ۾ گم رهيو.

سومر جو ڏينهن، نون آيل شاگردن جو پهريون ڏينهن هو. وسيم به صبح جو سهي سنبري يونيورسٽي پهتو. نون آيل شاگردن جي پليڪار لاءِ يونيورسٽي ۾ ڊپارٽمنٽ جي مک دروازن تي شاگردن کي پليڪار ڪرڻ جا وڏا وڏا بينر ٽنگيل هئا. نوان آيل سيئي شاگرد خوشيءَ منجهان پنهنجي پنهنجي ڪلاسن ۾ وڃي ويهي رهيا، اها انساني فطرت آهي ته زندگيءَ ۾ ڪنهن به ڪم شروعات ۾ انسان جي جذبن ۾ سچائي، ڏڙتي، اڻتي وڌڻ جي انتها ۾ نمايان ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي خواهش نمايان نظر ايندي آهي پر ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اهي جذبا ائين ختم ٿي ويندا آهن، جيئن ڪنهن گهر ۾ ڪنديءَ جي لڳل بجلي جي جهٽڪن ٿي بلب جو فيوز اُڏامي ويندو آهي ۽ اهو بلب پوءِ خوبصورت ته نظر ايندو آهي، پر اهو ڪنهن ڪم جو ناهي رهندو.

وسيم به پنهنجي ڪلاس ۾ وڃي ڪلاس جي رکيل ڪرسين ۾ ٽيون نمبر واري قطار ۾ هڪ ڪُرسيءَ تي ويهي رهيو هر ڪو شاگرد هڪ ٻئي کي پنهنجو تعارف ڪرائي رهيو هو. سيني جون نظرون ڪلاس روم جي اڳيان واري دروازي ۾ ڪپيل هيون ته ڪهڙي وقت پروفيسر صاحب ايندو.

پروفيسر صاحب وقت مطابق ڪلاس روم ۾ پهتو. سڀني شاگردن پهرين ڏينهن جي عظيم جذبن مطابق وڏي ادب منجهان اُٺي بيهي سلام ڪيو.

منهنجو نالو پروفيسر برڪت گل آهي، آءٌ اوهان کي ڪمپيوٽر جو سبجيڪٽ پڙهائيندس. پروفيسر صاحب وڏي ادب ۽ اخلاق سان سڀني شاگردن کي سلام جو جواب ڏئي پليڪار ڪندي پنهنجو تعارف پڻ ڪرايو.

پروفيسر برڪت گل بورڊ مارڪر سان بورڊ تي عنوان لکڻ شروع ڪيو تہ ڪلاس روم جي اڳيان واري دروازي تي ٻن چوڪرين اچي ڪلاس ۾ اندر اچڻ جي اجازت گهري. انهن ٻنهين چوڪرين جي دير سان ڪلاس ۾ اندر اچڻ تي ڪلاس ۾ ويٺل مڙني شاگردن جون نظرون انهن ڏانهن ڦري ويون. وسيم جيئن ئي ڪنڌ ڪٽي انهن ڏانهن نهاريو تہ انهن ٻن ۾ هڪ اُها ئي چوڪري هئي جنهن ساڻس ڪجهہ ڏينهن اڳ في واري معاملي ۾ مدد ڪئي هئي.

ٻئي چوڪريون ڪلاس ۾ پهرين صف ۾ چوڪرين واري قطار ۾ خالي پيل ڪُرسين تي ويهي رهيون.

ليڪچر شروع ڪيو ويو. مڙني شاگردن جا تازه تازه جذبا هئا. پوري توجہ ۽ شوق سان هر ڪو ليڪچر سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

وسيم جنهن خواهش ۽ جذبن جي بنياد تي يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتي هئي، اڄ پهرين ڏينهن ئي ان وسيم جا جذبا اوچتو هوا جي گهلڻ سان واريءَ تي نهيل گهر جي ڀڻ ڪان پوءِ ٻيو روپ اختيار ڪرڻ واري عمل جيان ڪنهن گهري سوچ ڏانهن تبديل ٿي چڪا آهن. پروفيسر صاحب جو ليڪچر پورو ٿيو. سڀئي ڪلاس روم مان نڪري هيڏانهن هوڏانهن هليا ويا. چاڪاڻ تہ ٻيون پيريڊ خالي هو. وري ٽئين پيريڊ ۾ ڪين ڪلاس روم ۾ اچڻو هو. وسيم ان وقت پنهنجي ڪُرسيءَ تان اُٺيو. جنهن وقت اُها شاگرد ياڻي اُٺي ڪلاس روم کان ٻاهر نڪتي.

وسيم بغل ۾ ٽيلهو لڙڪائي، تڪڙا تڪڙا قدم کڻندو ويجي ان جي

پرسان ٻيٺو.

ايڪس ڪيوز مي! جيڪڏهن اوهان ناراض نه ٿيو. اوهان سان ڪجهه ڳالهائڻو آهي. وسيم تڪڙا تڪڙا قدم کڻڻ سبب سهڪي رهيو هو. سهڪندي ان چوڪريءَ جي آڏو اچي چهري تي معصوميت سجائي ڳالهائڻ جو عرض ڪيو.

اوهان؟ اوهان ڪهڙي ڊپارٽمنٽ ۾ آهيو؟ ان ڏينهن اوهان ڏاڍا گهبرايل هئا، خير منهنجو نالو اريبہ آهي، مون ڪمپيوٽر ڊپارٽمنٽ ۾ داخلا ورتي آهي. ان ڏينهن اوهان جي چهري تي معصوميت ۽ نماڻائي هڪ باشعور شخصيت ۽ خانداني انسان هئڻ جو ثبوت پيش ڪري رهي هئي. ان لاءِ مون اوهان جي مدد ڪرڻ بهتر سمجهيو. الا ساري، اوهان کي مون سان ڪجهه ڳالهائڻو هو. جي حڪم ڪيو ۽ ها، اوهان بہ ته پنهنجو تعارف ڪرايو. اريبہ پنهنجائپ واري انداز ۾ بي تڪلف ٿي ڳالهايو.

منهنجو نالو وسيم آهي. منهنجو ٻيو ڪو بہ ڪم نه آهي، بس آڻڻ اوهان جو ٿورو مجيندي اوهان کي ٽئنڪ يو چوڻ لاءِ آيو آهيان. بي ڳالهه ته اريبہ آڻڻ ان ڏينهن پريشان هجڻ سبب اوهان کي ٽئنڪ يو نه چئي سگهيس، جڏهن ته منهنجو فرض هو ته آڻڻ ان ڏينهن ئي اوهان جو شڪريو ادا ڪيان ها، پر تمام گهٽي معذرت. ان ڏينهن اوهان مون تي وڏو احسان ڪري ڇڏيو، جيڪو آڻڻ لاهي ته نه سگهندس، پر ها ڳائيندس ضرور. حقيقت پُڇو ته ان ڏينهن جيڪڏهن اوهان منهنجي مدد نه ڪريو ها ته هن سال بہ منهنجي داخلا نه ٿي سگهي ها. وسيم ڪنڌ هيٺ ڪري عاجزانہ انداز ۾ اريبہ سان مخاطب ٿيو.

هن سال بہ؟ ڇا مطلب، ڇا اوهان جي داخلا گذريل سال نه ٿي سگهي هئي؟ اريبہ ٿورڙي تيز آواز ۾ حيران ٿيندي وسيم کان سبب معلوم ڪرڻ چاهيو. جي ها اريبہ، ان وقت مون وٽ داخلا في گڏ ٽيل نه هئي، جنهن ڪري گذريل سال آڻڻ رهجي ويُس. وسيم اريبہ کي پنهنجو هڏ ڏوکي سمجهندي پنهنجي مجبوري ٻڌائي.

بهرحال، هر شيءَ جو هڪ وقت مقرر آهي. هن سال اوهان ڪهڙي

ڊپارٽمنٽ ۾ داخلا ورتي آهي؟ اهو ته ٻڌايو؟ اريبہ، وسيم کان پڇيو.

منهنجي داخلا پٽ ڪمپيوٽر سائنس ۾ ئي ٿي آهي. ڪلاس ۾ اوهان جي ڪُرسيءَ جي پويان ئي وينو هيُس. وسيم وراڻيو.

الا! واهہ واهہ، ان جو مطلب ته اسين ڪلاس فيلو به آهيون، اها ته ڏاڍي خوشيءَ جي ڳالهہ آهي. اريبہ رڙ ڪندي خوشيءَ منجهان وسيم کي اهڙيءَ طرح جواب ڏنو. جيئن ڪا زندگيءَ جي وڏي خوشخبري ملي هُجيس.

اريبہ! اهو ٻڌايو اوهان کي هن وقت ڪو ضروري ڪم ته نہ آهي؟

وسيم! نہ نہ بلڪل نہ پهريون ڏينهن آهي مونکي وري ڪهڙا ڏونگر ڏارڻا آهن. اوهان حڪم ڪريو؟ وسيم مؤبانہ انداز ۾ چيو.

اهو حڪم وري چا ٿيندو آهي؟ دوستيءَ ۾ ڪو به حڪم نہ هوندو آهي. دوستيءَ ۾ ته هجت هلندي آهي. اريبہ مُنهن خراب ڪندي ناراضگيءَ وارو انداز اختيار ڪندي چيو.

وسيم پنهنجا ٻئي هٿ ڪنن تي رکي چيو ايڇا بابا غلطي معاف آئيندہ اهڙي غلطي نہ ڪندس.

ٺيڪ ته پوءِ اڄ منهنجي پاران ڪولڊ ڊرنڪ ٿي وڃي؟ اريبہ چيو جيڪا اوهان جي رضا. وسيم خوشيءَ ۾ اريبہ کي ڪينٽين ڏانهن هلڻ لاءِ هٿ جو اشارو ڪيو ۽ ٻئي ڪينٽين ڏانهن هليا ويا. ڪولڊ ڊرنڪ پيئڻ سان گڏ هڪ ٻئي سان حال احوال ڪندي پيريڊ جو وقت ٿي ويو. ٻئي ڪلاس روم ۾ اچي وينا.

يونيورسٽيءَ ۾ پهرين ڏينهن تي ئي اريبہ ۽ وسيم جي گڏ گهمڻ، ڪينٽين تي گڏجي ڪولڊ ڊرنڪ پيئڻ ۽ گڏجي ڪلاس روم ۾ داخل ٿيڻ واري عمل تي سندن هم ڪلاسي حيرت ۾ هئا ته هي پاڻ ۾ سوٽ، ماسات آهن يا پاڻيسري آهن؟ جيڏا مُنهن اوتريون ڳالهيون. هر ڪو پنهنجي حساب سان سوچي رهيو هو پر اها حقيقت هئي ته هر هڪ جي توجہ اريبہ ۽ وسيم جي پاسي هئي. پر وسيم ۽ اريبہ تمام خوش هئا.

هاڻي روزانو جو معمول ٿي ويو ته يونيورسٽيءَ ۾ فري پيريڊ دوران اريبہ ۽ وسيم ڪينٽين تي ڪولڊ ڊرنڪ يا چانهہ پيئندا هئا. ڪلاس ۾

بہ هڪ ٻئي جي پر واري ڪُرسيءَ تي ويهندا هئا.

وسيم حيدرآباد کان يونيورسٽي جي پوائنٽ تي ايندو هو. اريبہ سيوهڙ کان پنهنجي ڪار ۾ ايندي هئي. اريبہ جو والد پوليس کاتي ۾ ڊي، ايس، پي هو.

وقت گذرڻ سان اريبہ ۽ وسيم هڪ ٻئي جي خانداني ڄاڻ کان سهڻيءَ ريت واقف ٿي چڪا هئا. اريبہ کي، وسيم جي هنر مند هجڻ ۽ پنهنجي محنت پاڻ تحت اڳتي وڌڻ واري جذبي تي وڏو ناز هو. هڪ ٻئي جي دل ۾ محبت جو ٻوٽو پنهنجا گونچ ڪيڻ لڳو. محبت جي ٻوٽي جي تازن تازن ننڍڙن، سُهڻن، پيارن ۽ ساون پنن جي خوبصورتي ۽ سرهاڻ ٻنهين جي روح کي راحت بخشي رهي هئي. هر وقت هڪ ٻئي جي تات ۾ ٻڌل رهندا هئا. هڪ ٻئي جي من ۾ سچائي، محبت ۽ خلوص جا گل آهستي آهستي ٽڙندا رهيا.

محبتن جي گلن جي واکاڻ سان ٻنهين جون دليون ائين تہ واسجي ويون جو هاڻي اريبہ پهريون وسيم کي حيدرآباد تائين پنهنجي گاڏيءَ ۾ چڙي، پوءِ پنهنجي گهر سيوهڙ ڏانهن رُخ ڪندي هئي.

ايترو وقت هڪ ٻئي سان گڏ هجڻ باوجود بہ شام جي پهر هڪ ٻئي کان ڏار ٿيڻ وقت هڪ پاسي شفق آفتاب جو منظر تہ ٻئي پاسي سندن ڇهرن تي ڪجهہ پل جي جدائيءَ جي مايوسيءَ سبب اکين آڏو اونداهہ دلين ۾ محبت جي سچائيءَ جو ثبوت پيش ڪري رهيو هو. وسيم ۽ اريبہ جي حالت ٻئي ڏينهن صبح تائين سَرءَ جي مند ۾ تتل اُس ۾ بينل پن ڇٽيل ڪنهن وڻ جيان ٿي ويندي هئي. ٿر جي ٿوهر جيان ڪنڊَن پريل جسم، اداس جيون، حياتيءَ ۾ جون جولاءِ جي نٽهڻ اُس ۾ باهہ جا ڪرندڙ اولا محسوس ڪندي، رات جا بہ پهر بہ پاسا بدلائيندي نيٽن ۾ هڪ ٻئي جو عڪس سمائيندي، مستقبل جي سونهري خوابن جي ساڃيان ٿيڻ جي اميد تي ۽ دل کي صبح جو ٻيهر ملڻ جي آٽت ڏيندي گذرندا هئا. نيٺ صبح جو سِجُ هلڪي هلڪي روشنيءَ جي ڪرڻن سان رات جي اداسيءَ واري اوندهہ کي شڪست ڏئي دنيا کي روشن ڪيو. شفق آفتاب جي آڪاش تي چانيل ڳاڙهاڻ ٻنهين جي من اندر بهار جي تڏڙي هير گهلائي

دل کي سُکون پهچائي ڇڏيو. اها حقيقت آهي ته جڏهن زندگيءَ ۾ خوشين جا در کليل هوندا آهن ته هر پاسي کان ڏکڻ جي هير جهڙيون هوائون گهلندي محسوس ٿيندیون آهن. زندگي بهار جي مند جي دلکش نظارن جيان پر لطف ٿي ويندي آهي. خيالن، سوچن ۽ نگاهن ۾، هر پيچري، هر واٽ تي ساوڪ ئي ساوڪ نظر ايندي آهي.

وقت جي گهڙيال جو ڪانٽو ڦرندو رهيو. ڪا خبر ئي نه پئي ڪل، خوشيءَ ۾ ٿي سيمسٽر گذري ويا. آخري سيمسٽر جا امتحان ٿيڻ وارا هئا، سيئي شاگردَ فائنل جي امتحانن جي تياريءَ ۾ رُڌل هئا. جن شاگردن جي پوزيشن اچڻ جا امڪان هئا، انهن پيپرن جي تياريءَ ۾ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيو هو. وسيم ۽ اريبہ واري پريت جي پيچ پائڻ کان شاگرد واقف هئا. ڪجهہ ڏينهن کان وسيم جو چهرو ڪنهن شاعر جي ڀائريءَ ۾ وڏي عرصي کان رکيل گلاب جي گل جيان ڪوماتيل ۽ بي رونق هو. ان بي چينيءَ جا ڪرٽا اريبہ جي دل ۽ سندس جذبن کي اُداس ۽ ڪمزور ڪري رهيا هئا. نيٺ اريبہ، وسيم کي ڪلاس ۾ پڙهڻ بدران يونيورسٽيءَ جي ڪينٽين ڏانهن وٺي وئي. وسيم کان اداسي جو ڪارڻ پڇڻ چاهيو.

وسيم چا ڀَالهہ آهي؟ اڄ ڪلهہ تون اُداس، منجهيل ۽ پريشان ٿو نظر اچين، تون هميشہ پنهنجي دل جي ڀَالهہ يا پريشاني مون سان ضرور وندبيندو آهين، پر ڪجهہ ڏينهن کان تون اداس هجڻ باوجود مون سان ڏک نہ ٿو وندبين. وسيم اسين هڪ رستي تي هلندڙ هڪ انسان جا ٻہ پاڇا آهيون. تنهنجي چهري تي مُرڪ ڏسي منهنجي جيون ۾ بهار جون ٽڏڙيون هوائون گهلي پونديون آهن ۽ منهنجي مرڪڻ سان تنهنجو جيون عدن جيان ڀهڪندو نظر ايندو آهي. پوءِ اڄ ڪلهہ ائين ڇو؟ اريبہ پنهنجي دل جا جذبا لفظن جي صورت ۾ وسيم آڏو پيش ڪندي حقيقت معلوم ڪرڻ چاهي.

آءٌ چا ڪيان اريبہ، آءٌ نہ ٿو چاهيان ته پنهنجي ڪُلهن تي آيل ڀَٽڻين جا شهتير تنهنجي ڪُلهن تي رکي تو کي بہ اُداس ڪيان. آءٌ پاڻ ته اُداسي جي آڙاهہ ۾ سڙان پيو پر تون بہ مون سان گڏ سڙين آءٌ اهو برداشت ڪري نہ سگهندس. پر تنهنجي ڀَالهين ان حقيقت کي واضح

ڪري ڇڏيو تہ ان اُداسيءَ جو وزن تنهنجي مٿان بہ آهي. اربيہ اسين هڪ ٻئي جي اداس جذبن کي جڏهن پرکي ئي ورتو آهي تہ پوءِ ڇونہ ڪو حل ڳولهڻ گهرجي.

اربيہ آءٌ هڪ غريب گهراٽي سان تعلق ٿو رکان. بجليءَ جو ڪم ڪري گهر ۾ تعليم جو خرچ پورو ٿو ڪريان. اوهان جو تعلق هڪ شاهوڪار گهراٽي سان آهي. گهر ۾ هر قسم جي آسائش موجود آهي. تون بہ ڄاڻين ٿي تہ ڪجهہ ڏينهن ۾ امتحان ٿيندا، امتحانن کان پوءِ اسين هڪ ٻئي کان سواءِ نہ رهي سگهندا سين، منهنجي جسم ۾ تنهنجو ۽ تنهنجي جسم ۾ منهنجو روح سمائجي چڪو آهي. اربيہ مون ڪيترائي ڀيرا پنهنجي گهر وارن کي پنهنجي رشتي لاءِ راضي ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي پر منهنجي گهر جا ياتي اسان جي معاشري جي ناهيل فالتو ۽ نفرتون ڦهلائيندڙ رسم ۽ رواج پٽاندڙ اميري ۽ غريبي جي ذهني فرق ۽ نفرتن سبب اوهان جي گهر رشتو ڪٽي اڇڻ جي حامي ٻرڻ لاءِ بہ تيار نہ آهن. اربيہ ان ڳٽتيءَ منهنجي دل کي گهاءَ ڏئي ڇڏيا آهن. اربيہ جي لفظن سان وسيم جي جذبن ۾ همت پيدا ٿي وئي ۽ وسيم ڳالهہ کي ٻيهر جاري رکندي پنهنجي دل جي ڳالهہ ٻڌائي دل ۽ ذهن تان وزن هلڪو ڪيو. اربيہ ڏينهن جي روشني، هجڻ باوجود مونکي هر پاسي اوندهہ ٿي محسوس ٿئي. رات جو تارن جي روشني ۽ چنڊ جي چانڊاڻ هاڻي تہ منهنجي اکين ۾ چيڙ لڳي آهي. تو منهنجي اندر ۾ جهاتي پائي، دل ۾ ٻرندڙ آڳاهہ جو اندازو ڪيو تہ آءٌ ڪهڙيءَ ريت هڪ پتنگ جيان سڙي رهيو آهيان. هاڻي تون ئي مونکي ٻڌاءِ تہ آءٌ ان آڳاهہ ۾ سڙي ٻسر ٿي وڃان يا تون مونکي ان باهہ مان ڪڍي، جيئن ٿر ۾ وسندڙ سانوڻ جو مِينهن ٿر جي انسانن، جانورن ۽ پکي پکڙ جي زندگيءَ ۾ خوشحالي پيدا ڪري ڇڏيندو آهي. هر پاسي ساوڪ ئي ساوڪ ۽ خوشگوار ماحول نظر اچي رهيو هوندو آهي. مونکي پيار جي اوسيئڙي ۾ همت ۽ حوصلي جي طاقت سان طاقتور ڪري ان آڳاهہ مان ڪڍڻ جي سگهہ بخشي سگهين ٿي.

وسيم تو ايترو جلدي نا اميدي جي چادر ڇو ويڙهي آهي؟ ڇا جي

لاءِ تون پنهنجي پيار کي مايوسين جي دلدل ۾ ٻڏندو ٿو ڏسين؟ ڇا تو کي منهنجي مٿان يقين نہ آهي؟ ڇا تون مون کان سواءِ نہ رهي سگهندين تہ آءٌ تون کان سواءِ رهي سگهنديس؟ جڏهن آءٌ تو سان گڏ آهيان، آءٌ مرڻ گهڙيءَ تائين تنهنجي آهيان ۽ تنهنجي ئي رهنديس. مونکي تنهنجي مٿان يقين آهي تہ تون بہ منهنجي مٿان يقين رک تہ اسين هڪ ٻئي کان سواءِ ڪو بہ اهڙو قدم نہ کڻنداسين. پوءِ تون ڇا لاءِ وسوسن جي ڪاري ڪُن ۾ غوطا پيو کائين؟ اربيہ ناراضگي ۽ افسوس جو اظهار ڪرڻ سان گڏ وسيم جا حوصلا بلند ڪيا. ۽ هميشہ گڏ رهڻ جو دلاسو ڏنو.

تنهنجا والدين ان رشتي کان انڪار تہ نہ ڪندا؟ وسيم ٻيهر دل کي آٿت ڏيڻ لاءِ اربيہ کان پڇيو. مونکي يقين آهي تہ منهنجي امڙ ۽ بابا منهنجي ڀَالهہ نہ تارينداَ. اربيہ خود اعتماديءَ سان وسيم جي هٿ مٿان هٿ رکي تسلي ڏيندي وراٽيو.

آءٌ اوهان جي گهر پنهنجي هڪ دوست جي والدين کي رشتي لاءِ موڪلينداس، تون پنهنجي امي ۽ ابو کي حقيقت کان آگاهہ ڪري ڇڏجانءِ تہ وسيم جو پيءُ ۽ والده ساده ۽ ڳوٺاڻا ماڻهو آهن، کين مٺي مائٽي يا رشتن جي ڀَالهين ڪرڻ جو ڏاڻءُ ڪونهي، ان ڪري سندس دوست جي امڙ ۽ والد رشتي لاءِ ايندا. رهي ڀَالهہ مٺائيءَ جي ان وقت اُهي ساڻ گڏ ڪٽي ايندا. وسيم، اربيہ کي پوري ڀَالهہ سمجهائي.

تون فڪر نہ ڪر، امتحان ٽي وڃن، پوءِ تون جنهن کي بہ موڪلڻ چاهين، موڪلجانءِ. باقي سڄو ڪم آءٌ پاڻ سنياليندس. هاڻي تہ ڳڻتين جو ڀَاتو پيڇي چهري تي مُرڪ سجائي منهنجي دل کي تسلي ڏي تہ تون پريشان نہ آهين. ۽ اگر نہ تہ پوءِ آءٌ ناراض ٽي ويندي سانءِ. اربيہ هٿ جي اشهد آڱر سڌي ڪري ڏمڪي ڏيندي چيو.

وسيم وڏو ٿهڪُ ڏئي اربيہ جو هٿ پڪڙي، ڪيس ڪُرسيءَ تان اٺاريو. ٻئي ٿهڪ ڏيندا ڪينٽين کان ٻاهر نڪري ويا. وسيم جي اداسي هينئر خوشيءَ ۾ بدلجي وئي. ٻنهين پيپرن جي تياري سهڻيءَ ريت ڪرڻ جو هڪ ٻئي سان وچن ڪيو.

نيٺ ڪلندي، مُرڪندي دم ديدار بہ ٽيندو رهيو تہ پيپرن جا ڏينهن بہ

پڃاٽيءَ تي پهتا.

وسيم سُتت ئي پنهنجي دوست احمد جي والد ۽ والده کي اريبہ جو رشتو گهرڻ لاءِ تمام ڀالهيون سمجهائي تيار ڪيو. جڏهن تہ وسيم جي گهر جا ڄاتي ان رشتي مان بلڪل راضي نہ هئا. گهر جو هر هڪ ڄاتي وسيم کي ان ڀالهہ تان هٿي ويڙهڻ جي نصيحت ڪري رهيو هو. پر وسيم جي ذهن تي محبت جو پوت سوار هو ان ڪري وسيم ڪنهن جي بہ نہ ٻڌي ۽ نہ ئي وري گهر جي ڄاتين وسيم جي پرولي سلهڻ جي ڪوشش ڪئي.

آڇر جو ڏينهن هو. احمد جو والد ۽ والده، اريبہ جي گهر سيوهڻ پهتا، وسيم ۽ اريبہ جو مسلسل فون تي رابطو جاري هو. ڪجهہ دير کان پوءِ اريبہ جي نمبر تان پاور آف جو اطلاع اچي رهيو هو. وسيم وڏا وَس ڪيا پر رابطو نا ممڪن هو. وسيم جي ذهن ۾ ٻيهر وسوسن جون طوفاني هوائون گهلهڻ لڳيون. وسيم جولاءِ جي نتهڻ اُس ۾ تَتل واريءَ جي ڍير تي تڙپندڙ ڪنهن سزا يافتہ قيديءَ جيان تڙپي رهيو هو. هو ايترو تہ بي چين هو جو نہ ويهڻ ۾ آرام نہ ئي ڪنهن هڪ جاءِ تي بيهڻ ۾ سُکون هيس. هو لڳاتا هڪ جاءِ تي هيڏانهن هوڏانهن ڦري رهيو هو. اريبہ سان رابطو نہ ٿيڻ جي ڳٽتيءَ ۾ هو پنهنجي هٿ جي مٺ بند ڪري وَسَ آهر آڳرين جو زور ڏئي ٽڏا ساهہ ڀري ڳٽتيءَ ۾ ڳاڙهو ٿي چڪو هو. اوچتو سامهون هِڪ ڪار اچي بيٺي، ان مان احمد جو والد دروازو کولي ٻاهر نڪري آيو. ان تي نظر پوندي ئي وسيم جي جسم ۾ ساهہ پئجي ويو. وسيم يڪدم تڪڙا قدم کڻي احمد جي والد جي پرسان پهچي ساٽس هٿ ملائي حال احوال معلوم ڪرڻ چاهيو.

احمد جي والد اسد پنهنجا ٻئي هٿ وسيم جي پناڻن تي رکي نيڻ جهڪائي، پٽ! اريبہ جي پيءُ ۽ پائرن صاف انڪار ڪري ڇڏيو ۽ هو اسان تي تمام گهڻو ناراض ٿيا. بلڪ ٻيهر اڇڻ کان سختيءَ سان منع ڪري ڇڏيائون. ها اريبہ جي والد ايترو چيو تہ اوهان جنهن ذات سان تعلق رکو ٿا، ان ئي ذات وارن اٽ سال اڳ منهنجي وڏي پُٽ جو قتل ڪيو هو. هاڻي اها ڀالهہ نا ممڪن آهي تہ آءٌ پنهنجي نياڻيءَ جو رشتو ان ذات

۾ ڪيان، مهرباني ڪري ٻيهر اهڙي ڪا به اميد ڪري نه ايندا. وسيم جي پيرن هيٺيان زمين نڪري وئي، جسم مان اڌ ساهہ ڇڏائجي ويُس. اکين آڏو اونداهہ ٿي وئي، اوچتو موبائل جي گھنٽي وڄي، وسيم ڏٺو تہ اريبہ جو نمبر هو. هن يڪدم ڪال رسيو ڪئي.

اريبہ هي ڇا ٿي ويو؟ تو ڇا چيو هو؟ ڇا تون مون کان سواءِ رهي سگھندين؟ وسيم ايجان بہ ڳالهائڻ چاهي پيو پر ڳالهائي نہ سگھيو.

سياٽي صبح جو 9 بجي يونيورسٽيءَ جي مين دروازي وٽ آءٌ بہ ايندیس ۽ تون بہ اچجان، گڏجي ڪورٽ ميرج ڪندا سين. اريبہ ايترو ڳالهائي ڪال ڪٽي ڇڏي ۽ فون بند ڪري ڇڏيائين.

صبح جو سوير وسيم سهي سنبري يونيورسٽي جي دروازي وٽ بيهي اريبہ جو انتظار ڪندو رهيو. ڪجهہ دير ۾ وقت مطابق اريبہ بہ پنهنجي ڪار ۾ پهتي. ٻئي ڪار ۾ عدالت پهتا. هڪ وڪيل ڪري جج آڏو بيان ڏئي جج جي اجازت سان نڪاح پڙهائي هڪ ٻئي جي زندگيءَ جو هميشہ جي لاءِ همسفر ٿيڻ تي هڪ ٻئي کي مبارڪ ڏنائون. پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي ماڻڻ تي ڏاڍو خوش ٿيا. منجهند جي ماني ٻنهين گڏجي زال ۽ مڙس جي ناتي حيدرآباد جي هڪ نامياري هوٽل ۾ ڪائڻ ويا.

وسيم ۽ اريبہ جي زندگيءَ ۾ نڪاح کان پوءِ خوشين ۽ نين خواهشن جو هڪ نئون باب کليو هو. ٻئي هڪ ٻئي ڏانهن پيار ۽ محبت منجهان غور سان نهاري بار بار مسڪرائي رهيا هئا. سندن چهري جي مُرڪ هڪ ٻئي جي نيٽن کي ٺاري رهي هئي. وسيم ٻنا ڪنهن موڙ ۽ ڳاني جي هڪ ساده لباس ۾ بہ اريبہ کي چوڌهينءَ جي چنڊ کان وڌ چمڪندڙ ۽ حسين، جميل نظر اچي رهيو هو. اريبہ بغير شراري، سون ۽ گھونگھٽ جي بہ وسيم کي عام لباس ۾ نوريءَ جي سادگيءَ جيان سھڻي ڪُنوار لڳي رهي هئي. سندس هٿ بنا مهنديءَ جي وسيم کي گلاب جي گلن جي ٺڙيل پتن جيان ڳاڙها ۽ خوشبوء دار اکين کي ٺڏڪار ۽ دل کي راحت بخشي رهيا هئا. ٻنهين جي ڏنل آرڊر مطابق بيري ماني اچي ٽيبل تي رکي. مانيءُ جو پهريون گرهہ ٻنهين هڪ ٻئي کي وڏي محبت ۽ پيار

منجهان کارايو ۽ باقي ماني هڪ ئي پليٽ ۾ گڏجي کاڌائون. ماني کائڻ بعد هوٽل مان نڪري گاڏيءَ ۾ اچي وينا. اريبہ هميشہ جيان وسيم کي سندس گهر جي ويجهو ڇڏي پاڻ پنهنجي گهر سيوهڻ هلي وئي.

شام ٿي چُڪي هئي، اريبہ گهر ۾ داخل ٿي، پنهنجي ڪمري ۾ پرس ۽ چادر رکي، ماءُ جي ڪمري داخل ٿي. سندس ماءُ پلنگ تي ويني ڪنهن سهيليءَ سان فون تي ڳالهائي رهي هئي. اريبہ کي ڪمري ۾ ايندي هُن سهيليءَ کي بعد ۾ فون تي ڳالهائڻ جو چئي کال ڪٽي ڇڏي. اريبہ جي ماءُ رضيہ اوچتو اريبہ کي پنهنجي ڪمري ۾ ايندو ڏسي حيرت ۾ پئجي وئي. ڇاڪاڻ تہ اريبہ سندس ڪمري ۾ تمام گهٽ ايندي هئي.

اڇ! ڏيءَ خدا خير ڪري، ڇا ٿيو آهي؟ رضيہ يڪدم حيرت منجهان پنهنجا ٻئي هٿ سيني تي رکي اريبہ سان مخاطب ٿيندي چيو. امان اوهان سان ڪجهہ ڳالهائڻو آهي، اريبہ ماءُ سان اڄ پهريون پيرو ٻي رُخيءَ واري انداز ۾ پيش ايندي ڳالهايو.

ڏيءُ! اها بہ ڪا پڇڻ جي ڳالهہ آهي، اڇ جيڪي حال اورٽا اٽئي اچي اور پُٽ. ٻلا تون مون سان ڳالهيون نہ اوريندينءَ تہ ٻيو ڪنهن سان اوريندينءَ؟ رضيہ وڏي محبت ۽ شفقت واري انداز ۾ اريبہ سان ڳالهائيندي چيو.

امان..... اريبہ خاموشي اختيار ڪئي.

ڏيءَ ڇا ٿيو آهي؟ تون گهبرايل ٿي نظر اچين. رضيہ، اريبہ جو هٿ پڪڙي حيرت منجهان چيو.

امان! مون ڪورٽ ۾ وسيم سان شادي ڪري ڇڏي آهي. اريبہ هڪدم همت ڪري ماءُ کي چئي ڏنو.

گهوڙا ڏي! چوري هي ڇا ڪري ڇڏيئي، خاندان جي عزت ڏوڙ ۾ مِلائي ڇڏيئي. ٿورو پيءُ ۽ پائرن جي عزت جو خيال ڪرين ها، رضيہ ٻئي هٿ پنهنجي گوڏن تي زور سان هڻي مٿو پٽيندي اريبہ کي روئيندي چيو. اريبہ ماءُ جون ڳالهيون در گذر ڪندي ڪمري کان نڪري پنهنجي ڪمري ۾ اندران دروازو بند ڪري ويهي رهي.

رضيہ روئندي رڙندي فون ڪري مڙس واجد کي جلد ئي گهرائي

حقيقت کان آگاهہ ڪندي حوصلي سان ۾ ڏيرج سان فيصلو ڪرڻ جي هدايت ڪئي. واجد پڻ ڏي، ايس، پي هو. في الحال تہ اچرج ۾ پئجي ويو. پر همت ۾ عقلمنديءَ مان ڪم ونڊي ڪجهہ دير لاءِ صبر اختيار ڪري پُٽ کي فورن گهرائي ورتائين. اربيہ جوياءُ ماجد بہ پهچي ويو. گهر ۾ مانڌار اچي وئي. سيني گهر پاتين جا حواس ڪم ڪرڻ ڇڏي ويا. گهر جي ڪنهن بہ پاتيءَ اربيہ جي ان حرڪت ڪري ساڻس ڳالهائڻ پسند نہ ڪيو ۾ نہ ئي هوءَ ٻاهر واءُ سواءُ لهڻ لاءِ ڪمري کان ٻاهر نڪتي.

ڪيتري دير تائين گهر ۾ خاموشي ڇانيل هئي. هر ڪو پنهنجي عزت بچائڻ لاءِ عقل جا گهوڙا ڊوڙائي رهيو هو. پر وقت جي ڪوهيڙي سبب هر طرف ڏُنڏُ ڇانيل هو. نيٺ! اوچتو واجد اُٽيو. ۾ پُٽ کي هٿ جو اشارو ڪري ٻاهر وٺي ويو. ٻئي مرد ٻاهر نڪري ويا، رضيہ جي سِسيءَ ۾ ساهہ نہ هيو. ذهن ۾ مختلف وِسوِسا کيس پريشانين جي پيڙي ۾ ستائي رهيا هئا.

رضيہ ڪيتري دير دروازي ڏانهن تڪيندي رهي، پر ٻاهران ڪو بہ مرد گهر ۾ داخل نہ ٿيو ۾ نہ وري اربيہ ڪمري جو در کولي ٻاهر آئي. رات جا ٻہ ٽي رهيا هئا. اڪيلي عورت پريشانيءَ ۾ ڪري بہ تہ ڇا ڪري. کيس ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو نيٺ رضيہ قرآن پاڪ کڻي ڊرائنگ روم ۾ رکيل صوفن تي ويهي، يسين شريف جي تلاوت ڪرڻ شروع ڪئي. رضيہ تلاوت ڪري ئي رهي هئي تہ اوچتو دروازو ڪُليو. واجد ۾ سندس پُٽ ماجد گهر ۾ داخل ٿيا. واجد پوليس جي وردي ۾ هو ۾ ماجد کي ڪاٽن جو جورو پاتل هو پر ٻئي پگهر ۾ تر هئا. رضيہ ٻنهين کي ڏسي تلاوت اڌ ۾ ڇڏي قرآن پاڪ صوفن جي پر ۾ رکيل ننڍي استول تي رکي انهن ڏانهن تڪڙي تڪڙي وڌي.

واجد ڪيڏانهن ويو هئين؟ اربيہ تہ غلط قدم کنيو پر تون ڪو اهڙو قدم نہ کڻجانءِ جو سڄي حياتي ڪنڌا ڪيڏا پون. خدا جي واسطي ڪجهہ سمجهہ مان ڪم وٺ، نياڻي ٻار آهي، هن تہ اوهان جي عزت جو نہ سوچيو پر اسان تہ وڏا آهيون، سوچ ۾ سمجهہ سان مسئلي جو حل ڳولهڻ گهرجي. اربيہ جيڪا ٻاهِر ٻاري آهي، اها وسائڻ جي ڪوشش ڪجي تہ

بهتر آهي. ڏاها ٿيو. وڌيڪ باهر نه ٻاريو. ائين نه ٿئي جو جهگو جهڙ ٿي وڃي. ماجد پُٽ تون ابي کي سمجهائڙ جي کوشش ڪر. رضيہ ٻئي هٿ ٻڌي ٻنهين کي نماڻو عرض ڪندي چيو.

امان! تون ٿَڪل آهين، اسين کو بہ اهڙو قدم نه کڻنداسين، تون دلجاءِ ڪر ان مسئلي جو حل سياڻي گڏجي ڪڍنداسين. ماجد رضيہ کي تسلي ڏيڙ جي کوشش ڪئي. واجد رضيہ کي هٿ کان وٺي پنهنجي ڪمري ڏانهن آرام ڪرڙ لاءِ وٺي ويو. ماجد بہ پنهنجي ڪمري ۾ وڃي آرامي ٿيو.

رات جا ٽي ٽي رهيا هئا، اريبہ کي بک ستايو. پر هوءَ والد ۽ ياءُ جي ڊپ کان ٻاهر نه نڪتي. ڪمري ۾ رڪيل بسڪٽ کائي گذارو ڪيائين.

صبح جو 8 بجي واجد کي پوليس اسٽيشن پهچڻو هو. ناشتو ڪري هو وڃي رهيو هو تہ رضيہ کيس اڳيان ٻيهي عرض ڪيو تہ نياڻيءَ کي معاف ڪر، غلطي ڪئي اٿئين، ڪالهہ کان ڪمري ۾ بند آهي، وڃي تسلي ڏينس.

واجد رضيہ جي منٿن کي ڏسندي نيٺ اريبہ جي ڪمري ڏانهن ويو. ڪمري جو دروازو اندران بند هو. واجد ڪيترا ئي سڏ ڪيا پر اندران کوبہ آواز نه آيو. واجد ۽ رضيہ جي رڙين تي ماجد بہ پهچي ويو. گهڻي دير تائين آواز ڏيندا رهيا پر اندران کو بہ جواب نه مليو. نيٺ ماجد ڪمري جي دروازي جو لاڪ توڙي جيئن ئي اندر داخل ٿيو تہ اريبہ جو لاش پکي ۾ لٽڪيل نظر آيو. اريبہ جي ڳچيءَ ۾ رئو قاتل هو. گهر ۾ ڪهرام مچي ويو. هڪ سڪيلڙي نياڻي، سا بہ خود ڪشي ڪري خالق حقيقيءَ سان وڃي ملي. ماجد همت ڪري روئندي اريبہ جي ڳچيءَ مان آرام سان رئو ڪڍي لاش پلنگ تي رکيو. پلنگ جي سيراندیءَ کان رکيل اريبہ جي موبائل تي رضيہ جي نظر پئي، جيئن ئي رضيہ موبائل کي چيڪ ڪيو تہ ان جي اسڪرين تي هڪ ميسيج آيل هو. ان ۾ لکيل هو تہ "حيدرآباد ۾ پوليس مقابلي دوران وسيم نالي هڪ دهشت گرد کي پوليس مقابلو ڪري ماري ڇڏيو آهي. سندس لاش وارثن حوالي ڪيو ويو آهي."

جذبن جو جادو

عرس فقير جي اوطاق تي ماڻهن جو وڏو ڇهڇتو هو. ڪي ٻار زنجيرن سان ٻڌل ٻيوس ۽ لاچار دنيا جي خواهشن کان لا تعلق آزاديءَ جي انتظار ۾ هيڏانهن هوڏانهن ائين واجهائي رهيا هئا جيئن ڪنهن ٻليءَ کي گهر ۾ مڇي، گوشت يا کير جي ڏَپ پوندي آهي ۽ هوءَ سڄو گهر پئي نوسيندي آهي. ڪجهه ڇوڪريون ۽ ڏاڙهون عمر جون عورتون هڪ سمي فقير جي دُهل وڄائڻ تي ڏمال هڻي رهيون هيون. سندن وار ڪليل هئا. جسم تي ڪپڙا ته پاتل هئن پر رئي جو نالو نشان ئي ڪو نه هو. اوطاق جي هڪ ڪُنڊ ۾ انهن سيني عورتن ۽ ٻارن جا وارث بي تاب ڪي بينل ته ڪي وري فرش تي رکيل هڪ ٻن سِرن جي ڏکين تي، ته ڪجهه وري مجبور اوڪڙون وينا انتظار ڪري رهيا هئا. ان خوش فهميءَ ۾ هئا ته هاڻي سائين عرس فقير جي ڪرامت سان اسان جو ياتي جِن ۽ غيبات جي اثر کان جلد آجو ٿي ويندو. پوءِ اسين ڪيس ڏَن ڏئي، ديگ بريانيءَ جي ورهائي سوگهاٿي پنهنجي ماڳ پهچندا سين. اوطاق ۾ وينل سيني سائلن جو اهو ايمان ۽ عقيدو هو ته اسين عرس فقير جي ڪرامت سان ئي ڪاميابي ماڻيندا سين.

عرس فقير ورانڊي ۾ وينو هڪ ميز تي تعويز لکي رهيو هو. سندس آڏو فرش تي ٿي چار فراسيون وڇايل هيون، جن تي هڪ پاسي کان مرد ۽ ٻئي پاسي زائفون پنهنجا ٻئي هٿ جوڙي پنهنجي واري جو انتظار ڪندي عرس فقير ڏانهن نماڻي انداز ۾ واجهائي رهيا هئا. انهن مان هڪ هڪ ٿي عرس فقير جي پير ۾ ويهي پنهنجا ٻئي هٿ جوڙي عاجزي ۽ نِوڙت واري انداز ۾ پنهنجا مسئلا آهستگيءَ سان بيان ڪري رهيو هو. عرس فقير وٽ هڪ مس ڪُپڙيءَ مُشڪ ۽ زعفران پيل هو. جنهن مان ڪِلڪ

ٻوڙي سيني کي تعويز لکي ڏئي اُماڻيندو پيو وڃي. سندس پويان هڪ چيلو پُناڙن ۾ متي تي مالش ڪري رهيو هو. ٻيو چيلو (مريد) عرس فقير جي حڪم جي پورائيءَ لاءِ ٻئي هٿ جوڙي ڪنڌ جهڪايون ٻينو هو. هي چيلو عرس فقير جو خاص شاگرد پڻ هو. سندس نالو روحل فقير هو.

عرس فقير تعويذن، ٻوٽن ڪيڙ، جنات جي اثر ۾ جنن کان جندُ ڇڏائڻ ۾ هنڌين ماڳين مقبول هو. قد بُت ۾ ڊگهو ۽ ٽلهو شهپر وڏا، وار سندس ڪُلهن تائين وڏا، هلڪي ڏاڙهي، آواز ڳورو ۽ رنگ جو مُشڪي هو.

صبح کان وٺي رات دير تائين ماڻهن جي قطار نه ڪٽندي هئي. سنڌ جي ڪجهه ڳوٺن جي آبادي‌ءَ جا ماڻهو اهڙا به آهن، جيڪي اڳتي وڌڻ ۽ تمدني زندگي گذارڻ بدران بي سمجهه ۽ غفلت واري زندگي گذاري پاڻ تي فخر محسوس ڪندا آهن. هي اُهي ماڻهو آهن، انهن مان جيڪڏهن ڪو بيمار ٿيو ته ڳوٺ جي ڪنهن ڪمپائونڈر يا ڪنهن نقلي ۽ ڦورو حڪيم کان علاج ڪرائڻ پسند ڪندا آهن. ڪجهه ڏينهن انهن جي دوا اثر نه ڏيکاري ته پوءِ ڳوٺ جا چار چڱا، اوڙي پاڙي وارا، مِٽ مائٽ بيمار جي عيادت ڪرڻ سان گڏ سندس گهر ياتين جي ڪنن ۾ اها ڳالهه پريندا آهن ته ڪا بيماري نه آهي. ان مٿان جنات جو اثر آهي. فلاڻي پوپي جو وڃي در ڪڙڪايو. وڏي ڪرامت وارو بابو آهي. اُتان ئي هن جي جِندُ ڇٽندي. انهن پوپن وٽان به جڏهن ڪا دال نه ڳرندي اٽن ته پوءِ پيرن جي درگاهن تي وڃي ڏينهن رات هڪ ڪري مٽيون پريندا آهن ۽ پڙ چاڙهي اها اميد هٽي ويهندا آهن ته بس! هاڻي اسان جي هي پير ئي پڄائيندو.

ڪنهن کي ڪهڙو مرضُ، ڪنهن سان ڪهڙي مجبوري، ڪنهن کي ڪهڙي تڪليف، ڪير صحيح، ڪير غلط، ڪنهن کي ڪٽان، ڪهڙي در تان، ڪنهن جي هٿان شِفاءَ ملندي، ڪنهن کي ڪهڙي دوا اثر ڪندي؟ اها حڪمت صرف هڪ الله جي ذات ٿي رکي. پوءِ ڇو نه اهڙي‌ءَ صورت ۾ ان رب ڪريم کي ٻاڏائجي. ان ڏٽي‌ءَ در توبهه تائب ٿيڻ گهرجي.

عرس فقير پنهنجي اوطاق تي سوالين جا سوال ٻڌي، انهن جا درد

دور ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف عمل هو تہ اوچتو ٽي، چار پراڏو گاڏيون ٻاهر در تي اچي بيٺيون. ائين لڳو جڻ ڪو وقت جو گورنر پنهنجي محافظن ساڻ اچي پُهتو آهي. انهن ساڻ چار پنج خانگي سپاهي پڻ هئا. سيني کي ڪلف ٽيل ڪاٽن جا وڳا پهريل هئا. انهن ۾ عرس فقير جو گهاٽو يار ڏي، ايس، پي حاجن بہ هو. سپيئي گاڏين مان لهي اوطاق ۾ اندر داخل ٿيا. عرس فقير جي نظر حاجن تي پئي تہ هو جهٽڪو ڏئي سيڌ ڪم چڏي پنهنجي جاءِ تان اٿي انهن سان ملڻ لاءِ اڳتي وڌيو. مهمانن جي خوش خير عافيت ڪري، ساڻ خاص آستاني ۾ ونڻ ويو. عرس فقير جي چيلي باقي رهيل ماڻهن کي ٻئي ڏينهن تي اچڻ جو چئي اُماڻي چڏيو.

حاجن! فقير هي منهنجو جگري يار طارق آهي. اسين ننڍ پڻ جا يار آهيون. طارق سون جو واپاري آهي. گذريل ٻن سالن کان ڏاڍو پريشان آهي. نياڻي مٿان ڪنهن جن جو سايو اٿس. ڪيترن ئي عاملن جي درن تان مايوس ٿي موٽي آيو آهي. هڪ نياڻي اٿس، اها بہ سڪيلڏي، وڏن نازن ۾ نخرن سان پاليو اٿئينس پر هن وقت نياڻيءَ جي تڪليف هن جي چيلهہ ڇيڪي وڌي آهي. حاجن پنهنجي دوست طارق جو تعارف ۾ مسئلو فقير کي مختصر طور ٻڌايو.

طارق لباس ۾ تہ بن ٿن هو پر طبيعت جي لحاظ کان منجهيل هو. حاجن جي تعارف تي طارق جي اکين مان پاڻي تري آيو.

بابا طارق جهڙو اسان جو حاجن يار آهي تهڙو تون بہ آهين، دل نہ لاهِ. عرس فقير جي اوطاق تي آيو آهين، تہ پوءِ روئڻ جي ڪهڙي ضرورت. بابا خوشين پويان ڏک تہ زندگيءَ جو حصو آهن. ها اولاد جا سور امڙ ۾ ابي جي برداشت کان چڙهيل هوندا آهن. حڪم ڪر چا ڳالهہ آهي. عرس فقير، طارق کي وڌي دلجاءِ ڏيندي چيو.

سائين هڪ نياڻي آهي ۾ هڪ ٻالڪڙو پُٽ آهي. نياڻي عاقل ۾ بالغ آهي، گذريل ٻن سالن کان ان مٿان ڪنهن ڊيڊ فقير يا ديو جو سايو آهي. جنهن بہ عامل سان ملاقات ڪئي آهي، شروع ۾ تہ هر ڪو سهڻا سهڻا سپنا ڏيکاري آسرا ڏيندو رهيو پر اڳتي هلي هر هڪ پنهنجا پير

پوئتي پيو ڪري وڃي. مونکي به سڀني اها نصيحت ڪئي آهي ته گھٽو ديو سان وڇڑڻ جي ڪوشش نه ڪر نه ته نياڻيءَ جو ڪنڌ پيڇي ماري ڇڏيندس. سائين هڪ سڪيلڏي نياڻي سا به سورن منجھ، وڏو خرچ ڪيو اٿم پر ڪٽان به ڪڙ تيل نه ٿو نڪري. نياڻيءَ جي حالت ويتر ڳٽتيءَ جوڳي ٿيندي پئي وڃي. نياڻيءَ جي اها حالت ڏسي جسم مان اڌ ساھ ڇڏائجي ٿو وڃي، زندگيءَ مان سُکون برباد ٿي ڇڪو آهي. جيڪا دولت وئي ان جو ڪو به ڏک نه آهي. اها ٻيهر به اچي ويندي. پر نياڻي. ... نياڻي لفظ ڇئي طارق سُڏڪن ۾ پئجي ويو.

حاجن، طارق جي ڪلهي تي هٿ رکي تسلي ڏيندي پرچائڻ جي ڪوشش ڪئي. طارق جي سُڏڪن عرس فقير جي روح ۾ رحم پيدا ڪري ڇڏيو.

عرس جھٽڪو ڏئي اُٺيو. روحل بابا سامان کڻ، تياري وٺ، اڄ ان ديوَ جو جَڙ ٻچورولينداس. اھو ڪير ٿيندو آ، جيڪو اسان جي سڃڻ جي نياڻيءَ جو ساھُ سُکائي وينو آهي. اڄ اھو ديو نه بچندو. طارق بابا اٿو، جلدي ھلو، عرس فقير کي جلالي اچي وئي.

عرس فقير جي جلالي ڏسي سڀ اُٺي بيٺا. فقير، طارق جي ڪلهي تي هٿ رکي دلاسو ڏئي اڳتي وڌيو. بن ڪلاڪن جو ڏورانھون سفر پار ڪري اچي ماڳ پھتا.

طارق جو بنگلو ڏسي عرس فقير حيران ٿي ويو. سوچڻ لڳو ته واقعي انسان دنيا ۾ دولت سان سڀ ڪجھ حاصل ڪري سگھي ٿو پر خوشيون ۽ سُکون ڪڏھن به نه.

طارق سڀني کي وٺي وڃي مھمان خاني ۾ ويھاريو. مھمان خاني ۾ عاليشان قسم جا قالين وڇايل ھئا فرنيچر اعليٰ قسم جو رکيل ھو. ٽي چار نوڪر چاڪر در تي بيٺا ھئا. ڇت ۾ عاليشان قسم جو فانوس ٽنگيل ھو. سڀيئي صوفن تي ٽيڪ ڏئي سکون سان ويھي رھيا.

فقير سائين نياڻي هتي وٺي اچان يا اندر گھر جي ڪنھن ڪمري ۾ انتظام ڪجي؟ طارق اچي فقير کان مشورو ڪيو.

نه بابا هتي ٺيڪ آهي. نياڻي هتي ئي گھراءِ. فقير وراڻيو.

طارق پنهنجي نياڻي شمائلہ کي مهمان خاني ۾ روني آيو. اوطاق جي هڪ پاسي کان ڪجهہ حصو زمين کان مٿي هو. جنهن جي ديوارن تي خوبصورت پردا ٽنگيل هئا، فرش تي عاليشان قسم جي ماربل لڳل هئي، ان حصي ۾ طارق محفل نعت يا ميلاد وغيره ڪرائيندو رهندو هو. هن وقت سيئي اُن جاءِ تي وڃي وينا.

عرس فقير شمائلہ کي پنهنجي سامهون ويهاريو. پڙهائي شروع ڪيائين. شمائلہ جا وار پهريان ئي ڪليل هئا، سو فقير جيئن ئي پڙهڻ شروع ڪيو تہ شمائلہ جھولڻ شروع ڪري ڏنو. شمائلہ جي جھولڻ مان اهو محسوس ٿي رهيو هو تہ سندس مٿان ڪنهن ديوَ يا ماڙيچي جو سايو آهي. عرس فقير شمائلہ جي حالت ڏسي حيران ٿي ويو.

روحل ڪڙو چاڙهہ. فقير جهٽ ڪر. عرس فقير جلالي ۾ آچي ويو. روحل کي ڪاوڙ ۾ چيائين.

جيڪو حڪم قبلا. اهو چئي روحل ڪڙو چاڙهيو.

عرس فقير جي هٿ ۾ تسبيح هئي، هو ان جي داڻن تي ڪجهہ پڙهي رهيو هو. شمائلہ جو جھولڻ ڏسي ڪڙو چڙهڻ بعد اُٿي بينو.

ڪير آهين ڙي؟ ڇو ڇوڪرِ کي تنگ ڪيو اٿئي؟ عزت ان ۾ اٿئي تہ نياڻيءَ جي جان ڇڏ، جتان آيو آهين واپس هليو وڃ، عرس فقير شمائلہ جي فقير (جِن) سان ڳالهائيندي چيو.

اڙي هل! تو جهڙا ڪيترائي آيا، بڪ ڪري، پاسو ڏئي، ائين ڀڄي ويا جو وري ظاهر ئي نہ ٿيا، تنهنجي لاءِ بہ بهتر اهو آهي تہ هليو وڃ، نہ تہ پهريون تنهنجو سِر ڪٽندُس، پوءِ هن ڇوڪري کي ماريندُس. نِڪر هتان. شمائلہ جھولڻ بند ڪري عرس فقير ڏانهن اکيون ڦوٽاري ڏسڻ لڳي ۽ ڪاوڙ منجهان زور سان هڪل ڏيندي وڃڻ جو ڊڙڪو ڏنائينس.

شمائلہ جي دڙڪي ۽ ڏمڪيءَ تي ڪمري ۾ ويٺل سڀني پاتين جو اڌ ساهہ سُڪي ويو. سڀني سوچيو تہ اڄ هي جن يا تہ هنن ٻنهين کي ماريندو يا تہ اسان جو سِر ڪٽندو.

جيڪڏهن عزت ۾ جان ڇڏين تہ نيڪ آهي نہ تہ ٻاريندو سان ۽ مڇ ۽ ساڙي رک ڪندو سان ۽. عرس فقير وڏي آواز ۾ شمائلہ سان ڳالهائيندي

کيس باهرِ ۾ ساڙڻ جي ڏمڪي ڏيندي پنهنجي جاءِ تان اُٿي بيهي جواب ڏنو. عرس فقير سمجهي ويو ته ڪو به جن جو سايو نه آهي، هي سڀ چوڪريِ مڪر ڪري رهي آهي. چوڪريءَ جي ڪا منشا آهي، جيڪا پوري ڪرڻ لاءِ هي ايڏو وڏو ڊراموررچائي رهي آهي.

نڱ فقير جان پياري ٿي ته مانڙي ڪري هليو وڃ نه ته ساڙي ڇڏيندو سانءِ. نه رڳو تنهنجو پر تنهنجي انهن چيلن جو ڀاتو به پيڇي رکندو سانءِ. بڪواس بند ڪر ڙي. چا ٿو چاهين؟ عرس فقير شمائلہ کي رڙڪري چڙڀ ڏني.

اڙي نڪر هتان، واپس هليو وڃ. جتان آيو آهين. پلائي ان ۾ اٽئي ته هتان جيترو ٿي سگهئي هليو وڃ. شمائلہ تارا ڦوٽاري فقير ڏانهن نهاريو ۽ سڃي ڏڪڙ لڳي. وڏي آواز ۾ رڙڪري فقير کي ڏمڪي ڏني. شمائلہ پڙ سمجهي وئي هئي ته هي فقير مون کي ڳڇيءَ ۾ پوندو، ان ڪري ڏمڪائي پجائڻ جي ڪوشش ڪيانس. نه ته اڇا ڪارا ڏار ٿي ويندا.

روحل مڇ ٻار، هي ائين نه سُڏرندو، هي ته چا، هن جا وڏا به منهنجو ڪجهہ بگاڙي نه سگهندا. جلدي مڇ ٻار ۽ مونکي ڏنبو ڏي. جهٽ ڪر. عرس فقير ڪاوڙ ۾ اچي ويو.

روحل فقير تکڙ ۾ هڪ وڏو ڏنبو ڪٽي عرس فقير جي هٿ ۾ ڏئي ڪانيون ڪٽي ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ ڊير ڪري باهرِ ٻارڻ جي تياري ڪري فقير کان اجازت ورتي.

عرس فقير روحل کي اجازت ڏئي، ڏنبو ڪٽي شمائلہ جي مٿي تي هٽڻ لاءِ اولاريو ته شمائلہ يڪدم هٿي وئي. چند ڪري هيٺ فرش تي ليٽي پئي، اهو محسوس ڪرائڻ لاءِ ته آءٌ مري ويس. پر شمائلہ ظاهري طور ته ليٽي چند ڪيو هو پر هوءَ اهو سوچي رهي هئي ته پاڻي سِر کان مٿي چڙهي چڪو آهي. هاڻي ڳالهہ ڳچيءَ ۾ پئجي چڪي آهي. هي فقير ته منهنجو به ابو نڪتو. ان کان اڳ ته مون ٻين کي ٽوٽا چپائي چڏيا پر هي منهنجو ڪنڈو ڪٽي چڏيندو. بهتر آهي ته فقير کي پنهنجي اعتماد ۾ ونڻان نه ته اڄ هي فقير منهنجو سِر ڪٽندو.

ڪمري ۾ موجود سيني ماڻهن کان رڙ نڪري وئي ته لڳي ٿو

چوڪري زندگيءَ کان موڪلائي وئي. شمائلہ جي حالت ڏسي سيني جي نڙي خشڪ ٿي وئي. جسم مان اڏ ساهُ ڇڏائجي ويو. ڪجھ ڪري ۽ نہ پيا سگھن جو سيئي ڪڙي ۾ هئا. کين ڳالھائڻ ۽ جاءِ تان اٿڻ يا هيڏي هوڏي وڃڻ کان سختي سان منع ٿيل هو.

اوچتو شمائلہ ٽِپ ڏئي پنھنجي جاءِ تان وڏي ڪُوڪ ڪري اٿي. ٻيھر جھولڻ شروع ڪيائين.

فقير مان چوڪريءَ جي جان ڇڏيندس، پر ھڪ شرط آھي. مڃيندين؟ شمائلہ جھولندي فقير سان مخاطب ٿي.

ڳالھ ڪر؟ ڇا ٿو چوڻ ڇاھين؟ عرس فقير وراڻيو.

ھنن سيني کي ٻاھر ڪڍ. شمائلہ اوطاق ۾ موجود سيني ڏانھن اشارو ڪندي چيو. عرس فقير سيني کي مھمان خاني مان ٻاھر نڪرڻ جي ھدايت ڪئي. طارق سيني کي ٻاھر وٺي وڃڻ بدران گھر اندر وٺي ويو. ۽ ھڪ ڪمري ۾ روڄي ويھي رھيا.

ڪمري ۾ باقي روحل فقير موجود ھو. اھو ان ڪري جو ان ڪڙو چاڙھيو ھو. شمائلہ ان جي ٻاھر وڃڻ جو پڌ اشارو ڪيو پر عرس فقير صاف انڪار ڪري ڇڏيو تہ نہ ويندو.

ھاڻي ڳالھ ڪر؟ عرس فقير شمائلہ کي چيو.

شمائلہ پھريون پنھنجا وار ويڙھي، مٿي تي رئو رکي، عرس فقير جي پيرن تي ڪري پئي ۽ روئڻ لڳي.

عرس فقير سمجھي ويو تہ ھاڻي اُٺ ڏونگر ھيٺيان آيو آھي.

اٿي امان: حقيقت بيان ڪر، پنھنجو ڳجھ سلِ، جيڪا تنھنجي خواھش آھي بيان ڪر، گھبرائڻ جي ڪا ٻ ضرورت نہ آھي. عرس فقير شمائلہ جي مٿي تي شفقت جو ھٿ رکي پاڻ ٻ ھيٺ فرش تي پلٽي ماري ويھي رھيو ۽ روحل فقير کي ٻ پر ۾ اچي ويھڻ جي ھدايت ڪيائين.

شمائلہ مٿي جو رئو ٻيھر صحيح ڪري رکيو. فقير سائين مونکي پنھنجي ڏيءَ سمجھندي مون سان وعدو ڪر تہ منھنجي راز کي راز رکندين ۽ منھنجي مدد ڪندين. شمائلہ پنھنجا ٻئي ھٿ جوڙي عرس فقير کي نماڻو عرض ڪيو.

ٺيڪ آ پُٽ، تون حڪم ڪر، فقير ٻاجهاري انداز ۾ وراڻيو.

فقير سائين! آءٌ يونيورسٽيءَ ۾ هڪ ڪلاس فيلو سان بي انتها محبت ٿي ڪريان ۽ هو به مون کي دل سان چاهيندو آهي. پر مسئلو اهو آهي ته هن جو تعلق ڪنهن بي ذات سان آهي. بابا سائينءَ جو هڪ اصول آهي ته هو منهنجو رشتو پنهنجي ذات کان ٻاهر ڪڏهن به نه ڏيندو. آءٌ ڄاڻان ٿي ته اسان جي ڦڦين جا وار به ان اصول پويان اڇا ٿي ويا پر بعد ۾ وڃي چاليهن جي ڏهاڪي ۾ پنهنجي ذات مان ڪو چگو رشتو آيو نيٺ اهي وڃي پنهنجي ورن واريون ٿيون. فقير سائين جيڪڏهن ان ڇوڪري جا والدين رشتو ڪٽي آيا ۽ ته بابو کين هڪ پل لاءِ بيهڻ به نه ڏيندو.

رهي ڳالهه منهنجي ته آءٌ اهڙو ڪو به قدم نه ٿي کڻڻ چاهيان، جنهن سان بابا ۽ امڙجي دل آزاري ٿئي ۽ منهنجي خاطر بابا سائين دنيا ۾ ڪنڌ ڪٽي گهمڻ جهڙو به نه رهي. فقير سائين جيڪڏهن آءٌ غلط قدم ٿي کڻان ته پيءُ ۽ ماءُ جي نافرماني ۽ جيڪڏهن پاڻ ٿي ماريان الله جي نافرماني. ان ڪري مون هي ڏونگ رچايو آهي. پر هن ڏونگ ۾ اڄ تائين ڪاميابي ماڻي نه سگهي آهيان. اوهان ٻڌايو ڇا مان غلط آهيان؟ سائين مون اوهان ۾ اميد سمجهي پنهنجي مجبوري اوهان آڏو بيان ڪئي آهي. الله جي ذات اوهان کي نياڻيءَ جي اولاد عطا ڪئي هوندي. مونکي به پنهنجي نياڻي سمجهندي منهنجي مدد ڪيو.

ڏيءَ! آءٌ ان معاملي ۾ تنهنجي ڪهڙي مدد ڪيان؟ ان جو ڪو حل ته نظر ئي نه ٿو اچي. فقير وراڻيو. فقير سائين، اوهان کي طريقو آءٌ ٿي ٻڌايان. مدد اوهان ڪندا. شمائلہ نياز ۽ نوڙت جو اهڙو ته نماڻو انداز استعمال ڪيو جو فقير ان آڏو پنڌ پهڻ ٿي ويو. ڪجي نه سگهيو. بلڪ مٿي تي ٻيهر هٿ رکي پيار منجهان چيائينس. ٻڌاءِ پُٽ، آءٌ تنهنجي ڪهڙي مدد ڪيان؟

فقير سائين! اوهان بابا کي سمجهايو ته ڇوڪريءَ کي واقعي جن جو سايو آهي، ڪنهن ڪارو علم ڪري اوهان جي نياڻيءُ کي قبضي ۾ آندو آهي. جنهن به اهو ڪم ڪيو آهي، اُهو شمائلہ سان شادي ڪرڻ

چاهي ٿو. شمائلہ کي جڏهن ان شاديءَ جي لاءِ چيو تہ شمائلہ کيس صاف انکار ڪري ڇڏيو. جنهن بعد ان اِها حرڪت ڪئي آهي. جيڪڏهن اسين بہ پنهنجي خانداني اصولن پٽاندڑهٺ ۾ عزت جي آڙ ۾ شمائلہ جي شادي خاندان جي ئي ڪنهن ڇوڪري سان ڪرائيندا سين تہ هو ڪاري علم جي زور تي يا گهوٽ جو سِر ڪٽندو يا نياڻيءَ جو سِر ڪٽندو. پر ڏٺو وڃي تہ بنهين پاسن ۾ اسان جو ئي نقصان آهي. جيڪڏهن ڇوڪرو ٿو مري تہ بہ اسان جي نياڻي بيواهہ ۾ جيڪڏهن نياڻي ٿي مري تڏهن بہ اسان جو گهر برباد. هن ڇوڪري جو دلي مقصد صرف اِهو آهي تہ شمائلہ منهنجي شريڪ حيات ٿئي. اگر منهنجي نہ تہ ڪنهن بئي جي بہ نہ. هن وٽ ڪارو علم آهي. ڪارو علم اسلام کان ٻاهر آهي ۾ آڻ نوري علم ڄاڻندو آهيان. هو ڇوڪرو مسلسل علم جو زور لائي رهيو آهي. بهتر ائين آهي تہ آڻ ان جي موڪليل جن جي مدد سان ان ڇوڪري کي هتي گهرائي سندس منشا معلوم ڪريان شاديءَ لاءِ آماده ٿي ويون تہ اسان جي حق ۾ بهتر رهندو. ان کان اڳ جو وڌيڪ جاني نقصان پهچي، بهتر آهي تہ خانداني اصولن ۾ پراڻين رسمن مان جان ڇڏائي جديد دور جي نوجوان نسل جي خواهشن کي ڏسندي سماج ۾ پنهنجي عزت بچائيندي فيصلن ۾ ۽ اصولن ۾ ڪجهہ لچڪ پيدا ڪندا سين تہ جاني نقصان ٽيڙ کان تہ بچي سگهندا سين. ان لاءِ جيڪو حڪم ڪيو. هن وقت اڳيان باهِ آهي تہ پويان پاڻي.

شمائلہ جون ڳالهيون عرس فقير جي دماغ ۾ ويهجي ويون. فقير شمائلہ سان اقرار ڪيو تہ تو هر معاملي ۾ پنهنجي پيءَ ۽ ماءُ جي عزت رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هاڻي آڻ هر صورت ۾ تنهنجي مدد ڪندُس. عرس فقير شمائلہ ڪلاس فيلو جا پار پتا ۽ موبائل نمبر ونڊي ان سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري کيس سڀ ڪجهہ سمجهايو. فقير شمائلہ کي ٻيهر جهولڻ جي هدايت ڪئي ۽ روحل کي اوطاق جو اندريون دروازو کولڻ لاءِ اشارو ڪيو.

اوطاق جي ٻر واري ڪمري ۾ ويٺل باقي گهر ياتي ۽ مهمان اوطاق جي اندران واري دروازي ڏانهن انتظار ۾ اهڙيءَ ريت تڪي رهيا هئا،

جيئن عيد جو چنڊ ڏسڻ لاءِ هر هِڪ مغرب جي وقت آسمان ڏانهن پيو نهاريندو آهي.

اوچتو روحل فقير دروازو کوليو، سيئي يڪدم اُٿي کڙا ٽيا ۽ ٽڏو ساهُ ڀري روحل ڏانهن نهارڻ لڳا. سيني جي چهرن تان بيتابي ۽ مايوسيءَ جا ڪارا ڪڪر غائب ٿيڻ لڳا.

فقير سائين سيني کي ياد ٿو ڪري، روحل فقير اچي ڪمري ۾ موجود حاجن ۽ طارق سان مخاطب ٿيندي چيو. سيني تڪڙ ۾ اوطاق ڏانهن ڊوڙ ڪئي. ڇا ڏسن ته شمائلہ جهولي رهي آهي، سندس وار وکريل آهن، عرس فقير ان جي پرسان تسبيح جا داڻا تيز تيز سوري تڪڙو تڪڙو ورد ڪري رهيو آهي. سيئي ياتي هڪ ڪُنڊ ۾ ٽي وينا. هر هڪ نماڻي انداز ۾ ڪنڌ ڪٽي ڪنهن وقت عرس فقير کي ڏسي رهيو هو ته ڪنهن وقت وري شمائلہ ڏانهن حيرت منجهان نهاري رهيو هو. هر هڪ کي ان ڳالهہ جو يقين هو ته عرس فقير پنهنجي ڪرامت سان اڄ ڪنهن به صورت ۾ شمائلہ جي جن مان جند ڇڏائي ئي ساهُ ڪڍندو.

اوچتو عرس فقير خاموشي اختيار ڪئي جهٽڪو ڏئي اُٿي بينو. اٽڪ سان هڪل ڪري وڏي ڪُوڪ ڪيائين. "نہ ويندين".

جڏهن انسان مجبور، بيوس يا لاچارٽي پوندو آهي ۽ ڏٺيءَ کي ٻاڏائڻ بدران لاهي پاهي انسانن مان اها اميد رکي ويهندو آهي ته جيڪي ڪري سو اِهو ئي ڪري. ان عقيدي موجب پوءِ ان انسان جي ذهني ۽ جسماني طور غلامي ۾ قبول ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي. جيئن هڪ سرڪاري اسڪول جو ماستر ڪلاس ۾ وينل شاگردن سان جيئن چاهي جهڙو سلوڪ ڪري سندس مرضي آهي. چاڪاڻ ته هو پاڻ کي ڪلاس جو ان وقت بادشاهہ سمجهندو آهي. هو چاهي ته ٻارن کي پڙهائي، جيڪڏهن نہ چاهي ته ٻارن کي نہ پڙهائي. هو صحيح پڙهائي يا غلط، سندس مرضي آهي. جيڪڏهن کو شاگرد ادب منجهان ۾ کيس اهو چئي ته مانوارا استاد اوهان هي سبق اسان کي نہ پڙهايو آهي. ته پوءِ اهو شاگرد ان ماستر جي آڏو بد تميز، بداخلاق، نا لائق، چنڊ ۽ ڪُنڊ ڏهن ٻار جي مثل ٽي ويندو آهي. باقي ٻار ماستر جي آگر جي اشاري تي هلندا

اهي ئي صرف ذهين، هوشيار، لائق، فرمانبردار، با اخلاق ۽ سلجهيٽا سمجهيا ويندا آهن. هن دور ۾ اها حالت نہ رهي واسڪولن ۾ نہ پر هر اداري، هر شهر ۾ هر تنظيم ۾ وڌي وئي آهي. عرس فقير بہ مڙني کي پنهنجي آڏر جي اشاري تي نچائي رهيو هو. اها حقيقت آهي تہ انسان الله جي طرفان وسيلي طور هر ڪم لاءِ مقرر ٿيل آهي تہ ڪنهن جي مشڪل وقت ۾ ڪير ڪيئن وسيلو ٿي پلائي ڪندو؟ پر ڪائنات جو نظام هلائڻ واري صرف هڪ الله جي ذات آهي، ان جي مرضيءَ کان سواءِ هڪ پن بہ نہ ٽو ڇُري سگهي. ان لاءِ انسان کي هر مشڪل وقت ۾ دنيا جي اصولن مطابق ڪوشش ڪرڻ سان گڏ رب کي بہ ٻاڌائڻ گهرجي. هميشہ انسانيت رکندڙ ڊاڪٽر مريض کي دوا ڏئي اهو جملو ضرور ڏهرائيندو آهي تہ "هيءَ دوا استعمال ڪريو الله شِفا عطا ڪندو."

شمائلہ فرش تي پنهنجي مِڪر مطابق جهولندي رهي. عرس فقير طارق ۽ حاجن کي شمائلہ جي سمجهايل ترڪيب مطابق ڳالهہ ۾ وڌيڪ ڳڙ ملائي منو ڪري مؤثر انداز ۾ حقيقت سمجهائڻ جي ڪوشس ڪئي. ايا ڳالهہ اٽپوري هئي تہ حاجن هڪ پوليس آفيسر هجڻ جي ناتي يڪدم چيو "اهو چورو آهي ڪير" آڻ ان کي لاڪ اپ ۾ اڇ ئي ٿو ڏينهن جا تارا ڏيکاريانس.

حاجن هي ڪم پوليس ۽ ڏاڍائي ذريعي حل ڪرڻ وارا نہ آهن ائين هجي ها تہ بن سالن ۾ تو چا ڪيو. هي تنهنجي وسَ کان ڳالهہ چڙهيل آهي. ڪاري علم جو ڪمال آهي. عرس فقير حاجن کي هٿ جو اشارو ڪري ڏيرج ۾ رهڻ جو چيو. اسان جي چوڪري ڪاري علم جي ذريعي جڪڙيل آهي. هو لڳاتار علم جو زور لڳائي رهيو آهي. اسين بہ چاهيون تہ ان جي مقابلي ۾ اچي پنهنجا حيلا هلائي سگهون ٿا. پر ان ضد ۾ ڪو پروسو نہ آهي تہ ڪنهن جو ڪيترو جاني نقصان ٿيندو پر نقصان ٿيندو ضرور. جيڪڏهن اجازت ڏيو ۽ نقصان برداشت ڪرڻ جي سگهہ اٿوَ تہ پوءِ الا تُهار. آڻ هاٿي ئي عمل شروع ٿو ڪريان. آڻ پوري ڪوشش ڪندس تہ شمائلہ جي جندُ ڇڏايان، پر اڳيان بہ ڪارو علم آهي، ان ڪري بهتر ائين آهي تہ ضد ڪرڻ بدران ۽ نياڻيءَ جي سِر جو سودو

ڪرڻ بدران اسان جو جھڪڻ اسان جي حق ۾ آهي. آڻ عمل ذريعي ان چوڪري کي گھرائي ٿو ونان، ڪانئس حقيقت معلوم ڪري، ڪجھ شرط لکرائي نياڻيءَ جو رشتو ان سان طئي ڪيون نہ بھتر ٿيندو. ائين نياڻيءَ جي حياتي بہ بچي پوندي ۽ گھر جي خوشحالي بہ موٽي ايندي.

عرس فقير ابتيون، سبتيون ڳالھيون ڪري، ڳالھين ۾ ڳڙ ملائي اھڙو تہ پيش ڪيو جو حاجن دنيا جا سڀ اصول ۽ رسمون وساري وينو. ھو عرس جي ڳالھين مان بي حد متاثر ٿيو.

طارق حامد پري تہ اوھان عمل ڪري چوڪرو گھرايو آڻ راضي آھيان. ڇاڪاڻ تہ آڻ نہ ٿو چاھيان تہ منھنجي نياڻي جو سِر وڃي. بس! فقير اوھان عمل ڪري اڄ ئي ان مسئلي جو حل ڪيو.

طارق سائين اوھان مونکي ڪجھ وقت ڏيو. اڄ ئي ان مسئلي جو حل ڪيندا سين. عرس فقير اھو چئي ٻيھر ڪين مھمان خاني کان ٻاھر نڪرڻ جي ھدايت ڪئي. سيئي ٻيھر گھر جي اندر ان ئي ڪمري ۾ وڃي وينا، جتي پھريون وينل ھئا.

روحل فقير مھمان خاني جو دروازو بند ڪري اڳيان پردو ڏئي ڇڏيو. شمائلہ ٻيھر مٿي تي رئو رکي درست انداز ۾ ويھي جھت پٽ پنھنجو موبائل ڪڍي ان چوڪري (ڪامران) جو نمبر ملائي ڪيس ڪمر ٿي وڃڻ جي خوشخبري ٻڌائي، پوري ڳالھ سمجھائي ۽ ڪيس سُٽت ئي بنا ڪنھن خوف جي اڇڻ جي ھدايت ڪئي.

انھن ڳالھين دوران وقفي وقفي سان عرس فقير جي سمجھائڻ مطابق شمائلہ ڇاٽي واٽي وڏي آواز ۾ اھڙي تہ ڪُوڪ ڪري رھي ھئي باقي گھر جي ياتين جا ھانوَ پيا ڏڪي وڃن. عرس فقير پڻ شمائلہ جي ڪُوڪ پويان وڏي آواز ۾ ھڪل ڪندي جواب ڏئي رھيو ھو تہ "نہ ويندين". اھو سڀ ان لاءِ تہ مھمان خاني کان ٻاھر ڪمري ۾ وينل سڀ اھو محسوس ڪن تہ عمل جاري آھي. پر اندر ڇا ٿي رھيو ھو؟ اھو اندر وارن کي ۽ الله جي ذات کي خبر ھئي.

ڪامران سڏ پنڌ جي فاصلي تي رھندو ھو. ھو تہ اڳ ۾ ئي تيار ھو. ان ڪري ھو بہ دنيا جا سڀ ڪم ڇڏي خوشيءَ منجھان اچي پھتو. گھر

کان ڪجهہ پر پروبيهي شمائلہ کي ڪال ڪري ٻڌايائينس.

روحل فقير اوطاق جو ٻاهريون دروازو کولي شمائلہ جي ٻڌايل پار پتن مطابق ڪامران کي سُجاڻي ورتو ۽ ڪيس اندر اچڻ جي هدايت ڪئي. ڪامران اندر آيو. عرس فقير ڪامران سان مليو پوري حقيقت ڪامران کي سمجهائي وئي. ان دوران روحل فقير وقفي وقفي سان وڏي آواز ۾ هڪل ڪري رهيو هو تہ "نہ بچندين".

ڪجهہ دير بعد مهمان خاني جو دروازو کليو. سيني کي اندر اچڻ جي هدايت ڪئي وئي. عرس فقير تسبيح جا داڻا سوري رهيو هو. شمائلہ بلڪل صحتمند حالت ۾ هئي سندس مٿي تي رئو ۽ ڪنڈ هيٺ هو. روحل فقير بينو هو ۽ ڪامران ڪنڈ جهڪائي وينو هو ائين لڳي رهيو هو. جڻ ڪجهہ ٿيو ئي نہ آهي. طارق جي اندر داخل ٿيڻ تي شمائلہ ساڻس ياڪر پائي ملي، طارق شمائلہ کي سيني سان لائي دلاسو ڏيڻ لڳو. شمائلہ جي اکين مان لڙڪ وهي آيا.

عرس فقير ٻنهين کي پنهنجي سامهون ويهڻ جي هدايت ڪئي. طارق ۽ شمائلہ گڏجي هيٺ فرش تي عرس فقير جي سامهون ٽي وينا.

بابا شمائلہ مٿان جيڪي بہ عمل هئا، هن وقت مڪمل طور ختم ٿي چڪا آهن. اوهان ان جي صحت مان اندازو ڪري چڪا هوندا، هي ڪامران آهي، جيڪو عزت ۽ شرافت سان شمائلہ سان شادي ڪرڻ جو خواهشمند هو پر غربت ۽ ذات پات جي فرق سبب رشتو گهري نہ سگهيو. ٻيو تہ شمائلہ پڻ پنهنجي ابي ۽ امڙ جي عزت رکندي کيس رشتو ڪٽي اچڻ لاءِ صاف انڪار ڪري ڇڏيو هو. جنهن ڪري اهو ڪجهہ ڪرڻ تي مجبور ٿيو. هن وقت معافي تلافي ٿي چڪي آهي. سڀ عمل ناڪارا ٿي چڪا آهن، اوهان سيني کي عرض ٿو ڪجي تہ سڀ ڏک ڏاکڙا وساري ڪامران جون غفلتون معاف ڪندي جيڪي شرط رکڻ چاهيو ٿا معلوم ڪري رشتو طئي ڪرڻ لاءِ سندس گهر وارن کي گهرايون؟ اجازت آهي؟ عرس فقير حاجن ۽ طارق سان مخاطب ٿيندي چيو.

طارق پنهنجي ڏيءَ جي ٻن سالن جي انتظار کان پوءِ بهتر حالت

ڏسي اصولن، هٺ ۾ نسلي متييد جا سڀ هٿيار ڦٽا ڪري حامر پري ته مونکي اهو رشتو قبول آهي.

سيئي پاڻ ۾ فرق مٽائي گهر جي ياتين جيان هڪ ٻئي سان پاڪر پائي مليا. شمائلہ تمام گهڻي خوش پئي نظر اچي. عرس فقير ڪامران کي اشارو ڪيو تہ هو جلدي ڪري پنهنجي گهر جا ياتي وٺي اچي.

ڪامران عرس فقير جي چوڻ تي هليو ويو.

ڪجهہ دير ۾ سادگيءَ واري انداز ۾ ڪامران پنهنجي امڙ، والد ۽ ٻن ڀينرن سان مٽائيءَ سميت پهچي ويو. طارق جي گهر ۾ وڏي عرصي کان پوءِ خوشيون موٽي آيون. ڪامران ۽ شمائلہ کي وڏي عزت ۽ احترام سان گڏ ويهاريو ويو. ٻنهين خاندان وارن هڪ ٻئي کي مٽائي کارائي. شمائلہ ۽ ڪامران جي شاديءَ جي ڳالهہ پڪي ٿي وئي. گهر ۾ سيني ياتين جا تهڪ گونججي رهيا هئا.

عرس فقير مٽائي کائي، سيني سان موڪلائي، شمائلہ جي متي تي شفقت منجهان هٿ رکي موڪلائي حاجن سان گڏ گاڏيءَ تي نڪري هليو.

نصيحت

ڪمري ۾ ٽالهي جي ڪاٺ مان خوبصورت گُلن جي گلڪاريءَ سان جڙيل پلنگ، الماري، صوفہ ۽ ڪمپيوٽر جي ٽرالي، فرش تي هلڪي آسماني رنگ جي ٽائل، ڪمري جي وچ تي وڇايل ايراني غاليچو، ڪمپيوٽر جي ٽرالي، ٽرالي تي رکيل اُڇو ۽ خوبصورت ليپ ٽاپ، ديوار ۾ لٽڪيل 50 انچن جي هڪ سمارٽ ايل.اي. ڊي. پلنگ تي ٻاراٽين ڪهاڻين ۽ لطيفن جا ڪتاب وکريل پيا هئا. ڪمپيوٽر جي ٽرالي تي ليپ ٽاپ جي چوڌاري راندين، گانن، ۽ فلمن جي سي ڊين جو وڏو ڍڳ ٽيو پيو هو. سهيل اوچتو پنهنجي ڪمري ۾ داخل ٿيو. ٽراليءَ تي رکيل سيڊيز جي ڍ ڳ کي ويتر ڦلهوري انهن منجهان پنهنجي يو. ايس. بي ڳولهڻ جي تڙ تڪڙ ۾ ائين پئي ڪوشش ڪيائين، جڙ سندس ڪنڌ جو جهاز پيو ٻڌيس ۽ هي ان جهاز جي بچاءَ جو سامان پيو تلاش ڪري. يو. ايس. بي ته نہ مليس پر ٽراليءَ تي رکيل ڪجھ سيڊيز ٽراليءَ جي پويان ڪري پيون، جن جي ڪيس ڪاخبر ئي ڪانہ پئي. سهيل کي ان وقت پنهنجي مقصد مطلب ته صرف يو. ايس. بي جي تلاش هئي، باقي ڪنهن ڪم جي ڪا بہ پرواهہ نہ هئي. سهيل جي هڪ هٿ ۾ موبائل هو ۽ ٻئي هٿ سان ڪمري ۾ رکيل مختلف شين کي اٿلائي پٿلائي رهيو هو. پر سندس ڏيان گهٽي قدر موبائل ڏانهن هيو سهيل جي يو. ايس. بي ۾ هڪ گانو هو، جيڪو هو ان وقت ٻڌڻ چاهي پيو. پر هو ننڍپڻ واري فطرت مطابق ڪنهن بہ شيءَ جي ڳولا ۾ ڪمري جي باقي شين کي ڄانوا ن ڏول ڪري ڇڏيندو هو. پر هميشہ شين ڳولهڻ ۾ ناڪام ئي ٿي ويندو هو. ٽيٽ سهيل جي امڙ ڪمري ۾ اچي اها شيءَ ڳولهي ڏئي صفائي ڪري بعد ۾ هلي ويندي هئي. ڪمري ۾ رکيل سهيل جو سامان جتي ۽ جهڙيءَ حالت

۾ هوندو هو ان کي کوبه هٿ نه لائيندو هو. ڇاکاڻ ته سامان ٺاهي رکڻ کان پوءِ ماءُ ءِ وڏي پيٽ سان ناراضگيءَ جو اظهار ڪندي اهو الزام لڳائيندو هو ته جيڪا شيءَ نه ٿي ملي سا اوهان جي ان حرڪت ڪارڻ نه ٿي ملي. جنهن ڪري ڪيترائي ڀيرا سهيل پنهنجي امڙ ءِ پيٽ سان بد اخلاقي ڪري چڪو هو. ان ڪري اڃلهه گهر جو ڪو به پاتي نه ان ڪمري ۾ داخل پيو ٿئي ءِ نه وري سامان سان ڇيڙ ڇاڙ پيو ڪري.

سهيل پنهنجي ڪمري ۾ ڪا به شيءَ ڊنگ سان نه رکندو هو. هڪ شيءَ جي ڳولا ۾ ڪمري ۾ موجود باقي سامان جو جڙ ٻچو رولي ڇڏيندو هو. بعد ۾ ان جو ذميوار وري به پنهنجي گهر پاتين کي سمجهندو هو. جنهن وقت ڪا شيءَ ڪا نه ملندي هئس ته ماءُ ءِ پيٽ سان روَيو اهڙو هوندو هيس. جيئن هڪ وياجي واٽيي جو سندس قرضيءَ جي قرض ءِ وياج نه ادا ڪرڻ تي هوندو آهي. گهر ۾ ان طرح جي روزاني حرڪتن ڪرڻ با وجود به سهيل ڪنهن به ڳالهه ۾ پنهنجي غلطي تسليم ڪرڻ پسند ئي نه ڪندو هو.

ماءُ، پيءُ جي ننڍپڻ کان وٺي دادلائيف ڪيس شعور، اخلاق ءِ تهذيب کان پوري طرح ڪورو ڪري ڇڏيو هو. سهيل جي ننڍپڻ کان وٺي هر هڪ سان بد سلوڪي ڪرڻ واري انداز جا ڪرٽا ءِ انهن جو اثر سهيل جي عمر مطابق هن وقت سندس گهر وارن جي دل کي تڪليف ڏئي رهيو هو. گهر جا پاتي ڪجهه ڪري به نه پيا سگهن. ڇاڪاڻ ته پنهنجي ئي ڀيرن تي پاڻ ڪهاڙو هڻڻ وارو ويڙ ڪنهن کي ڏيڪاري به نه پيا سگهن. ان ڪري صبر ءِ زهر جو ڀُڪ پي ڪري زندگيءَ جو گاڏو ڌڪڻ واري ڳالهه تي عمل ڪرڻ سيني جي مجبوري ءِ ٻيوَسي هئي. سهيل جي پيءَ (امجد) ءِ ماءُ (ڪُلثوم) جي وڏي عرصي کان پوءِ خواهش مطابق پُٽ جي اولاد عطا ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ اولاد جي سوپائٽي تربيت ڪرڻ وارو ڏاڻءُ بنهين جي ذهنن مان ائين نڪري ويو. جيئن چنڊ جي آخري تاريخن ۾ اڌ رات جو بند ڪمري ۾ برندڙ هڪ ميڙ بتيءَ جو اوچتو وسامڻ کانپوءِ ڪمري ۾ موجود انسانن جي اکين آڏو اونداهي ڇانئجي ويندي آهي. ڪجهه گهڙيءَ لاءِ ڪا به شيءَ نظرنه ايندي آهي. ان حالت ۾ انسان

ڪجھ گھڙيءَ لاءِ ذهني ۽ جسماني طور تي پوري طرح ڪمزور ٿي پوندو آهي. جنهن ڪري ڪو به فيصلو ڪرڻ جي صلاحيت کان محروم ٿي پوندو آهي.

سهيل شعوري ڀالهين کان بلڪل نڪور هو. ڪيس صحيح ۽ غلط جو، فائدي ۽ نقصان جو ڪو به ڏاڻ نہ هو ۽ نہ ئي وري ڪو احساس هو. هو جيڪي ڪجھ ڪري رهيو هو سندس نظرن ۾ اهو ئي بلڪل صحيح هو. باقي ڪو به ڪم ان جي آڏو ڪا به معنيٰ نہ رکندو هو. خاص طور تي نصيحت ڪندڙ انسان کي هو پنهنجو دشمن سمجھندو هو.

سهيل کي ان جي ڪمري مان يو. ايس. بي ٽہ نہ ملي پر ڪمري ۾ رکيل سامان ائين وکيري ڇڏيائين، جيئن ڪنهن ڀوٽ ۾ درياھ جي ڪناري تان گذرندڙ ٽريڪٽر يا ٽرالي ۾ ويٽل بنا رئي جي نوجوان ڇوڪريءَ جي ڪليل ۽ وڻن وارن جي حالت ٿي ويندي آهي. ڪمري ۾ سامان جو ڏيک اهڙيءَ ريت هو جيئن ٻن ڏاندن جو پاڻ ۾ ڇپر مٿان وڙھڻ کان پوءِ ڇپر يا گاھ جو عجيب منظر نظر ايندو آهي.

هن پيري ۾ سهيل هميشہ جيان يو. ايس. بي گُم ٿيڻ جو قصور وار پنهنجي والده ۽ پيءُ کي سمجھندي انهن ساڻ تمام گھٽي بد اخلاقي سان پيش ايندي نيٺ گھر کان ٻاهر نڪري ويو.

جمعي جو ڏينهن هو. جمعي جي نماز جي وقت ۾ ڪجھ دير باقي هئي، ڪنهن مسجد ۾ خطبو هلي رهيو هو ٽہ ڪنهن مسجد مان واعظ جو آواز ٻڌجڻ ۾ اچي رهيو هو. سهيل جيئن ئي ٻاهر نڪتو ٽہ سهيل جا ڪجھ پاڙيسري دوست جمعي جي نماز پڙھڻ لاءِ ويجي رهيا هئا. اُنهن سهيل کي ب نماز پڙھڻ لاءِ گڏ هلڻ جي صلاح ڪئي.

سهيل کين بعد ۾ اچڻ جو چئي ٽاري ڇڏيو ۽ پاڻ گھر ۾ اندر داخل ٿي پنهنجي ڪمري ۾ ٽوپيءَ جي ڳولا ۾ مصروف ٿي ويو. ڪجھ دير اڳ سهيل پاڻ ئي ڪمري جي سامان کي جھنجھوڑي ستيو ناس ڪري ڇڏيو هو. ان ڪري هن وقت ڪمري مان نماز واري ٽوپي ملڻ اتي مان وار ڳولھڻ جي برابر هو. سهيل جي ذهن مان اجا يو. ايس. بيءَ جي نہ ملڻ واري ڪاوڙ ختم ئي ڪا نہ ٿي هئي ٽہ وري ٽوپيءَ جي نہ ملڻ وارو ڏڇو. سهيل

جو غصو ويتر وڌي ويو. سندس حواس ڪم ڪرڻ ڇڏي ويا. ڏينهن جي روشنيءَ ۾ اڪين اڳيان اونداهه ٿي ويا. ماءُ ۽ پيءُ جي رشتي جي اهميت، قدر، اخلاق ۽ احساس وساري وينو. ٽوپي نه ملڻ جو قصور وار ماءُ ۽ پيءُ کي قرار ڏيندي انهن ساڻ ٻيهر بد اخلاقيءَ وارو رَوَيو اختيار ڪرڻ سان گڏ گهر جو ڪجهه سامان پيجي ٽُڪر ڪري تڪڙا قدم کڻي گهر کان ٻاهر نڪري مسجد ڏانهن نماز پڙهڻ لاءِ هليو ويو.

مسجد ۾ داخل ٿي وضو ڪري سهيل مسجد جي هڪ ڪنڊ ۾ وڃي ويهي خطبو ٻڌڻ لڳو. پيش امام جمعي جي خطبي کان اڳ جيڪو واعظ ڪري رهيو هو ان جو عنوان والدين جا حق هو.

جيڪڏهن اوهان پنهنجي والدين يا ڪنهن گهر جي وڏي سان بد اخلاقي ڪري بنا معافي گهرڻ جي ۽ پنهنجو ڏوهه يا پنهنجي غلطي تسليم نه ڪرڻ جي حالت ۾ مسجد ۾ اچي نماز ڏا پڙهو ته ياد رکو اهڙيءَ حالت ۾ اوهان جي نه نماز قبول ٿيندي ۽ نه ئي ڪا دعا قبول ٿيندي. چاڪاڻ ته رتُ جي رشتن جي وڏي خاصيت اِها آهي ته ڪير ڪنهن کي ڪيترو به رنجائي، تڪليف ڏئي، گهٽ وڌ ڳالهائي يا غلطيءَ سان ڪو معمولي نقصان پهچائي پر ڪڏهن به ان جي دل مان بد دعا نه نڪرندي آهي. رتُ جي رشتن ۾ هر انسان جي سوچ ۾ قدرتي طور تي صبر جو جذبو پريل هوندو آهي. خاص طور تي ماءُ، پيءُ، ياءُ ۽ پيءُ جو رشتو سچائي، خلوص، بي پناهه محبت ۽ همدردي جي جذبن سان سرشار هوندو آهي. ان حالت ۾ انسان کي صبر، سچائي، محبت ۽ مروت جو ناجائز فائدو نه وٺڻ گهرجي. وڌن جي دل آزاري نه ڪرڻ گهرجي، انهن جو رتبو عظيم آهي. اسان کي هڪ ٻئي سان پيار، محبت، خلوص، سچائي، ۽ عزت سان پيش اچڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان اسان جي ذهن ۾ اُها خصلت جنم وٺندي جنهن جي نتيجي ۾ اسين دنيا وارن سان پڻ ساڳيو ئي سُهڻو رَوَيو اختيار ڪنداسين. ان سُهڻي عمل سان نه صرف اسين دنيا ۾ عزت ماڻينداسين پر اسان جي زندگي پڻ پُر سڪون گذرندي. اهڙو عمل اختيار ڪرڻ سان الله جي ذات اسان تي مهربان ٿيندي. اسان جون دعائون قبول ٿيندين ۽ اسان تي رب جي ٻاجهه ٿيندي. مطلب ته الله جي ذات به

خوش ٿہ دنيا ۾ خوش.

پيش امام جي نصيحت جو هڪ هڪ لفظ سهيل جي ذهن ۾ ائين ڪُپي رهيو هو، جيئن سيمنٽ جي ٺهيل ديوار ۾ استيل جو ڪوڪو هٿوڙي جي ڏڪَ سان اندر داخل ٿي مضبوط ٿي ويندو آهي. سهيل پنهنجي گهر ياتين سان ڪيل غلط رَويَن تي پشيمان ٿي رهيو هو. سندس ضمير ڪيل غلطين تي ملامت ڪري رهيو هو. هن وقت سهيل جي ڪنن تي پيش امام جي نصيحت جو هڪ هڪ فقرو ۽ پنهنجي ضمير جو پڙلاءُ درياءَ جي ڪُن وٽان گُذرندڙ پاڻيءَ جيان وڏي تيزيءَ سان ڦري رهيو هو.

نيٺ پيش امام جي جي نصيحت جو اثر سهيل جي ذهن ۾ گهر ڪري ورتو ۽ ضمير جو پڙلاءِ سهيل پروڙيندي پنهنجي ڪردار ۾ تبديلي آڻڻ جو سهيل ان وقت کان ئي پڪو پهہ ڪري ورتو. خطبي کان پوءِ نماز پڙهي سهيل ٻہ رڪعتون نفل واسطي استغفار جي پڙهي الله جي حضور ۾ توبهہ تائب ٿيو.

دعا گهري گهر ڏانهن روانو ٿيو. سهيل جيئن ئي گهر ۾ داخل ٿيو تہ سندس ماءُ ۽ پيءُ جي لڳن مان ٻيهر ساهہ ڇڏائجي ويو. سُهيل جيئن ئي ماءُ جي ويجهو وڃڻ لڳو تہ سندس لڳن ۾ ڏڪڻي وڏي وئي. پر سهيل ماءُ جي ويجهو اچي، پنهنجا ٻئي هٿ ماءُ جي پيرن تي رکي زارو زار روئڻ لڳو. سندس زبان تي هڪ ئي جملو هو تہ امان مونکي معاف ڪر، آءٌ تنهنجو ڏوهي آهيان.

ماءُ تہ ماءُ ٿيندي آهي. هڪ سڪيلڏو پُٽ ۽ پيو وري روئندو ڏسي سندس هانءُ جهُري پيو.

ڪُلثوم سهيل جي ٻنهين هٿن کي پنهنجي پيرن تان هٽائي هيٺ فرش تي ويهي، سيني سان لائي، سهيل جي پيشاني چمي، سُڏڪا پريندي چيو پُٽ تون منهنجي هانءَ جو ٽڪرو آهين، پلا آءٌ تو سان ڪيئن ناراض ٿيندیس. ڪُلثوم جا ڳوڙها سندس ڳل آلا ڪري جهوليءَ ۾ ڪري رهيا هئا. ايتري ۾ لائٽ بٽ سيبيئي ڏک ڏاکڙا وساري سهيل کي پاکر پائي پنهنجي رئي جي هڪ ڪُنڊ سان سهيل جا لڙڪ اگهي پرچائڻ لڳي. پر ان جي اکين مان ٻہ لُڙڪ وهي آيا هئا. سهيل ماءُ ۽

پيٽ جون اکيون آليون ڏسي ۽ سندن هڪ پل ۾ سپ ڏک وساري ساڻن پيار ۽ محبت وارو رَوَيو ڏسي سُڏڪن ۾ پئجي ويو. سهيل پنهنجو سڄو هٿ پيٽ جي مٿي تي رکي، سندس ڳُلهن تي پنهنجو مٿو رکي، ٻئي هٿ سان ماءُ کي پاکر پائي ٻنهين سان مخاطب ٿيندي چوڻ لڳو تہ امان ۽ منهنجي پيٽ اڄ کان پوءِ سهيل اهو ڪندو جيئن اوهان چوندؤ. آءٌ اوهان کان سواءِ اڌورو آهيان. منهنجون خطائون معاف ڪيو.

خودڪشي

ڪمري ۾ پلنگ تي ڪتابن، نوٽسن ۽ مختلف سبجيڪٽن جي گائيڊبين جو ڍڳ هو ڪجھ ڪتاب پلنگ جي ٻنھين پاسن واري استولن تي رکيل ھئا تہ ڪجھ ڪتاب پلنگ جي سيراندي ڪان رکيل ھئا. پارس جا ٻارھين درجي جا سالياني امتحان ڏي رھيا ھئا. گذريل سال يارھين درجي جي سالياني امتحانن جو نتيجو 87 سيڪڙو اچڻ باوجود بہ سندس والده ۽ والد تمام گھٽي ناراضگيءَ جو اظھار ڪندي پارس کي گھٽ وڌ ڳالھايو ھو. ان کان سواءِ ڪيترن ئي ڏينھن تائين پارس سان ڳالھائڻ بہ بند ڪري ڇڏيو ھئائون. نہ ئي وري ڪنھن پارٽي يا ڪنھن خريداريءَ لاءِ ڪيس ونڊي ويڙھ پسند ڪندا ھئا.

پارس تمام سُلجھيل، فرمانبردار، محنتي ۽ متقي ڇوڪري ھئي. ھر ھڪ سان ڳالھائڻ وقت فصاحت ۽ بلاغت جو خيال رکندي ھئي. پارس جي ننڍ پڻ کان دلي خواهش ھئي تہ ھوءَ دين جو رستو اختيار ڪري، قرآن پاڪ حفظ ڪري مڪمل طور تي عملي زندگي دين اسلام جي طور طريقن مطابق بسر ڪري. سندس دلي خواهش ھئي تہ آڳ وقت جي ھڪ بهترين قرآن پاڪ جي حافظ ۽ دين جي مجيل عالمہ ٿي ڏيکاريندیس. پر سندس والدين پارس جي خواهش کي نا پسند ڪندي، پارس کي ڊاڪٽرياڻي بنائڻ جا خواهش مند ھئا. جنھن ڪري ٻارھين ڪلاس جو امتحاني نتيجو بهتر کان بهتر اچڻ لاءِ صبح ۽ شام پارس تي ذھني دباءُ وجھندا رھندا ھئا. پارس ذاتي خواهشن کي در گذر ڪندي ماءُ ۽ پيءُ جي خواهش جو مانُ رکڻ لاءِ انھن جي اميدن تي پورو لھڻ لاءِ ھر مُمڪن ڪوشش ڪري رھي ھئي. ان باوجود بہ سندس والدين ناراضگيءَ جو اظھار ڪندي چوندا ھئا تہ پارس اسان جي اميدن تي پورو لھڻ جي ھر گز ڪوشش نہ ڪجي.

دنيا جو هر ماءُ ۾ پيءُ پنهنجي اولاد کي ڪامياب ۾ خوشحال ڏسڻ جي خواهش رکندي اولاد جي بهتر کان بهتر تربيت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پر تربيت هڪ اهڙو مشڪل، پيچيده ۽ خاص عمل آهي، جنهن لاءِ والدين کي هر موڙ تي اولاد جي نفسيات کي سمجهڻو پوندو آهي. نه صرف سمجهڻ بلڪ برداشت ڪرڻ، پنهنجي جذبن جي قرباني، اولاد جا ناز نخرا ۽ سندن غلطين جي اصلاح لاءِ وقت ۽ عمر مطابق سوچي سمجهي قدم کڻڻو پوندو آهي. اهو ڏاڍو ۽ ڪنهن ڪنهن جي قسمت ۾ هوندو آهي. پارس جي ماءُ شبنم ۽ سندس والد راحيل پارس سان بي انتها محبت ڪندا هئا. پر ڪين تربيت ڪرڻ جو ڏاڍو بلڪل نه هجڻ ڪري پارس هميشه ذهني طور تي اُلجهيل ۽ پريشان رهندي هئي. اهڙيءَ حالت ۾ به پارس پنهنجي پريشاني ڪنهن کي به محسوس ٿيڻ نه ڏيندي هئي.

پارس جنهن وقت به ڪنهن سبجيڪٽ جو ڪتاب کڻي امتحان جي تياري ڪرڻ لاءِ ويهندي هئي ته سندس والدين پاران پوزيشن ماڻڻ وارو شرط ڪيس مايوس ۽ ڪمزور ڪري ڇڏيندو هو. هو ان ڳڻتيءَ ۾ پئجي ويندي هئي ته آءٌ ڪهڙيءَ ريت پنهنجي والدين جي ان خواهش کي پورو ڪيان، ياد ٿيڻ وارا جواب به ذهن ۾ ٽڪي نه سگهندا هئا. جڏهن ته پارس جو حافظو ننڍ پڻ کان تمام بهترين هو. هوءَ رات جو دير تائين ويهي امتحان جي تياري ڪندي هئي. ان دوران رات جي پوئين پهر ۾ جيڪڏهن سندس والد يا والده ڪمري ۾ داخل ٿيندي پارس کي پڙهندي ڏسندا هئا ته تمام خوش ٿي وڌيڪ محنت ڪرڻ جي تاڪيد ڪندي واپس پنهنجي ڪمري ۾ وڃي آرامي ٿيندا هئا.

پارس ننڍپڻ کان ونئي محنت ته تمام گهٽي ڪندي هئي پر اڄڪلهه سُنن نمبرن حاصل ڪرڻ جي ڳڻتيءَ ۾ رات جي وقت ويهاڻي ۾ مُنهن لڪائي پئي روئندي هئي. افسوس جو پارس والدين جي سڪيلڌي ڏيءَ ته هئي پر سندس اهو درد ونڊڻ ۽ سمجهڻ وارو ڪو به نه هو.

صبح جا 6 ٿي رهيا هئا. الارم جي وڄڻ تي پارس جي اک کلي.

پارس پنهنجي وکريل وارن جو چوٽوناهي مٿي تي رئور کي مختصر انداز ۾ تيار ٿي، ناشتو ڪري ڪاليج هلي وئي. اڄ ٻارهين ڪلاس جي شاگرديائين جو آخري پيپر هئڻ ڪري سپيئي شاگرديائيون تمام گهٽيون خوش نظر اچي رهيون هيون. پيپر جي پُڇاڻيءَ کانپوءِ ڪيترين ئي ڇوڪرين پاڻ ۾ گڏجي مختلف جاين تي ڪائڻ، پيئڻ ۽ تصويرن ڪيڙائڻ لاءِ پروگرام ٺاهيا هئا. انهن شاگرديائين ۾ گهٽي قدر اهڙيون ڇوڪريون به هيون جيڪي پڙهڻ ۾ بلڪل سنجيده نه هيون. بلڪ تفريح کي گهٽو پسند ڪندڙ هيون. مگر والدين پاران انهن مٿان ڪنهن به قسم جي ڪا به سختي نه هئڻ ڪري هو پر سڪون زندگيءَ جو مزو وٺي رهيون هيون.

پارس پيپر ڏئي پنهنجي سهيلين سان بنا موڪلائڻ جي خاموشيءَ سان رڪشه ۾ ويهي گهر اچي پهتي.

پارس کي ماءُ ۽ پيءُ پاران گهر ۾ هر قسم جي آسائش هئي پر ذهني دٻاءَ سبب پارس لاءِ اهي سڀ آسائشون بي معنيٰ ۽ بيڪار هيون. ڇاڪاڻ ته انسان جڏهن ذهني طور تي پريشان يا جسماني طور تي بيمار هوندو آهي ته دنيا جي ڪا به شيءَ کيس نه وڻندي آهي. انهن ٻنهين مان وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ ذهني پريشاني هوندي آهي. ذهني پريشاني انسان لاءِ هڪ اها مصيبت آهي جنهن جي ڪري انسان ان پريشانيءَ جو حل تلاش ڪرڻ جي صلاحيت کان مڪمل طور تي محروم ٿي ويندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ ان انسان جا ساٿي، دوست، مِٽ مائٽ، پيئر، پائر، ماءُ ۽ پيءُ ان پريشانيءَ کان نجات ڏيارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن. پر پارس جي زندگيءَ ۾ پريشاني پيدا ڪرڻ وارا ئي سندس ماءُ ۽ پيءُ هئا ته پوءِ مدد ڪري ته ڪير ڪري؟ پارس ته سڪيلڏي هئي، نه ياءُ ۽ نه ئي سندس ڪا پيڙ هئي. پارس جسماني طور ته صحتمند هئي پر ذهني طور اُلجهيل ۽ هڪ اهڙي ڳٽتيءَ جو شڪار هئي، جيڪا کيس اندر ئي اندر ۾ اُڌهيءَ جيان ڳاري رهي هئي.

ٽن مهينن کانپوءِ اخبارن ۽ ٽيليويزن ذريعي خبر پئي ته پهرين تاريخ تي ٻارهين درجي جو امتحاني نتيجو پڌرو ڪيو ويندو. شاگرد

پنهنجو امتحاني نتيجو بورڊ جي ويب سائيٽ تي ڏسي سگهن ٿا. امتحاني نتيجو صبح جو نيڪ ڏهين بجي پڌرو ٿيڻو هو. راحيل ۽ شبنم کي نتيجي جي تمام گهڻي بي چيني هئي، پر پارس کي بي حد ڳڻتي هئي.

صبح جو ناشتو هڪ ڊائننگ ٽيبل تي سڀئي گڏجي ڪري رهيا هئا.

پارس! آءٌ آفيس ۾ ئي اوهان جو امتحاني نتيجو چيڪ ڪندُس. اميد آهي ته اوهان محنت مطابق ضرور 90% ماڻيندا. راحيل خوشيءَ منجهان وڏي فخر سان پارس کي چيو.

ها ها ڇو نه اسان جي پارس راتين جون راتيون اوجاڳا ڪري محنت ڪئي آهي ايترا نمبر ته ضرور لهڻي. شبنم ٻنهين سان مخاطب ٿيندي چيو.

ها بابا سائين، اوهان جون دعائون مونکي ضرور ڪامياب ڪنديون. پارس ظاهري طور خوشيءَ جو اظهار ڪندي چهري تي زبردستيءَ واري مُرڪ سجائي والدين کي جواب ڏنو.

ناشتو ڪري راحيل پنهنجو ٿيلهو کڻي آفيس هليو ويو. شبنم گهر جي ڪم ڪار ۾ مصروف ٿي وئي. پارس پنهنجي ڪمري ۾ ليپ ٽاپ تي انٽرنيٽ ذريعي ڪجهه معلوماتي ڳالهيون نوٽ ڪندي رهي.

منجهند جا ٻه ٿي رهيا هئا. شبنم کي اوچتو ذهن ۾ ڳالهه آئي ته پارس کان امتحاني نتيجو معلوم ڪري اچان.

اهو سوچي شبنم، پارس جي ڪمري وٽ پهتي ته دروازو اندران بند هو. شبنم دروازو کڙڪايو، پر ڪو به جواب نه مليو. بعد ۾ شبنم زور زور سان سڏ ڪرڻ لڳي پر ڪو به جواب ڪونه مليو.

پارس جيڪڏهن امتحاني نتيجو نامناسب آيو آهي ته اهو ڪو لکڻ يا بچڻ جو طريقو نه آهي. مونکي پريشان نه ڪر، جلدي در کول، شبنم ڪاوڙ ۾ دروازي ٻاهران پارس سان مخاطب ٿيندي لفظ دهرايا. ايتري ۾ راحيل به گهر پهچي ويو. پر راحيل تمام غم ۽ غصي جي حالت ۾ هو. شبنم کي پارس جي ڪمري ٻاهران در تي بينو ڏسي بنا ڪنهن

سبب معلوم ڪرڻ جي شبنم سان مخاطب ٿيندي پنهنجي دل جي پڙاس ڪيڻ شروع ڪيائين.

اسان کي ان چوڪريءَ مان جيڪي اميدون هيون سي پاڻيءَ منجهه ملي ويون. مونکي اڳ ئي اهو شڪ هو تہ ان چوڪريءَ کي پڙهڻ جو ڪو بہ شوق نہ آهي. هي جيڪي رات جو دير تائين ويهي ڪتابن جا ڍير رکي پڙهڻ جا ڍراما ڪندي هئي سي صرف ڏيکاءُ هيو. راحيل اڇڻ سِت مسلسل ڳالهائيندو رهيو. شبنم کان پارس جي ڪمري ٻاهران بيهڻ ۽ دروازو بند رهڻ جو سبب بہ معلوم ڪرڻ پسند نہ ڪيائين. نہ ئي وري شبنم کي ڳالهائڻ جو موقعو ڏنائين.

نيٺ! شبنم زور سان رڙ ڪري، (خاموش) چئي. اوهان پنهنجا مسئلا بعد ۾ بيان ڪريو. پارس صبح کان ڪمري ۾ بند آهي، نہ دروازو پئي کولي ۽ نہ ئي ڪو ورلي جواب پئي ڏئي. شبنم، راحيل ڏانهن غصي مان نهاريندي چيو.

پارس! جيڪڏهن توکي ناهي پڙهڻو تہ سڏي ڳالهہ ڪر. اسين توکي نہ پڙهائيندا سين، باقي اهو طريقو بهتر نہ آهي اسان کي ان ڳالهہ تان هٽائڻ جو. دروازو کول تہ بهتر ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ آءٌ ڄاڻان ٿو تہ تو امتحانن ۾ 86 سيڪڙو ڪٽئي آهي. جيڪا اسان جي خواهش مطابق نہ آهي. لکڻ مان ڪو بہ فائدو حاصل نہ ٿيندو. بس! تون وڌيڪ پڙهڻ جي لائق نہ آهين. راحيل دروازي ٻاهران پارس سان غصي ۾ مخاطب ٿيندي چيو.

راحيل جي خواهش مطابق رزلٽ نہ اچڻ سبب ڪيس گهٽي ڪاوڙ هئي، وري گهر ۾ پارس جي ڪمري جو در بند هئڻ تي بنا ڪنهن سبب معلوم ڪرڻ يا سوچڻ جي ان جي ڪاوڙ تمام وڌي وئي. مسلسل دروازو کڙڪائڻ ۽ پارس پاران جواب نہ ملڻ واري ڳالهہ نيٺ راحيل ۽ شبنم کي حقيقت سمجهڻ تي مجبور ڪيو. راحيل ۽ شبنم ٻئي حيران ٿي هڪ ٻئي کان اهو سوال ڪرڻ لڳا تہ آخر ڪار پارس جواب چو نہ پئي ڏئي؟ ڇا ڳالهہ آهي؟. نيٺ! راحيل ڪمري جو لاڪ پيجيو دروازو کولي جيئن ئي ٻئي اندر داخل ٿيا تہ سامهون پکي ۾ پارس جو لاش لڙکي رهيو هو.

سندس ساهه جو پکي آکيري مان نڪري پرواز ٿي چڪو هو. راحيل ۽ سندس زال جي جسم مان اڏ ساهڙ ڇڏائجي ويو. سندن ارمانن ۽ خواهشن جي باغ ۾ اوچتو خزان جي موسم جون گرم ۽ خشڪ هوائون گهلڻ لڳيون. حيرت منجهان ٻنهين کان رڙ نڪري وئي. شبنم رڙ ڪري هيٺ فرش تي ڦهڪو ڏئي ڪري پئي. ڪرڻ سان ڪيس ڏندڻ پئجي ويا. راحيل لاش جي پر ۾ روڄي ڏنو ته ٽرالي ۽ تي رکيل ليپ ٽاپ آن هيو. ليپ ٽاپ جي پر ۾ هڪ خط رکيل هو. راحيل اهو خط کنيو ته ليپ ٽاپ سان گڏيل مائوس جي ڇُرڻ سان اسڪرين ظاهر ٿي. اسڪرين تي پارس جو امتحاني نتيجو نمايان هو. راحيل خط کولي ڏنو ته. اُن ۾ لکيل هو.

مانوارا بابا سائين،

آءٌ سمجهان ٿي ته آءٌ جيڪو قدم کڻي رهي آهيان، ان سان اوهان کي تڪليف ضرور ايندي ۽ آءٌ به پنهنجي آخرت ڪاري پئي ڪيان. پر ڇا ڪيان منهنجي ڪو ٻڏڻ وارو ئي ڪو نه هو. آءٌ مسلسل سوچي سوچي تنگ اچي وئي هئس. بابا جڏهن ڪنهن سان پيار ڪجي ته ڪيس سوچڻ ۽ مرضيءَ مطابق دائري اندر زندگي گذارڻ جي به آزادي ڏيڻ گهرجي. بيشڪ اولاد جي تربيت ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته تربيت کان سواءِ اولاد اڌوري آهي ۽ اولاد جي بهتر تربيت والدين کان وڌ ڪو ٻيو نه ٿو ڪري سگهي. پر پيار ۾ اولاد کي پنهنجي خواهشن جي آڙ ۾ غلام بنائي نه رکجي، پنهنجي خواهشن جي جار ۾ قيدي بنائي نه رکڻ گهرجي. اهو پيار نه بلڪ اولاد کي ذهني مريض بنائي رکڻ جي هڪ ڪوشش آهي جيڪا اوهان کي زندگيءَ جي ڪنهن به موڙ تي سمجهه ۾ نه آئي.

آءٌ اوهان جي خواهشن جو احترام ڪندي پنهنجي خواهشن جو هر موڙ تي ڳلو دٻائيندي رهيس، جيترو ٿي سگهيو مون هڪ فرمانبردار نياڻي ٿيڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي. بابا سائين امتحان ۾ محنت ڪرڻ جيترو منهنجي وسَ ۾ هو آءٌ وسان نه گهٽايو. پر رزلٽ منهنجي وس جي ڳالهه نه هئي. جنهن ڪري آءٌ اوهان جو ٽاگيٽ پورو ڪري نه سگهيس، مونکي خبر آهي اوهان منهنجي ان رزلٽ تي مونکان ناراض ٿيندا، ان کان اڳ جو اوهان مونکان ناراض ٿيو. آءٌ پنهنجو انتُ ٿي

آڻيان. نہ هوندس ۽ نہ ئي اوهان جي نافرماني ڪري اوهان جي بار بار دل ڏکوئيندس.

ٿي سگهي تہ اوهان منهنجي هيءَ نا فرماني معاف ڪندا.

اوهان جي نافرمانبردار ڌيءَ

پارس

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پٽ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پٽ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پٽ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نيائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book



محترم گل محمد سومرو اسان جو پيارو دوست هڪ سلجهيل ۽ سمجهدار انسان آهي. سندس واسطو پڙهائڻ واري پاڪ پيشي سان آهي. گذريل 25 سالن کان ڪراچيءَ جي مختلف ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ پڙهائيندو رهيو آهي ۽ پنهنجي خداداد لياقتن سان سنڌ جي نوجوان شاگردن کي تعليم، تعظيم ۽ تربيت ڏيندو رهيو آهي. مونکي تمام گهڻي خوشي انهيءَ ڳالهه جي آهي ته گل محمد سومرو صاحب دنيا جي هڪ جڳ مشهور مان واري تعليمي اداري آڪسفرڊ يونيورسٽي پريس سان پڻ لاڳاپيل رهيو آهي. آڪسفرڊ يونيورسٽي پريس دنيا جي انهن تعليمي ادارن مان هڪ آهي، جنهن سڄي دنيا ۾ خاص طور تي ترقي پذير ملڪن ۾ تمام وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. گل محمد سومري صاحب ٻين لکڻين کانسواءِ ادب جي هڪ اهم صنف ڪهاڻي تي پرپور نموني طبع آزمائي ڪئي آهي. ڪهاڻي دنيا جي ادبي صنفن مان هڪ سر موڙ صنف آهي. جنهن دنيا جي معاشري ۾ ڪافي اثر پيدا ڪيا آهن. هن ڪتاب ۾ سومري صاحب جون ڪهاڻيون معاشري جي چرڪائيندڙ صورتحال جي عڪاسي ڪن ٿيون. سومرو صاحب ليکڪ ۽ مصنف هجڻ سان گڏ شاعر پڻ آهي. پاڻ سنڌي ٻولي ۽ گرامر جي پڻ سڃاڻ رکي ٿو. پاڻ ڪمپيوٽر جي سنڌي سافٽ ويئر جو ٽرينر ۽ آل سنڌ پرائيويٽ اسڪول ٽيچرز ايسوسيئيشن جو چيئرمين پڻ آهي. پاڻ اعليٰ تعليم يافته استاد پڻ آهي. آءٌ اميد ڪيان ٿو ته سائين پنهنجي علم، عمل ۽ عقل سان اسان جي نوجوانن لاءِ مستقبل ۾ ڪارائتا ۽ ڪارآمد ڪتاب ڏيندو رهندو.

دعاگو

پروفيسر اعجاز احمد قريشي